ڏات جي ڏيهہ جو جاڪوڙي جوان

(محبوب علي محبوب ڏيپر
جي شخصيت ۽ ڪردار)



محقق

مولانا اعجاز علي سوڍر

ڏات جي ڏيهہ جو جاڪوڙي جوان

محقق

مولانا اعجاز علي سوڍر



مولانا اعجاز علي سوڍر هڪ بهترين ڪردار ۽ حليم گفتار جو مالڪ آهي. پاڻ مسلسل عالمن سڳورن، اديبن ۽ سماجي خدمتگار شخصيتن جي سوانح حيات ۽ خدمات کي قلمبند ڪري نئين نسل کي پنهنجن وڏڙن جي احوال کان آگاهہ ڪرڻ جي ڌُن ۾ مگن رهي ٿو ۽ نئين نسل کي اتساهي ٿو تہ هو انهن جي نقش قدم تي هلي عوام جي خدمت ۽ علم جي روشني ڦهلائڻ لاءِ انهن جي حيات منجهان رهنمائي وٺن.

مولانا اعجاز علي سوڍر ہ ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا " ۽ "مولانا حبيب حضوري جي ديني علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو" لکي پنهنجي قلم کي اڳ ۾ ئي مڃرائي چڪو آهي. سندس هي ٽيون ڪتاب " ڏيهہ جي ڏات جو جاڪوڙي جوان" ميهڙ جي عظيم سگهڙ شاعر ۽ عمده ڪردار واري بزرگ شخصيت جي فن، فڪر ۽ سوانح تي مبني آهي. سندس لکڻي پنهنجي وڪالت پاڻ ڪري ٿي تہ اها ڪهڙي درجي جي آهي. پاڻ Ph.D اسڪالر آهي. سنڌ جي عظيم علمي شخصيت قاري محمد ڏيرو صاحب جن تي M.Phil جي ٿيسز لکي اٿائين. سندس لکڻ جو انداز ٻين کان نرالو نظر اچي ٿو. ڪيس بزرگن، اهل علم ۽ سماجي شخصيتن سان دلي لڳاءُ آهي. سندس هي ڪتاب ہ انهي دلي لڳاءُ جو نتيجو آهي. دعا آهي تہ سندس هن قلمي پورهئي منجهان علمي ماڻهو ۽ عوام لاڀ حاصل ڪن. اميد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ سندس قلمي پورهيو تاريخ ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندو ۽ ميهڙ جي مينديءَ جهڙو رنگ ۽ هڳاءُ پکيڙيندو.

محمد موسىٰ ڪوسو
پرائمري اسڪول ٽيچر
فريدآباد/ ميهڙ

بسم الله الرحمن الرحيم

ذات جي ڏيھ جو جاڪوڙي جوان


(محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي شخصيت، فن ۽ ڪردار)

محقق

مولانا اعجاز علي سوڍر "انمول"

چپائيندڙ

(Society for People's Education & Environment Development)



(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم – ميهڙ(SPEED))

2022ع

ڪتاب جو نالو : ذات جي ڏيھ جو جاڪوڙي جوان
(محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي شخصيت، فن ۽ ڪردار)
محقق / ليکڪ : مولانا اعجاز علي سوڍر "انمول"
ڇاپو پهريون : اپريل 2022ع
ڪمپوزنگ : محمد موسيٰ ڪوسو
ٽائٽل / لي آئوٽ : اظهر سولنگي (آدرش پرنٽرز ميهڙ)
تعداد : 500 پنج سو
ڇپائيندڙ : (SPEED)
(Society for People's Education & Environment Development)
(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم – ميهڙ)
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز- حيدرآباد
قيمت : 600 روپيا

ارپنا

مان پنهنجي هن ڪاوش کي پنهنجي محسن مرحوم ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر شهيدؒ جي نانءُ ڪريان ٿو. جنهن مون کي پنج سال پنهنجي سايئہ شفقت ۾ ننڍي ڀاءُ جي حيثيت سان رهڻ جو موقعو ڏنو. الله رب العزت کيس جنت الفردوس ۾ اعلیٰ مقام عطا فرمائي. آمين

يا ذاالذى ولدتك امك باكيا

والناس حولك يضحكون سرورا

فاحرص على عمل تكون به متى

يبكون حولك ضاحكا مسرورا

حضرت علي بن أبي طالب رضى الله عنه.

یاد کر وہ دن تو روتا ہوا آیا تھا، اس دنیا میں ننگا آنا تھا،

سارے خوش ہو رہے تھے تو رو رہا تھا، مجبور تم کو آنا تھا،

کیوں اتنا غرور ہے تم کو اس صورت فنا پر، سراپا فخر بنا ہے،

کیا ہوس ہوئی دنیا کی گندگی کی، قبر کے اندر تو آنا تھا۔

اعجاز علی سوڈھر" انمول"

فهرست

محبوب ڏيپر کي خراج تحسين

”محبوب“ محبت مِثالي ماڻِي
همٿ هشمت هيمو هاڻِي
ڪُلفت ڪُدورت ڪِينو ڪونهي
سراسر سچائي سندس ساڻِي
انسانيت الڪو اهڙو اٿس
پيار پريت پيش پيس
دِيد دهشت دليري ديندار
چاهت چاشني چارو چار
واندو ويهڻ وقت وڃائي
ريت رسم روح ريجهائي
بيت بندگي بچيل باقي
سچ سُونهن سِيرت ساقي
ٻين ٻُڌائي ٻولي ٻيجل
جيڪو جياري جِيون جِيجل
تيز تحريڪ تلوار تِيرن
مُونجهه مِٽائي منهنجي مِيرن
ڏيپر ڏاهي ڏيهه ڏيکاريو
سُهڻل سُريلو سبق سيکاريو
ڌرتي ڌاريو ڌِڪيلي ڌِڪجي
انمول اهڙن اوتارن اڇجي
سوڍو سِڪندي سال ساريان
محبوب مليو مُونجهه ماريان

اظهار تشڪر

مان پنهنجي مالڪ ۽ خالق جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن مون کي علم جي نعمت سان نوازيو ۽ ڪجهه لکڻ جو ڏانءُ عطا فرمايو. الله رب العزت جي فضل سان منهنجي هن ڪم کي پايهٔ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ جن دوستن سهڪار ڪيو، مون کي حوصلو ڏنو، منهنجي رهنمائي ڪئي، پنهنجن قيمتي مشورن سان نوازيو انهن سڀني جو نهايت شڪر گذار آهيان. انهن دوستن ۾ ميهڙ جي عظيم علمي شخصيت حضرت مولانا عبدالقيوم ”جوهر“ بروهي، اسلامي اسڪالر حافظ امجد علي هالو، سائين محمد موسىٰ ڪوسو، ڀائو رستم علي لاشاري، زاهد ابڙو، ديدار ”شاد“ گوپانگ، ڀائو ذوالفقار علي عباسي، ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر صفدر نواز پٽي ۽ احمد رضا آگرو جو خاص طور تي شڪريو ادا ڪريان ٿو جن مون سان هن علمي خدمت ۾ ڪڏهن به بخل کان ڪم نه ورتو بلڪ کليل دل سان سهڪار ڪيو. مان پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر الله بخش سوڍر جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن مون کي علمي خدمت جو درس ڏيڻ سان گڏ حوصلو به ڏنو ته اخراجات ۾ به احسان ڪيو. مان پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر خير محمد سوڍر جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو. مان ميهڙ جي مانائتي شخصيت جنهن جا ڪرم ڳڻڻ شروع ڪريان ته شايد ڪئي صفحات پرڻ کان بعد به دل کي اها تسلي نه ملي سگهي، جيڪا شخصيت منهنجي حوصلا افزائي ۾ سڀني کان سَرس رهي، منهنجي اصلاح ڪئي، مون کي همٿايو، مون کي لکڻ لاءِ هميشه اڪسائيندي رهي، حوصلو ڏيندڙ

عظيم علمي شخصيت، منھنجي لاءِ پنھنجي دل جا دروازا ھر وقت کولي رکيائين، مون کي ڏسي خوش ٿي ھر بار حوصلو وڌائڻ جي جستجو ڪيائين، مون تي پنھنجو ڪافي وقت بہ خرچ ڪيائين تہ پئسو بہ. اھڙي شخصيت ميھڙ وارن لاءِ نعمت عظمىٰ سمجھان ٿو. اھڙي شخصيت جي جيتري بہ تعريف ڪريان تڏھن بہ دل مطمئن نہ ٿيندي. انھيءَ شفقت جو سايو پنھنجي مٿان رب جي رحمت سمجھان ٿو. اھا شخصيت سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جن آھن. الله رب العزت سندن عمر، صحت، علم، عمل، ملڪيت ۽ صحت ۾ برڪتون پري. آمين. مان سائين جن جو تھہ دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو. آخر ۾ دعائن جي درخواست ڪندي اھو بہ عرض ڪندس تہ اگر ڪنھن دوست کي منھنجي لکڻ ۾ ڪا ڪَمي ڪوتاھي نظر اچي تہ درگذر کان ڪم وٺي يا مون کي اصلاح جي نيت سان آگاھ ڪري.

سنڌي پنھنجي سونھن وڃائي وينا،
لالچ پنيان جو لاھي پاھي بينا،
حيف آ اھڙن ماڻھن کي،
جيڪي اھليت پنھنجي ڊاھي وينا.

ڪنھن کي چريو ڪيو حُسن آ
ڪنھن ڪيو حُسن کي چريو آ
ڪنھن حُسن خاطر دنيا ڇڏي
ڪنھن خاطر حُسن مَريو آ

اعجاز علي سوڍر ”انمول“

پنھنجي پاران

الحمدلله رب العالمين والصلواة والسلام علىٰ رسوله الڪريم اما بعد:

قدرت جي ھن ڪارخاني ۾ ڪو بہ بيڪار تخليق ٿيل نہ آھي. ھر ھڪ ڪنھن نہ ڪنھن مقصد خاطر جنم وٺي ٿو. اسان جي ميھڙ جي مِير ماڻھن جي مالھا منجھہ جيڪي موتي پوئيل آھن انھن جي عظمت کي ڏورانھن علائقن بہ مڃيو. ھنن جوڌن جي ڪاوشن کي تاريخ سلام ڪيو آھي. ھنن جوڌن جي سَنِيھن کي ايندڙ نسل تائين رسائڻ ان دور جي علمي ماڻھن جو فرض ھو. انھيءَ فرض منجھہ سُستي ۽ ڪاھلي سبب اسان جا اھي ڪافي مِير تاريخ جي ورقن ۾ شامل نہ ٿيڻ ڪري پنھنجي ايندڙ نسل کان بہ وسريل رھيا. اگر سُستي نہ ڪئي وڃي ھا تہ اسان جا جوڌا اسان جي ذھنن ۽ دِلين ۾ اڄ بہ زندھ رھي اسان لاءِ مشعل راھ ھجن ھان. وري بہ انھن قلم ڌڻين جون مھربانيون جن پنھنجن قلمن جو رُخ انھن مِير مجاھدن جي خدمات کي رقم ڪرڻ طرف موڙي اسان لاءِ مثالي زندگين جا نمونا پيش ڪيا. انھيءَ ڳالھہ جي کوٽ کي محسوس ڪندي مون ناچيز بہ اھڙي جسارت ڪرڻ جي جرئت ڪئي. اھا خبر خوب ھئم تہ منھنجي قدم کڻڻ جي دير آھي باقي نيڪ نيتي ۽ سني مقصد ۾ نصرت الاھي ضرور ساٿ ڏيندي. الحمدلله اھو تجربو بہ ٿي ويو اٿم ۽ ڪجھہ سفلتا ملڻ جي مِھر بہ مون مٿان ٿي آھي. انھيءَ خدمت جي سلسلي ۾ پنھنجي پھرين

ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" ۾ 110 شخصيات، ڏاهوڪن تحقيقي آرٽيڪلن ذريعي، هڪ ڪتاب "مولانا حبيب حضوري جي ديني علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو" ۽ هن ڪتاب "ڏات جي ڏيهه جو جاڪوڙي جوان" جي ذريعي انهيءَ خدمت ۾ اڳرائي ڪري ورتي اٿم ۽ پذيرائي ملڻ ڪي پنهنجي محنت جو قدر ۽ مالڪ جي مِهر سمجهي شڪر بجا آڻيان ٿو. هن خدمت جي ڪري ڪافي عزت ملي اٿم، جنهن سبب اجان وڌيڪ خدمت لاءِ اتساهه ۽ حوصلو پيدا ٿيو آهي. منهنجي قلمي پورهئي ۾ جن ماڻهن مون ڪي همٿايو ۽ پنهنجي سهڪاري ذهن سبب هر قسم جي رهنمائي ڪري هر بار نئون جذبو جاڳايو اهڙن ماڻهن جي ڪوٺ بہ محسوس ڪونہ ٿي. مان پنهنجي خدمت ۾ ڪيترو سچو ۽ نيڪ نيت آهيان؟ اهو معاملو منهنجي ۽ منهنجي خالق جي درميان آهي، باقي مان پنهنجي انهي خدمت ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ٿيو آهيان، اهو قارئين تي منحصر آهي تہ هو پڙهي پوءِ پاڻ فيصلو ڪري سگهندا.

هر انسان جي سوچ جو نظريو پنهنجو هوندو آهي. هر انسان جي پسند بہ الڳ الڳ ٿئي ٿي. منهنجي پنهنجي سوچ پنهنجي قيمتي سرماين جو سندن زندگيءَ ۾ ئي قدر ڪرڻ ۽ ڪين حياتيءَ ۾ ئي ڪجهه موٽ ڏيڻ جي حامي رهي آهي. انهيءَ سوچ ڪي عملي جامو پهرائڻ لاءِ مون قلم ڪنيو. هر ڪنهن شخص ڪي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ڌرتي ماتا سان فطري لڳاءُ ۽ محبت هوندي آهي. انهيءَ ڪري مون پنهنجي ميهڙ جي مٽيءَ جي پيداوار کان شروعات ڪئي. الحمد لله مون پنهنجو پهريون ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا " جيڪو ميهڙ جي شخصيتن جي سوانح ۽ خدمات

تي مبني موضوعن جو مجموعو آهي ۾ اڌ اسان ڪان وڇڙي ويل بزرگن تي مشتمل رکيم تہ وري اڌ حصو زنده سرماين تي. انهيءَ ڪان پوءِ مولانا حبيب حضوري صاحب جن تي هڪ مڪمل ڪتاب آڻي چڪو آهيان. منهنجو هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن منجهه آهي اهو بہ ميهڙ جي عظيم سگهڙ شاعر شخصيت محترم محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي سوانح، خدمات ۽ فن تي مشتمل آهي. ايئن بہ هرگز نہ آهي تہ مون صرف ميهڙ جي ماڻهن ڪي ئي مَهان مڃيو آهي، پر الله رب العزت جي فضل و ڪرم سان مولانا حماد الله هاليجوي، مولانا محمود اسعد هاليجوي، مولانا عبدالڪريم قريشي پير شريف وارو، مفتي ڪريم بخش مگسي، حاجي رسول بخش ڏيرو، مولانا عبدالڪريم ڏيرو ۽ رئيس شمس الدين بلبل تي پنهنجا تحقيقي مضمون بہ لکي چڪو آهيان. بس اها اميد اٿم تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن پنهنجي مالڪ اڳيان ايترو چوڻ جي لائق بڻجي سگهان تہ سائين مون وٽ پنهنجو پيو ڪو خاص عمل تہ آهي ڪونہ، باقي تنهنجي بندن منجهان ڪجهه تي قلم ڪڻي انهن جو پيغام ايندڙ نسل تائين منتقل ڪرڻ جي اڻ پوري ڪوشش ڪئي اٿم. انسان مختلف شوق ۽ مختلف مصروفيات رکي ٿو. ڪو ڪهڙي شوق ۾ آهي تہ ڪو وري ڪهڙي شوق ۾. ڪنهن جي ڪهڙي مصروفيت آهي تہ وري ڪنهن جي ڪهڙي مصروفيت. منهنجو شوق سمجهو يا مصروفيت پر ڪجهه نہ ڪجهه لکڻ منهنجي عادت بڻجي چڪي آهي. اها ئي منهنجي تمنا آهي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو ڪم ڪري سگهان جنهن جي طفيلي پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪو ڪارگر ڪم ڪندڙ ثابت ٿيان. جيئن

محبوب ڏيپر چيو تہ آءٌ غريب آهيان، پنهنجي مسڪين ماروئڙن لاءِ ڀيو ڪجھ ڪري نہ ٿو سگهان پر ايترو تہ ڪري سگهان ٿو جو پنهنجي ماروئڙن جو وڪيل بڻجي واڪا ڪريان. گهڻ ۾ گهڻ موت کان بعد ڪن ماڻهن جي دلين ۾ سٺن لفظ جي صورت ۾ ڪجھ وقت ئي سهي پر زندھ رهان. مون بہ محبوب ڏيپر جي طرز اپنائي تہ موت مقدر آهي، هڪ ڏينهن هن جهان منجهان موڪلاڻي ضرور ٿيندي، پوءِ موت پڇاڻان مرڻ مون کي بہ منظور ناهي. موت کان پوءِ بہ ڪجھ وقت زندھ رهڻ جي خواهش اٿم. انهيءَ تمنا جي تڪميل جي سلسلي ۾ قلم سان ناتو جوڙيم. انهيءَ ڪري پنهنجي علم ۽ استعداد موجب لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. الله رب العزت کان اها ئي دعا گهرندو آهيان تہ قلم سان منهنجو ناتو موت تائين جڙيل رهي. آمين.

اعجاز علي سوڍر
پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ
Aijazsodhar58@gmail.com
0301-3349366
0346-3087790

ڪوئي حُسن جي خاطر چريو بڻيو
وري ڪنهن خاطر حُسن چريو بڻيو
ڪنهن کي حُسن هٽي گل ٿو
ڪنهن کي وجي حُسن پٿر هٽيو
اعجاز علي سوڍر "انمول"

هماليہ جيڏو حوصلو رکندڙ سنڌ جو عظيم سگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر

دنيا ۾ رهندڙ جن ماڻهن ۾ ادب، اخلاق ۽ ڀين جو احساس نہ هجي ۽ سندن ذاتي زندگيءَ ۾ بہ ڪو خاص ڪردار نہ هجي ۽ سماج ۾ ٿيندڙ هر ظلم ۽ برائيءَ جي ڪا بہ پرواھ نہ هجي. مان انهن ماڻهن جي اجائي تعريف ڪرڻ يا ٻڌڻ هرگز پسند ناهيان ڪندو، پوءِ چاهي اهي ماڻهو عام خاص هجڻ سان گڏوگڏ اسپورٽس، شوبز، علم ادب يا دنيا جي ڪنهن بہ فيلڊ سان جڙيل يا اعلىٰ درجي جي شخصيت ڇو نہ رکندا هجن.

حقيقت بياني گلا ٿي پوي ٿي،
حقيقت پسندي ثنا ٿي پوي ٿي،
ڪجي ڪيئن استاد ڪاڏي وڃجي،
حقيقت لڪائڻ خطا ٿي پوي ٿي.

جيڪي ماڻهو پنهنجي لاءِ سوچيندا ۽ پاڻ تائين محدود هوندا آهن تاريخ انهن کي ڪڏهن بہ ياد ناهي ڪندي. جيڪي ماڻهو ملڪ، قوم ۽ ڀين لاءِ جيئندا آهن، اهي موت کان پوءِ بہ زندھ رهندا آهن ۽ هميشہ لاءِ تاريخ بڻجي ويندا آهن. بقول استاد بخاري:

جو قوم جياري اهو جيئندو رهندو
جو عام اجاري سو جيئندو رهندو
مون کي تاريخ ۽ تقدير تي پڪ آهي
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو

مان عزت مآب جناب محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي هن مضمون ۾ اها ڪوشش ڪندس تہ هن ڪتاب جي ليکڪ محترم مولانا اعجاز علي سوڍر (انمول) تي بہ گهڻ ڳالهايان، متان پڙهندڙ سمجهن تہ ياري باشي پيا ملهائن. چو تہ مولانا اعجاز علي سوڍر جي هن ڪتاب کان اڳ مان سنڌس آيل ڪتاب ”مَهان ماڻهو ميهڙ جا“ جو بيڪ ٽائيٽل ۽ ”مولانا حبيب حضوري جي ديني علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو“ ڪتاب ۾ بہ اکر ۽ مضمون لکي چڪو آهيان. صاحب ڪتاب مولانا اعجاز علي سوڍر وري بہ جَس لهڻو، جنهن سنڌ صوبي جي ضلعي دادو تعلقي ميهڙ جي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن تي تحقيق ڪري ۽ سندن ڪيل قلمي پورهئي کي گڏ ڪري هي ٽيون ڪتاب ڇپرائي پڙهندڙن جي نظر ڪيو آهي. پاڻ وقتًا فوقتًا ميهڙ جي عظيم شخصيتن تي تحقيق ڪري مواد سهيڙي ڪتاب ڇپرائي رهيو آهي. دنيا ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن جن جو ڪم، فن ۽ ڪردار ڏسي واکاڻ ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جو هي بيت ذهن ۾ اچي ٿو:

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي

سنڌ جو نالي وارو ۽ ميهڙ جو مڻيادار سگهڙ شاعر محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر 14 آگسٽ 1947ع ۾ ضلعي دادو تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ قادر بخش ڏيپر ۾ محمد صادق ڏيپر جي غريب گهراڻي ۾ جائو. پاڻ ابتدائي تعليم ڳوٺ حسين ڏيپر ۽ ڳوٺ پير بخش سوڍر جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين.

پرائمري تعليم دوران ئي سندس والد محمد صادق ڏيپر وفات ڪري ويو ۽ مالي وسيلا گهٽ هجڻ ڪري اڳتي تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. جنهن ڪري ننڍي عمر ۾ ئي ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ۽ محنت مزدوري ڪرڻ لڳو. پاڻ ديني تعليم ڳوٺ جي مسجد مان مولوي حاجي عطا محمد ڏيپر کان ورتائين. محترم محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر کي شروع ۾ ڳائڻ جو شوق هو پر بعد ۾ سنڌ جي نالي وارن شاعرن طالب المولىٰ، اسحاق راهي ۽ مشهور نعت خوان ۽ شاعر حاجي غلام نبي مهيسر کان متاثر ٿيڻ کان پوءِ سندس لاڙو شاعري طرف ٿيو ۽ شروع ۾ ڏور، بيت، سينگار، ڏهس، ڪافيون، گيت ۽ غزل لکيائين. سندس اصل نالو ”محبوب“ اٿس پر سموري سنڌ ۽ ادبي دنيا ۾ سگهڙ شاعر محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي نالي سان سڃاڻپ ڪرائي چڪو آهي. جڏهن تہ ننڍي هوندي گهر وارا پيار مان ڪيس ”دائود“ ڪري سڏيندا هئا. جنهن جو ذڪر هن پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب ”ڪلام دائود“ جي هڪ نظم ۾ ڪيو آهي. سگهڙ شاعر محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي فن، ڪچهري ۽ شاعري کي ڏسي 1982ع ۾ اداڪار ڪمپيئر ذوالفقار هيسباڻيءَ کيس ڀهريون پيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي متعارف ڪرايو. ريڊيو تي هن جو ڀهريون مزاحيہ لوڪ نظم هو :

جڳ جو جيءُ جياري وئي
لسي سڀ کي ماري وئي

جيڪو پروڊيوسر نصير مرزا رڪارڊ ڪيو. محبوب ڏيپر

جي هن مزاحيه لوڪ نظم کي ريڊيو تي گهڻو پسند ڪيو ويو. ريڊيو پاڪستان ڪان پوءِ سُتت ئي سن 1983ع ۾ پي ٽي وي تي پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي، ميزبان سيد صالح محمد شاهه جي پروگرام ”ڪچهري اوطاق“ ۾ کيس متعارف ڪرايو. جتي پاڻ هي بيت پڙهيائين:

سسئي وٽ جَتن جي، ٽِڪي اچي ٽولي
واحد اڳيان ويچاري، جهلي پئي جهولي
تہ پائر پرتا پنهل سان، اچ سائين ڪئي سَولي
تن بہ دل رَولي، جيڪي مِنا پانيم ”محبوب“ چئي

بيت ٻُڌڻ ڪان پوءِ سيد صالح محمد شاهه ۽ ڪچهري ۾ آيل سيني مهمانن ۽ سگهڙ شاعرن کيس تمام گهڻو داد ڏنو. جنهن ڪان پوءِ ريڊيو ٽي وي سميت مختلف پليٽ فارمن تان ٿيندڙ لوڪ پروگرامن ۾ لڳاتار شرڪت ڪرڻ لڳو. السنڌ مئگزين اسلام آباد، عقيق مئگزين نئو/سجاول ڪان سواءِ تہ ماهي مهراڻ، عبرت مئگزين، هزار داستان، آواز سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين رسالن ۾ سندس شاعري شايع ٿي چڪي آهي. پاڻ ريڊيو اسٽيشن لاڙڪاڻي تان بہ ڪيترا ئي دفعا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ممتاز لاشاري، رخسانہ ماروي، ساجد علي ”ساجد“ منگي، علي مراد جتوئي، سينگار سولنگي، طارق چانڊيو، نذير چانڊيو، اصغر چانڊيو، گلزار کوهارو عرف پتڪڙو جلال، راحيل جوکيو، سليمان ساقي، سليم سخيراڻي، خادم سخيراڻي، صادق سوڍر، انور پتوجو، ارباب سوڍر، بختاور، عبدالسميع ڏيرو، غني سولنگي، وزير شاهہ، رحمان سومرو ، محمد عمر تيوڻو ۽ سنڌ جا ٻيا فنڪار

سندس ڪلام ڳائي چڪا آهن. ان ڪان علاوه سنڌ جا مشهور نعت خوان شفيق چانڊيو، رحمان سومرو، عبدالحق خاصخيلي، محمود پتوجو ۽ برڪت سولنگي سندس حمد، نعت، منقبت، قصيده ۽ مولود ملڪ ۾ ٿيندڙ مختلف مذهبي پروگرامن ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ سنڌ جي مختلف ڪيسٽ ڪمپنين ۾ بہ رڪارڊ ڪرائي چڪا آهن. محبوب ڏيپر جي شاعريءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ 1. منا ٻول محبوب جا، 2. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، 3. موتي محبوب جا، 4. ڪلام محبوب ڏيپر، 5. محبوب ۽ ميهڙ، 6. ڏاتر مون کي ڏات ڏني، 7. ڪلام دائود، 8. نعتون نانءِ حبيب جي، 9. اسان پٽ هاريءَ جا، 10. مون جيئن ڏنو محبوب کي، 11. مون پيي نور نچوڙيو، ۽ 12. ٽانڊن تي پير شامل آهن. پاڻ سمورا ڪتاب ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرائي چڪو آهي. سندس بقول:

ٻڌي پٽر پيٽ کي تاڻيان ٿو
تڏهن تہ ڪتاب آڻيان ٿو

سندس چوڻ آهي تہ مون وٽ اجان بہ ڏهن ڪان ٻارهن اڻ ڇپيل شاعري جي ڪتابن جو مواد موجود آهي ۽ اڻ ڇپيل سمورا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪندس. محبوب ڏيپر جي گڏيل شاعري جي ڪتابن ۾1 :سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو، موسيٰ پبليڪيشن حيدرآباد، 2. ڏيئا جرڪيا ڏيهہ ۾، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ سندس گڏيل شاعريءَ جو ٽيون ڪتاب ”غزل رنگ“ شاد پبليڪيشن حيدرآباد ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. محترم محبوب ڏيپر جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ حمد، نعتون،

منقبتون، گيت، غزل، وايون، ڪافيون، سهرا، نظم، ڏور، سينگار، ڏهس، ڏور، ڳجهارت، ڏِٺ، پرولي، ڇهہ سٽا، پنج ڪڙا، چار سٽا، ٽہ سٽا ۽ دوها وغيره شامل آهن. پاڻ هر صنف تي شاعري ڪري چڪو آهي. محبوب ڏيپر مذهبي، عشقيہ ۽ عوامي شاعري ڪرڻ سان گڏوگڏ قومي، مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري پڻ ڪئي آهي. سندس شاعري ۾ معاشري جي طنز، برائي ۽ اصلاح گهٽي نظر اچي ٿي. جاگيرداراڻو ۽ لابي نظام، بااثرن ۽ پوليس جون غريبن سان ظلم زيادتيون، قبائلي تڪرار، سڱاوتي، زميني تڪرار، ذاتي پراڻي دشمني، ڪاروڪاري، دهشتگردي، اغوا برائي تاوان، ڌاڙو، چوري، لڙائي، سنڌ دشمنن جون سنڌ خلاف رٿيل سڀ سازشون، وطن ۽ قوم پرستي، ثقافت، صحت، پاڻي، گئس، بجلي، تعليم، دنيا ۽ زندگيءَ جي ٻين تمام تر سهولتن جي هٽرادو کوٽ، مهانگائي، بيروزگاري، ننڍڙن ٻارن ۽ نياڻين سان بد فعلي، وياج، جوا، نشو، اسمگلنگ، رشتن جي بي رخي، وڏن جو ادب احترام نہ ڪرڻ، هوٽلن تي فضول ويهي وقت وڃائڻ، ڏاندن ۽ ڳڏهن جي گوءِ، ڪُڪڙن جي ميل، ڪبوترن جي شرط، بک بدحالي ۽ معاشري جون ٻيون هڙئي برائيون سندس شاعري جو اهم موضوع رهيا آهن.

پاڻ "سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم" تعلقي ميهڙ جو 10 سال صدر، "سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم" (سلات) ضلعي دادو جو سيڪريٽري ۽ "سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي ميهڙ" جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي. هن وقت "سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم" تعلقي ميهڙ جو باني آهي. منهنجي هن مضمون جو عنوان آهي

"سگهڙ شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر هماليہ جيڏو حوصلو رکندڙ عظيم شخص" واقعي محبوب ڏيپر هماليہ جيڏو حوصلو رکندڙ عظيم شخص آهي. پاڻ زندگيءَ جي تمام مشڪل ترين گهڙين ۽ صدمن مان گذرندي بہ ناهي ٿڪو. پرائمري تعليم دوران سندس والد وفات ڪري ويو. اولاد ۾ ڪيس ڇهہ (6) پٽ ۽ ڇهہ (6) نياڻيون اٿس. جڏهن تہ سندس گهر واري، هڪ نوجوان پٽ عابد حسين عرف شوڪت علي ۽ هڪ نوجوان ڌيءُ ڪيس وڇوڙي جو وَڍُ ڏئي هميشہ جي لاءِ راهہ رباني ٿي ويا آهن. وري جلد ئي سندس ننڍي پٽ شاهد حسين جي گهر واري يعني محبوب جي نُنهن شاديءَ ڪان پوءِ پهرين ڊليوري ۾ هي جهان ڇڏي چڪي آهي. محبوب ڏيپر سوين ڏکن، صدمن ۽ ذاتي مصروفيتن ۽ مجبورين باوجود بہ ڪڏهن هِمٿ ناهي هاري ۽ پنهنجو لکڻ جو عمل جاري رکيو آهي.

محبوب ڏيپر جو شمار نہ رڳو ضلعي دادو ۽ تعلقي ميهڙ پر سنڌ جي سٺن سگهڙ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. گهٽ تعليم هجڻ باوجود قدرتي ڏات سان گڏ الله پاڪ ڪيس لکڻ جو ڏانءُ بہ ڏنو آهي. پاڻ پنهنجي سموري زندگي فن ۽ ادب کي ارپي ڇڏي اٿائين ۽ اڄان تائين سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندو پيو اچي. محبوب واقعي پنهنجي نالي جيان پاڻ بہ ماڻهو محبوب آهي. سٺي ادب اخلاق وارو باشعور ۽ باڪردار شخص هجڻ سان گڏ سخي بہ آهي. پاڻ ريڊيو ٽي وي ڪان علاوه بلوچستان جي علائقي خضدار ۽ سموري سنڌ ۾ ٿيندڙ سرڪاري ۽ غير سرڪاري پروگرامن، ڪچهرين، محفلن ۽ مشاعرن ۾ شرڪت ڪري فن جا جوهر

ڏيکاري چڪو آهي ۽ اڃان تائين پنهنجون سياسي، سماجي، علمي، ادبي خدمتون ۽ سرگرميون جاري و ساري رکيون پيو اچي. جيئن ته پاڻ ”سلات“ طرفان سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾ به شريڪ ٿيندو رهي ٿو. پاڻ ”سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي ميهڙ“، ”سنڌ سڄاڳ شاعر تنظيم ميهڙ“ ۽ ٻين مختلف تنظيمن پاران دادو، ميهڙ ۽ سنڌ جي صحافين ليکڪن، شاعرن، سگهڙن ۽ اديبن سان گڏجاڻيون، روح رهاڻيون، ورسيون، سالگراهون، مهورتون، تقريبون ۽ مختلف پروگرام به ڪندو رهي ٿو ۽ پروگرامن ۾ ٿيندڙ تقريبًا سمورو خرچ پاڻ ڪري ٿو. پينافليڪس ۽ ڪارڊ ڇپرائڻ، گل، هار، ٽوپيون ۽ اجرڪ خريد ڪرڻ، ايتري قدر جو پروگرام دوران چانهه ۽ بسڪيٽ ڏيڻ سان گڏ پروگرام جي آخر ۾ آيل سمورن مهمانن کي پنهنجي خرچ تي ماني کارائي پوءِ ڇڏيندو آهي. پاڻ پنهنجا ڇپايل ڪتاب دوستن کي اعزازي ڏئي ڇڏيندو آهي. ضعيف العمر، سادگي پسند هٺ ۽ دل جو سخي هجڻ ڪري اعزازي ڪاپيون ڏيندي ڏيندي پنهنجي رڪارڊ جي لاءِ به ڪاپيون رکڻ وسري ويندي اٿس پر ڪنهن کي ناراض ناهي ڪندو. سندس ڇپايل سمورن ڪتابن منجهان ڪيترن ئي ڪتابن جون رڪارڊ ڪاپيون وٽس موجود نه آهن. مان راقم محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي ادب، اخلاق، سخاوت، پنهنجائپ ۽ پيار کي ڏسي سندس جو پروفائيل لکيو جيڪو ماهوار هزار داستان ڊسمبر 2018ع حيدرآباد ۽ سلسليوار آواز سنڌ مئگزين ڊسمبر 2019ع حيدرآباد جي پرچي ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته سندس ڪتابن ”مون جيئن ڏٺو محبوب کي“ ۽ ”ڪلام دائود“ جا تبصرا به لکيا جيڪي

حيدرآباد مان نڪرندڙ سلسليوار ادبي رسالي احساس ۾ شايع ٿيا. محبوب ڏيپر جو محفلن ۽ مشاعرن ۾ سگهڙائپ واري مَن موهيندڙ انداز ۾ شاعري پڙهڻ جو انداز نرالو ۽ خوبصورت آهي جيڪو ٻڌندڙن جون دليون موهي وجهي ٿو ۽ ڪيس داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي. سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم پاران محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي ڪتابن جي مهورت تي چانديءَ جو تاج، بوسڪيءَ جو پَٽڪو، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ڪيس ڏنا ويا. سال 2019ع ڄامشورو ۾ ٿيندڙ هڪ ادبي پروگرام ۾ ڪيس سٺو سگهڙ شاعر هجڻ ۽ ادبي خدمتن عيوض ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ايوارڊ ڏنو ويو. سال 2021ع ۾”سنڌي ادبي سنگت شاخ“ دادو طرفان ڪيس ”ملوڪ عباسي“ ايوارڊ ڏنو ويو. محبوب ڏيپر پنج وقت نماز ۽ روزي جو پابند پڻ آهي. ڏٽي در دعا آهي ته هي عظيم انسان سدائين خوش ۽ آباد هجي ۽ پنهنجون علمي ادبي خدمتون ايئن ئي هميشه جاري رکيون اچي.

زاهد ابڙو
ڳوٺ لطف الله ٽيهو ميهڙ
3 مارچ 2022ع

محبوب محبوب محبوب

ٿي دفعا محبوب ان ڪري لکيو آهي جو شاعر جو نالو محبوب، جنهن شهر ۾ رهي ٿو (ميهڙ) اهو بہ محبوب، تخلص بہ محبوب. جنهن علائقي يا خطي ۾ محبوب ٿئي محبوب هجن تہ پوءِ عاشق ڪهڙي ڪاتي ۾ ويندا؟ بذات خود محبوب عاشق جو روپ حاصل ڪرڻ چاهي تہ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ عاشق معشوق يا محبوب جو روپ اختيار ڪرڻ چاهي تہ ڪري سگهي ٿو! اهو درحقيقت انهن ٻنهي جو ڪمال نہ پر عشق جو ڪمال آهي. دادن فقير چوي ٿو:

ٿئي معشوق عاشق پنهنجي عاشق جي مٿان دادن
نہ عاشق جو مگر هي عشق جو ڪيڏو ڪمال آ

اهو ڪمال ۽ جمال محبوب ڏيپر جا انوکا روپ آهن. جنهن ڪي ڪن ماڻهن ڪهڙي روپ ۾ ڏٺو تہ وري ڪن ڪهڙي روپ ۾ ڏٺو. مون جيڪو ڏٺو اهو هتي لکان ٿو. علم، ادب ۽ شاعري تي محبوب ڏيپر چڱو خاصو نالو ڪمايو آهي. ڏهن ڪن ڪتاب سنڌي ادب کي ارپي چڪو آهي. طويل عمر گذاري نور نچوڙي راتين جون راتيون پاڻ کي اوجاڳا ڏئي لکيو اٿائين. عجب ڳالهہ اها معلوم ٿي آهي تہ محبوب رات ۽ ڏينهن جو ننڊ ناهي ڪندو بلڪ ايندي بہ ڪونہ اٿس. خالي کٽ تي ڇيلهہ ڊگهي ڪندو آهي. جنهن سان رکجي تنهن سان نڀائجي جي مِصداق مطابق شاعري سان ناتو رکيائين تہ توڙ نڀايائين. هڪ بہ ٿي نہ بلڪ پورو درجن ڪتابن جو سنڌي ادب کي شاعري جا ڏنا اٿائين. رت وِلوڙي بہ لکندو رهي

ٿو. تقريبًا شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. لَئِي مان لَٺ پيجي شاعري نہ ڪئي اٿائين. شاعري جون خاص خوبيون فصاحت و بلاغت آهن. محبوب ڏيپر جي شاعري ۾ اهڙيون خوبيون جام ملن ٿيون ۽ اهي خوبيون ميهڙ جي نامور مانوارن وڏن دعائن جي صورت ۾ مليون اٿس. بقول منهنجي مشفق استاد مرحوم سائين اقبال احمد لاکير صاحب جي تہ ”محبوب ڏيپر جي شاعريءَ ۾ عوامي رنگ سمايل آهي“ ۽ جڏهن رنگ سان رنگ رلجي وڃي ٿو تہ هڪ الڳ منفرد رنگ جڙي ٿو. انهيءَ جو نالو سلاسيت چون ٿا. سلاسيت رواني جو غائبانہ جاذبانہ مثال ادب دوست ٻڌائن ٿا تہ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي شاعري جڏهن بہ پڙهندا آهيون تہ دل جي گهرائي وارن تهن ۾ جذب ٿي ويندي آهي. اهو سندس نيٺ سنڌي لفظن جو ججهو استعمال ۽ آسان ٻاشا (ٻولي) ۾ رواني، نهايت سهڻي نموني انداز بيان. اهي سڀ خوبيون محبوب جي مجموعي ٻارهن ڪتابن ۾ شامل آهن، تڏهن تہ استاد سائين چيو ”محبوب اکرن ۽ ڪتابن جو شاعر ناهي بلڪ محبوب محبوب شهر جي رهندڙ محبوب دلين جو شاعر آهي“. محبوب ڏيپر جي شاعري ان سونهن، سچ ۽ سنڌ جي ساڃاهہ جو آئينو آهي، جنهن نہ رڳو سياسي، سماجي پر طبقاتي جبلتن ۽ پس منظرن کي بہ پنهنجي شاعري ۾ قلمبند ڪيو آهي، جنهن جو بظاهر ثبوت سندس تصنيف ٿيل درجن ڪتاب آهن جيڪي عوامي پذيرائي حاصل ڪري چڪا آهن. محبوب، شاعري ۽ ميهڙ سونهري موتي مالها ۾ پوئيَل آهن پر محبوب جي بناوت ئي ڪجهہ الڳ آهي. ڪنڌاق ڪُلهن تي اجرڪ جو ڦرڪڻ، سونهاري مبارڪ تي

ميندي جو ٻهڪڻ، هونءَ ته خاموشيءَ جو روزو رکيل، پر ڪنهن پيري مرڪڻ به سنڌو جي موجَ مثل، سياري ۾ واسڪوٽي، زلفن جي ياري به ڇڏي وڃڻ، ڪڏهن ڪارو ڪڏهن رنگارنگي ٽوپ پائڻ، عڪس بيني تي دوربين لڳائڻ ۽ جڏهن شاعري پڙهي ته پوءِ الجهندو ضرور آهي پر لنوائيندو ناهي. هڪ پوڙهو مڙس پيو وري شاعري جي ياري، 14 آگسٽ 1947ع جي پيدائش، پاڪستان نهڻ جي خوشيءَ ۾ اسان کي مليو. هن وقت 74 سال گذاري 75 سال ۾ هلي ٿو. چلتي ڪا نام زندگي، سادو ۽ سِڌو پر سچو ۽ کرو ماڻهو، جيڪڏهن مان حام هڻي هينئن ڪٿي چوان ته وڌاءُ نه ٿيندو پر انهيءَ وزن تي پورو ضرور لهندو.

مان ڪنهن وانگي چمچو چغل خور ناهيان
مان حق چوندو آهيان گلا خور ناهيان
سچاٽي ڇڏيو آ مون سڀ ڪنهن کي دادن
مان انسان آهيان ڪو ڍڳو ڍور ناهيان

مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب جَس لهڻي جنهن محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر (منهنجو شاعري ۾ استاد) جي شخصيت، فن ۽ فڪر تي ڪتاب آڻي تاريخ ۾ علمي ادبي خدمت سان گڏ شخصيات جي ڪاوشن، خدمتن ۽ مڙني علمي پهلوئن کي منظرعام تي آڻي مان مٿاهون ڪيو آهي. اهو سندس جو وڏپڻو چئجي يا حقيقت پسندي! مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر تي لکي سندس شخصيت، فن ۽ فڪر کي مڪمل طور تي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تاريخ گواهه آهي ته مولانا سوڍر صاحب خوش فهمي ۽ دل پسندي کان ڪم ناهي ورتو. پاڻ

اسڪالر، محقق، مصنف، مولوي ۽ اديب آهي. ڪيس چڱي نموني خبر آهي ته دل رکڻ واري رجحان جي ڪري سنڌي ادب کي ڪيترو نقصان پهتو آهي. مولانا سوڍر هڪ محقق ۽ بهترين جاڪوڙي اسڪالر آهي. پاڻ لکڻ وقت بلڪل نيوٽرل ٿي لکندو آهي. اگر اثر قبول ڪري لکندو ته سندس ساک کي به ڇيهو رسندو ۽ سندس ديانت تي حرف پڻ ايندو. آءٌ ڪيس چڱي ريت سڃاڻان. پاڻ سچ جو سهڪاري ۽ حق جو ئي متلاشي رهيو آهي. پاڻ حقيقت پسندي کان ڪم وٺندي سمورو ڪجهه سچائيءَ سان لکيو اٿائين. مون کي خوشي ٿي آهي ته محبوب ڏيپر مٿان قلم کڻڻ وارو هڪ اسڪالر، محقق ۽ منهنجو پيارو دوست آهي. سندس لکڻيءَ کان اڳ ئي واقف هئس، سندس سچائي جو شاهد آهيان، سندس قلم جي رواني ۽ حقيقت پسندي کان سڃاڻ آهيان. منهنجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون هن ليکڪ جيڪو دراصل پاڻ به هڪ جاڪوڙي جوان آهي جي لاءِ. هڪ ڳالهه آخر ۾ ونديندو هلان ته جڏهن مون سان منهنجن وڏڙن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي اٿس ته چوندو آهي ته بابلا اهي صرف توهان جي ملڪيت نه بلڪ اسان جا به علمي اثاثا آهن. مال ملڪيت اوهان کي مبارڪ پر يار علمي وراثت ۾ اسان به سندن وارث آهيون. پوءِ اها ڳالهه ڏاڍي فخر سان ڪندو آهي ته مان توهان جي وڏڙن جهڙين علمي شخصيتن تي حام هڻي فخر ڪندو آهيان ۽ وڏي واڪي چوندو آهيان. أولَئِكَ آبائي فَجِئني بِمِثلِهِم. اهي ئي ته اهي منهنجا وڏڙا آهن جن تي حام هڻندو آهيان. يعني اسان به هنن جا علمي وارث آهيون. متان ڪڏهن معتبر ٿي اسان کي انهيءَ

علمي ميراث منجهان بي دخل ڪرڻ جي بيجا ڪوشش ڪرين. اگر ايئن ڪندي تہ بابا جهيڙو وڙهي پوندو. انهيءَ ڪري سرخم ٿي اسان ڪي اسان جو حصو محبت سان وندي ڏجانءِ. انهيءَ تي ٻئي ڪلندا ہ آهيون پر سندس چهري منجهہ سنجيدگي مون ڪي نظر ايندي آهي. الله سائين ڪيس خوش رکي ۽ ڪاميابي عطا فرمائي. سچو ۽ سنو دوست آهي ۽ سنا دوست وڏي ملڪيت هوندا آهن. سو هن دوست ڪي رب جي وڏي نعمت ۽ پنهنجي ملڪيت سمجهان ٿو. هن جوان جو هي قدم ميهڙ، محبوب ۽ مرغوبن تي لکي مشهور ڪري امر ڪري ڇڏيو اٿائين. الله سائين جي در دعا آهي تہ هن دوست جي علمي ڪاوش ڪي پنهنجي درٻار ۾ قبوليت جو درجو عطا فرمائي. آمين

محبوب جو محبوب احمد رضا آڳرو
مخدوم ميان احمدي آڳرو لائبريري لب ڪَگول ميهڙ
4 مارچ 2022ع

ڪوئي حاوي رهي حُسن تي
ڪنهن تي حاوي حُسن آ
ڪنهن ڪي سنواري ڇڏي حُسن ٿو
ڪنهن ڪي سُولي چاڙهيندو حُسن آ
اعجاز علي سوڍر "انمول"

سماج جو سچو عڪاس "محبوب ڏيپر"

انسان جي طبيعت ۾ خوش مزاجي، خوش اخلاقي ۽ ملڻ جُلڻ ۾ عاجزي ۽ خلوص سندس شخصيت ۾ نکار آڻي ڇڏين ٿا. اهڙي طرح هر انسان جي سڃاڻپ سندس ڪردار سان ئي ڪئي ويندي آهي. اهو ئي ڏنو ويندو آهي تہ سندس سماج ۾ ادا ڪيل ڪردار جا رُخ ڪهڙا آهن؟ اهڙن ئي ڪردارن مان هڪ نمايان ڪردار منهنجي قابل احترام سگهڙ شاعر سائين محبوب علي "محبوب" ڏيپر جو بہ آهي. محبوب ڏيپر جو ڪردار ادبي حلقي توڙي لوڪ ادب جي حلقي ڪان ويندي سماج ۾ پاڻ مڃائڻ وارو مانائتو ڪردار رهيو آهي. هو جيترو ٻولي، ادب ۽ ڌرتيءَ سان سچو رهيو آهي ايترو سندس شخصيت عام سماجي حوالي سان بہ هر ڪنهن سان پيلائي وارن لاڳاپن واري رهي آهي. محبوب ڏيپر هر فرد ڪي بي حد عزت ۽ مانُ ڏيندو آهي. محبوب هڪ کرو انسان آهي. اگر ڪٿي بہ ڪنهن ڪي بہ سچ چوڻو هوندو تہ هو بنا دير جي ان وقت ئي سچ چئي ڏيندو. هن وٽ ڪڏهن بہ رکُ رکاءَ واري ڳالهہ ناهي هوندي. ڪيس ڪوڙي ۽ منافق انسان ڪان هميشہ ئي بي حد نفرت رهي آهي. محبوب ڏيپر هڪ محنتي ۽ سچو قلم ڌڻي آهي. سندس عمر ڏسنداسين تہ هن وقت هن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ گهر ۾ ويهي آرام ڪرڻ جي آهي، پر هن عمر ۾ بہ ادب سان سلهاڙيل هجڻ سندس ادب، ڌرتي، ٻولي ۽ قلم سان بي حد محبت جو پڪو ثبوت آهي. سندس جذبا بہ لاجواب آهن ۽ ادب سان نڀائيندو اچي پيو. محبوب ڏيپر ڪي زندگيءَ جي طويل ادبي سفر دوران ڪيئي

ايوارڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ ملي چُڪا آهن. جيڪي لوڪ ادب، سنڌي ادبي سنگت توڙي سرڪاري ادارن طرفان ڏنا ويا آهن. لڳ ڀڳ هڪ درجن جي هن جا ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چُڪا آهن، جن ۾ هن ادب توڙي لوڪ ادب جي تقريبًا صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. محبوب ڏيپر جي شخصيت سندس نالي جيان محبوب لڳندي آهي. سندس محنتن کي قلمبند ڪرڻ ۽ سندس زندگيءَ جي حالات کي تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ جي ضرورت هئي. خبر ناهي تہ هن مسڪين ماروئڙن جي هن غريب وڪيل مٿان ڪو قلم کڻي بہ ها يا ايئن ئي هو وقت جي بي رحم موجن جي وَر چڙهي وڃي ها. پر جڏهن اسان جي پياري دوست محترم سائين مولانا اعجاز علي سوڍو صاحب محبوب ڏيپر جي زندگيءَ ۾ ئي سندس زندگي، خدمت ۽ محنت کي قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڳالھ ڪئي تہ مون کي بي حد خوشي ٿي. انھيءَ سان گڏ اها بہ خوشي ٿي تہ محبوب ڏيپر مٿان قلم کڻڻ وارو ڪو لائق ۽ قابل ماڻھو آهي. محبوب ڏيپر اسان جي نوجوان نسل لاءِ همٿائيندڙ شخصيت، مسڪين ماروئڙن جي وڪالت ڪندڙ شاعر، قدرت جي دلڪش نظارن جي منظر ڪشي ڪرڻ وارو محترم، ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿارڻ وارو سپاهي، سماج ۾ موجود بُرن عنصرن جي پتِ وائکي ڪرڻ وارو قلمڪار، سماج جي ڏاڍن کي للڪارڻ وارو جوڌو، پنھنجي سنڌي ٻوليءَ جو سچو رکوالو، ادب جو شهسوار ۽ پنھنجي ڌرتي مٿان سِر گھور ڪرڻ وارو سپوت آهي. اڄ جي مهانگائيءَ واري دور ۾ ادب سان نڀائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. غريب مسڪين ماڻھو پنھنجي ٻچڙن جو پيٽ پالڻ ۾ ئي عاجز ٿي پوي

ٿو. ڇي جائي تہ وري پنھنجا شوق پورا ڪجن. ڪنھن سياڻي سچ چيو آهي تہ عياشي تہ ابي جي ڪمائي تي ڪبي آهي باقي پنھنجي ڪمائيءَ منجهان گھر جو خرچ بہ مشڪل سان پورو ٿئي ٿو. محبوب ڏيپر وٽ پنھنجي زمين ايتري مس آهي جو هو پنھنجي گھر جو اٽو چانور پورو ڪري سگھي ٿو. دنيا داري ۾ غمي خوشي، مَرُ، جيءُ، ڀائپي برادري، بيماري، تعليم، پاڻي، بجلي، گئس ۽ رهائش جھڙا مسئلا بہ سامهون اچن ٿا. انھن مسئلن جي حل لاءِ بہ پئسي جي ضرورت پوندي آهي. غريب پنھنجي خواهشن جو ڳلو گھوٽي بس جيئڻ جا جتن ئي ڪندو رهي ٿو. ڪتاب آڻڻ بہ ڏاڍو اهنجو ڪم آهي. خاص ڪري اڄ جي هن مهانگائيءَ چڱن چڱن جا بہ صفا لاهہ ئي ڪڍي ڇڏيا آهن. جَس آهي هن بزرگ اديب کي جو هن مهانگائيءَ واري دور ۾ بہ ادب سان خوب نڀائيندو پيو اچي. وري آفرين سندس اولاد کي بہ آهي جو پنھنجي والد محترم جي ادبي خدمت کي عبادت سمجھي پورو ڪرڻ ۾ سندس ساٿ ڏئي ٿو. ادب سان نينھن نڀائڻ واري هن جوڙي جا ٻارنھن ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. سندس تيرهون ڪتاب بہ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. حيرت ٿيندي اٿم تہ هن بزرگ سگھڙ شاعر پنھنجي ڏات سان عشق ڪري نوجوانن کي پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. وٽس اجان بہ ڪيترن ئي ڪتابن جو مواد موجود آهي. محبوب ڏيپر جي همٿ کي وري بہ سلام پيش ڪريان ٿو. محبوب ڏيپر پنھنجي نالي جيان اسان دوستن جو محبوب رهيو آهي. هن عمر ۾ بہ پاڻ سفر ڪري، ڪشالا ڪري ادبي محفلن ۾ هڪليو حاضر تہ ٿئي ٿو پر انھيءَ سان گڏ پاڻ پنھنجي سنگت سان ملڻ ۽ روح رهاڻ ڪرڻ

خاطر سفر به ڪري ٿو. سندس شاعري مسڪين ماروئڙن جي وڪالت ڪري ٿي، نوجوان نسل ۾ اتساهه پيدا ڪري ٿي ته وري معاشري جي بُرن عنصرن لاءِ اصلاح جا گس پڻ ڏسي ٿي. سندس شاعري هر محاظ تي سينو سپر بڻجي وَيرين مٿان وار ڪري ٿي ته وري مسڪينن جا لڙڪ اگهڻ جو ڪم پڻ ڪري ٿي. سندس شاعري سندس ئي زندگيءَ جو عملي نمونو هجي ٿي. حق سچ چوڻ ۾ ڪُسي ڪِين ٿي. محبوب ڏيپر سُنين عادتن جو سنيهو آهي ته اهو چوڻ وڌاءُ نه هوندو ته سُنين عادتن جو مجموعو پڻ آهي. محبوب ڏيپر جو قلم هميشه سچ جو ساٿي، الله تعاليٰ جي حمد ۽ واکاڻ ڪرڻ وارو، سهڻي محمد مصطفي ﷺ جو ثناگر، اولياء ڪرامن جو ساراهيندڙ، مظلوم جو فريادي، ظلم و جبر اڳيان ڍال، منظر ڪشي ۾ مَهان، اصلاح جو عادي، ڏاڍ اڳيان للڪار، هيمو جي همٿ ۽ هوشو جو نعرو رهيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته محبوب ڏيپر قلم جو ساٿ وني قلم هلائي قلم هلائڻ جو صحيح حق ادا ڪيو آهي. سندس شاعري ۾ سگهڙائپ جا نمونا پيش ڪندس ته ڳالهه گهڻي ڊگهي ٿي ويندي. باقي سندس شاعري پڙهي منهنجي ڳالهه جي صداقت جي پرک ڪري سگهجي ٿي. هن بزرگ اديب جي لازوال خدمتن کي سهيڙڻ جي ضرورت هئي. هن سگهڙ شاعر جي خدمتن کي يڪجا ڪرڻ ۽ سندس حيات کي قلم بند ڪرڻ جي واقعي ضرورت هئي. اسان جي هن دوست محترم سائين مولانا اعجاز علي سوڍر سندس مٿان قلم کڻي اها گهرج پوري ڪري ورتي. مولانا صاحب جي قلم کان مان چڱيءَ ريت واقف آهيان. ساڻس سُني گهري دوستي هئڻ ڪري پاڻ جيڪو تحقيقي مضمون

۽ تحقيقي ڪتاب لکي ٿو انهيءَ جي باري ۾ ساڻس اڪثر خيالات جو تبادلو ٿيندو رهيو آهي. مولانا اعجاز علي سوڍر هڪ بهترين محقق آهي. سندس ڏهه تحقيقي مضمون تحقيقي جرنلن منجهه ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهن. سندس به تحقيقي ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" ۽ "مولانا حبيب حضوري جي ديني علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو" ڇپجي چڪا آهن. سندس هي ٽيون تحقيقي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. اهو پڙهي توهان پاڻ ئي مولانا سوڍر جي قلم جو اندازو ڪري سگهو ٿا. مولانا سوڍر صاحب جيڪو ڪجهه محبوب ڏيپر جي باري ۾ لکيو آهي انهيءَ جي سچائي کي پرکڻ لاءِ محبوب ڏيپر پاڻ موجود آهي. سندس باري ۾ لکيل هر هڪ ڳالهه جي آسانيءَ سان سچائي معلوم ڪري سگهجي ٿي.

هن بزرگ جي مثالي زندگيءَ کي ايندڙ نسل تائين پهچائڻ اسان جو فرض هو. انهيءَ فرض ۾ اڳرائي ڪرڻ واري دوست محترم مولانا اعجاز علي سوڍر کي انهيءَ همٿ تي مبارڪون پيش ڪريان ٿو. اسان جي دوست مولانا اعجاز علي سوڍر جيڪا هيءَ نواڻ پنهنجي علائقي جي عالمن سگهڙن، اديبن، شاعرن، سياسي سماجي شخصيتن ۽ اهل علم ماڻهن کي قلم بند ڪرڻ جي خدمت جي صورت ۾ شروع ڪئي آهي، انهيءَ کي هڪ سنو سؤنڻ سمجهان ٿو. سندس خدمت عيوض ڪيترائي اهل قلم تاريخ ۾ محفوظ بڻجي ويندا ۽ موجوده ۽ ايندڙ نسل لاءِ مثالي زندگين ۽ ڪردارن جا نمونا سامهون اچي سگهندا. اميد ڪريان ٿو ته توهان کي اسان جي هن دوست جي محنت پسند ايندي ۽ آخر ۾ اها دعا

ئي ڪندس تہ الله سائين سندس علم، عمر، عمل ۽ قلم ۾ برڪت عطا فرمائي تہ جيئن اسان سندس خدمت منجهان مستفيد ٿي سگهون. الله سائين سندس خدمت کي پنهنجي دربار ۾ قبول فرمائي ۽ سندس لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻائي. آمين ثم آمين

ديدار ”شاد“ گوپانگ حيدرآباد
9 مارچ 2022ع

ڪوئي حُسن جي ڪري روئي رڙي ٿو
ڪنهن سان حُسن وري ڪِلي ملي ٿو
ڪنهن کي وجي حُسن حيران ڪري
ڪنهن کي ڪلائي وجي حُسن ٿو

ڪنهن کي قادر حُسن آ ڏنو اڻ ميو
ڪنهن آڏو حُسن آ بيوس بڻيو
ڪوئي پريڪشا ڪري پيار جي
ڪو وتي چريو حُسن جي چاهت ۾ بڻيو
اعجاز علي سوڍر ”انمول“

مهاڳ

لوڪ ادب سماج جي ريتن، رسمن، رَوين، ٻُولي، لَهجي ۽ سوچ و فِڪر جو اُولڙو هوندو آهي. ان اولڙي ۾ نہ صرف لوڪ ادب عام ماڻهو جي نفسيات بيان ڪندو آهي پر ان ۾ علائقي جي درد، تڪليفن ۽ احساسن جي بہ ترجماني نظر ايندي آهي.

هن ڪتاب ” ڏات جي ڏيهہ جو جاکوڙي جوان“ ۾ اسان جي علائقي جي محقق، اديب ۽ ڏاهي محترم مولانا اعجاز علي سوڍر تفصيلي انداز ۾ اسان جي ميهڙ جي مَهان انسان ۽ اُتم ڏات ڌڻي محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي مڪمل زندگيءَ جو خاڪو پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هن جي ذاتي زندگي کان وٺي ڏات جي ڏيهہ ۾ سندس تخليقي سفر جي تحقيق نهايت ئي خوبصورت ۽ جامع انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ محترم محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي فن ۽ فڪر جي مڪمل ڄاڻ ملي ٿي. جنهن ۾ تفصيل وار سندس ڇپيل ڪتابن جو تعارف پڻ شامل آهي.

مقدمو جنهن ۾ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جي جنم جو تفصيل، ان کان پوءِ سندس تعليم جو احوال، ادبي دنيا ۾ آمد جو سبب ۽ ادبي دنيا ۾ جن ماڻهن سان سندس رابطو ۽ واسطو رهيو انهن جا نالا شامل آهن. سندس ذاتي زندگيءَ متعلق محقق محترم مولانا اعجاز علي سوڍر سندس شادي، ان کان پوءِ اولاد جا تفصيل بہ خوبصورت انداز ۾ قلمبند ڪيا آهن. محقق طرفان محبوب ڏيپر کي هن ڪِيئن ڏِٺو بيان ڪندي چوي ٿو تہ محبوب ڏيپر انسانيت

سان پيار ڪندڙ ۽ حقوق الله جي پورائي ڪرڻ ۾ مشغول نظر ايندو آهي. هو ڏينهن جو دوستن سان گڏ گهڙيون گهاريندي نظر اچي ٿو ۽ رات جي وقت پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ کي قلمي پورهئي ذريعي سهيڙي ٿو. محقق پنهنجي تاثر ۾ محبوب ۽ محنت، محبوب ۽ ميهڙ کي تفصيلي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ان کان پوءِ سندس حليو به سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. محبوب جو تصوف سان ڪيترو لڳاءُ آهي ان کي به محقق بيان ڪندي چيو آهي ته سندس مذهب سان لڳاءُ، ڏاڙهي مبارڪ رکڻ ۽ اهل تصوف بزرگن جي صحبت جو اثر سندس شخصيت ۾ نمايان نظر ايندو آهي. محبوب ڏيپر کي سندس محنت سبب مليل پذيرائي به محقق طرفان مُدلل انداز ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ کيس ”عوامي سگهڙ شاعر“ جو لقب ڏنو وڃي ٿو. محقق طرفان محبوب ڏيپر کي عوامي جهلڪ واري شاعري جا نمونا پيش ڪيا ويا آهن. جيئن:

انگريز اٽڪل ويڙهائي نيٺ، گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
راند تي ٻڌا ٻار ويناهن، بازيون رکي پوتار ويناهن
ڦٽي ڪري سڀ ڪم ڪار ويناهن، هڪ ٻه نه هزار ويناهن

محبوب علي محبوب ڏيپر جي 12 ڪتابن ۾ سندس شاعري سادي ۽ عوامي اهنجن ۽ احساسن جي پرپور ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي. محبوب ڏيپر جو ڪتاب ”منا ٻول محبوب جا“ 2010ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو، جنهن ۾ سندس شاعري عوامي مزاج جو چٽو اظهار نظر اچي ٿي.

سائيڪل وني ڏي يا ڦٽ ڦٽ بابا، اسڪول پهچان جهٽ پٽ بابا

بس ۾ رش به ڏاڍي آهي، پير رکڻ جي جاءِ ڪا ناهي
بس مان ڪڏِ ڪڏِ چڙِن تا لاهي، دير پڄان ٿو سٽ سٽ بابا
سائيڪل وني ڏي يا ڦٽ ڦٽ بابا.

شهر اسان جو پيارو پيارو، اچو ته ميهڙ گهمون ٻارو.
توکي پوءِ جي ڪَل نه ڪائي آ، تون غيرت جو ڪيپسول ڪائي آ.
ڏيهه سڄو پيو ڏِسي لڪاءُ، ٻهَ ڪِلو مان ٽئي ٿو پاءُ.
يارو ٽي ويو چا مَڻُون چاهي، ماڻهو ڪرندي مند ئي ناهي.
سڀ جو تو ڏي آهي خيال، واهڙي وا ڊش تنهنجو ڪمال.
انصاف کي اچي وئي ٻُڙي آ، جو گهر گهر مٿان ڪُڙهي آ

تو کي تِر جو يار نه پَؤُ آ، خبر اٿئي گهٽي وِيهين سؤُ آ
ڪيڏو نه سادو غريب آهيان، اجان چئو ٿا شريف ناهيان

2020ع ۾ محبوب علي محبوب ڏيپر جو ڪتاب ”مون پيي نور نِچوڙيو“ ڇپجي آيو. جنهن ۾ نظم، غزل ۽ ڪافيون نمايان آهن. سندس ڪيفيتون عوامي آهن. جنهن ۾ هڪ نظم ۾ چوي ٿو :

نوان سال تنهنجي آجيان ڪيون ٿا،
کهڙي خبر تو کي ڪيئن جِيئون ٿا.

ڏسون ٿا پنهنجن جا پرڪار، کهڙي آزادي آهي يار.
لڳي تيلي وئي جڻ تيل ۾ آ، هيءَ قوم اچي وئي وَيل ۾ آ.

سندس غزل به نئين دور جي کهاڻي پيش ڪن ٿا.

سکر، سيوهڻ، ميهڙ، مورو، دادو يا لاڙڪاڻي ۾
ونڻ حال موبائل تي اچ ڏاڍو ٽي پيو سستو آ.

سندس ڪافين ۾ به هن دور جي دانهن ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

اهو دور نه ٿئي مَتان حام هڻي، دل ويندئي ڦُري سهڻا قسم ڪڻي
مان پُلجي هِڪڙي يار هتان ڪائي چوٽ وينو آهيان گهڻي.

"مون جيئن ڏٺو محبوب کي" ڪتاب ۾ هڪ غزل ۾ چوي ٿو:

دنيا جو دور هر طرح زندان ٿي پوي،
انسانذات شل وري انسان ٿي پوي

ذليل جي ذلالت کي نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو
انهيءَ خطري جي حالت کي نه تو سمجهيو نه مون سمجهيو

"ٽانڊن تي پَير" ڪتاب ۾ به عوامي اهنجن جي عڪاسي ڪري ٿو.

حڪومت جا پِرڪار ڏِٺا مون، پَٽ تي پڙهندي ٻار ڏٺا مون

گهڻو فتني فساد کان عاري هان،
مان پورهيت مزدور هاري هان
رونبي کان پوءِ لاٻُ ڪندو هان
ڪم کي ميڙي خواب ڪندو هان

محبوب ڏيپر پاڻ سان ٿيل ڏوکن ۽ فريبن کي به پنهنجي ذات ۾ ڏانءَ ذريعي رڪارڊ ڪندو رهيو آهي. جيئن هڪ دفعي پاڻ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد ڏانهن ميهڙ جي پوسٽ آفيس ذريعي مواد موڪليائين. اتفاق سان محبوب ڏيپر جو اهو مواد پبلشر تائين پهچائڻ بجاءِ پوسٽ مين ميهڙ ۾ ئي گم ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه کي محبوب ڏيپر پنهنجي شاعري ذريعي بيان ڪري پوسٽ مين کي تنبيهه ڪئي ۽ پوسٽ مين کي هن طرح چُوهه چنڊي:

مواد گم جنهن سارو ڪيو، انهيءَ ٽپاليءَ جو مُنهن ڪارو ڪيو.[1]

محبوب ڏيپر کي هڪ اک ۾ سُور پوندو هو. انهيءَ ڪري ميهڙ جي هڪ مشهور ڊاڪٽر کان اک جو علاج ڪرائڻ جي سلسلي ۾ دوا ورتائين. انهيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي لاپرواهي هئي يا قدرتي طور محبوب ڏيپر سان ايئن ئي ٿيڻو هو جو جيئن ئي اکين جي علاج وارا ڦڙا اک ۾ وڌائين ته سندس اک جا پردا ختم ٿي ويا ۽ سندس اک جي نظر هميشه لاءِ ختم ٿي وئي. جنهن جي علاج لاءِ گمبٽ ۽ ڪراچيءَ تائين ڊاڪٽرن وٽ ويو مگر اهو بي سُود رهيو. اهڙو حادثو پيش اچڻ کان بعد انهيءَ اکين جي ڊاڪٽر کي هن طرح ڏوراپو ڏنائين:

واهه جو تو نڀائي مون سان يار ياري،
ڏئي دوا مفت جي تو اک منهنجي ڪاري.[2]

محبوب ڏيپر سان ٻيو واقعو ميهڙ باءِ پاس تي پيش آيو. هڪ دفعي هڪ تيز رفتار موٽر سائيڪل واري کيس موٽرسائيڪل جو ٽڪر هنيو. ان ٽڪر جي نتيجي ۾ محبوب ڏيپر جي ڄنگهه ڀڄي پئي ۽ ڪافي عرصو گهر ۾ هڪ کٽ تي زير علاج رهيو. اهو وقت سندس تمام گهڻي تڪليف ۾ گذريو. ميهڙ جي هن عظيم عوامي نمائندي شاعر ۽ سگهڙ سان ايڏو وڏو حادثو پيش آيو پر ميهڙ جي ڪنهن به صحافيءَ جي ڪن تي ڪا جُون به ڪين

1. ڏيپر محبوب علي محبوب، مون جيئن ڏٺو محبوب کي، ص 117، حيدرآباد ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.
2. ڏيپر، محبوب علي، محبوب ۽ ميهڙ، ص191، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017ع.

رينگي. ڪنھن بہ صحافيءَ سندس حادثي جي خبر نہ هلائي ۽ نہ ئي وري ڪنھن رپورٽ ۾ ڪيس ياد ڪيو. محبوب ڏيپر هڪ غريب ۽ مسڪين حال عوامي شاعر هو، ڪين وٽائنس ڪنھن پئسي ڏوڪڙ جو ڪو آسرو بہ نہ هو. انهيءَ ڳالھہ جي ياد ڏهاني ڪرائڻ لاءِ محبوب ڏيپر ڪين هيئن چيو:

ميهڙ وارن جي چوندي لکي مون چڱائي
پڳي ٿنگ، نمائندي ڪنھن خبر نہ هلائي
آزمائي ڏٺا مون سيئي نوري ناري[3]

هن عوامي درد رکندڙ شاعر ڪراچيءَ ۾ ڪارساز واقعي ۾ شهيد ٿيندڙن کي بہ ناهي وساريو:

شهيد ڪراچي وارا توهان کي منهنجو سرخ سلام آ
ڌرتيءَ خاطر سرڙو ڏيئي ڪٽيو توهان انعام آ[4]

محبوب ڏيپر هڪ سگهڙ شاعر آهي. سگهڙ شاعر خارجي لقاءَ کان گهڻو متاثر ٿي لکندا ۽ محسوس ڪندا آهن. جيئن ڪنھن انگريزي ادب جي ليکڪ لکيو آهي: Seeing is believing معني ڏسڻ ئي عقيدو آهي. سگهڙ لاءِ ڏِٺ وڏي اثر واري هجي ٿي. جڏهن اها ڳالھہ عام ٿي تہ سنڌ جا ٻيٽ وفاق قبائڻ لاءِ سنڌ حڪومت تي زور بار وجهي رهيو آهي تہ هن سگهڙ شاعر قومي درد کي محسوس ڪندي چئي ڏنو:

3. محبوب ۽ ميهڙ، ص191.
4. ايضًا

ٻيٽ ڪپائين ٿو خواري ٿيندئي، ٿُو ٿُو سياٽي جاري ٿيندئي[5]

پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت جي دٻاءَ جي پرواھہ نہ ڪندي سنڌ جي ٻيٽن کي "محفوظ سنڌ جي ملڪيت" طور قانون سازي ڪري چڪي آهي.

محبوب ڏيپر سگهڙ شاعر جي حيثيت ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي ٻولي ۽ ثقافت جي سفير جو ڪردار ڀرپور انداز ۾ ادا ڪيو آهي:

اجرڪ پٽڪو شان اسان جو، ڌرتي پنهنجو مان اسان جو
هرڪو خاني خان اسان جو، اڄ مرڪي پيو ايوان اسان جو
ٿي پيو پونءِ جو ڀاڳ ڀلارو، پنهنجي ايڪتا زنده آباد[6]

ڊيم وڏا پي جوڙن پيا، رخ سنڌو جو موڙن پيا
سچ چوڻ تي گولي آهي، ٻي نہ هتي ڪا ٻولي آهي
ٻک ۾ ٻڌا ٻار ڏسان ٿو، سُورن ۾ سنگهار ڏسان ٿو
مرڪي ملڻ ڏوھہ هتي آ، گڏجي هلڻ ڏوھہ هتي آ

ڏسون ٿا پنهنجن جا پرڪار، کهڙي آزادي آهي يار[7]

محبوب ڏيپر جي سموري ڏات ڏيھہ جي ڏکن جو ورجاءُ آهي ۽ پنهنجي ڌرتي، ٻولي، ثقافت، ننگن ۽ دنگن جي هڪ

5. ڏيپر، محبوب علي، ٿاڌن تي پَير، ص58، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2022ع.
6. ڏيپر، محبوب علي، مون پي نور نچوڙيو، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.
7. مون پي نور نچوڙيو، ص 52.

برجستي محافظ وانگر للڪار ٻہ آهي:

ٻولي جا رکوالا سنڌي، ڪٿو ٻڙچون پالا سنڌي
اُٿو قومي ٻولي بچايو، پنهنجي سنڌي سَولي بچايو[8]
ثقافت آهي سنڌ جي ٻڏي ٻار کي ٽوپي آ
مان ڪيئن نہ گھمان پائي منهنجي يار کي ٽوپي آ[9]

محبوب ڏيپر سگھڙ شاعر جي حيثيت ۾ سماجي اهنجن ۽ تڪليف کي ٻہ سُهڻي انداز ۾ نپائيو آهي:

زبان تي ڪلمو دل ۾ گار، اهڙو مذهب ناهي ڪار[10]
ويهي حڪيمن ڪيا نٺ، سور مڙوئي سيون اٺ
دوائن ۾ آ اثر اهڙو، سور نہ ڇٽي جهڙو تهڙو[11]

تون تہ هلين ٿو سينو تاڻي، زال ڪمائي تي گھر ڏي آڻي
لڳي الزام ڪوڙا سچا پيي وجن تا،
تي زهر زندگي ۾ ٻچا پيي وجن تا.[12]
دوستو! دنيا جي لالچ آ، نيٺ ڇڏي ٻگاڙي
ڪلمي گويا ڪري پيا، توبہ الا الاڙي[13]
ڪيبل ٻش ٻاري ڇڏيو هتي ڏچو آ

---

8. ايضًا ص 55.
9. محبوب ۽ ميهڙ، ص 36.
10. مون پيي نور نچوڙيو، ص 74.
11. ايضًا، ص 85.
12. مون پيي نور نچوڙيو، ص 73.
13. محبوب ۽ ميهڙ، ص 215.

ننڍا وڏا ڪري پيا باقي چا بچيو آ[14]
رهيو خوف خدا جو نہ ڪنهن ۾ ذري آ
صديءَ ڏوهہ ڪهڙو ماڻهو پيو ڪري آ[15]
دنيا جو دور هر طرح زندان ٿِي پوي
انسان ذات شل وري انسان ٿِي پوي[16]

جڏهن ملڪ ۾ ڪورونا بيماري (COVID-19) جو ڌڪاءُ هو تہ هر ماڻهو خوف ۾ مبتلا هو. دڪان ۽ بازارون بند رهيون. حڪومت خود احتياط لاءِ بار بار تاڪيدي پيغام نشر ڪري رهي هئي تہ ان لقاءَ کي ٻہ سگھڙ شاعر هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪرونا وات ۽ نَڪَ مان ويندئي منهن تي ماسڪ پائي گهم
حڪمران ڊاڪٽر ايئن چوندئي منهن تي ماسڪ پائي گهم[17]

مجازي يا عشقيہ شاعري هر شاعر جي احساسن جي ترجماني ڪندي آهي. محبوب ڏيپر سگھڙ شاعر جي حيثيت ۾ مجاز کي خوب نباهيو آهي ۽ پنهنجن نازڪ احساسن جي خوبصورت ترجماني ڪندي چوي ٿو:

جهٽي باز جهرڪي جيئن ڪٽي ويو
ايئن ڏاڙو دل جو دلبر هٽي ويو[18]

---

14. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام محبوب ڏيپر، ص 33، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2016ع.
15. ، ٽاڊن تي پَير، ص 78.
16. مون جيئن ڏنو محبوب کي، ص 123.
17. ٽاڊن تي پَير، ص 64.
18. ڪلام محبوب ڏيپر، ص 24.

نہ ٿو گيڙي سگھان گاڏو آھي اونداھي اکين آڏو
وجين وينين يار پري تنھنجو کيئن ٿو ٿائيم ٿري[19]

اڄ سياڻي چئين ٿو پر تو واعدو ھڪ نہ پاڙيو آ
باھ ساڙي جيئن سُڪي ٻُنڊ کي سُورن ايئن جڻ ساڙيو آ[20]

رکي يار ياري پو وساريون ھليو وئين
کسي دل تون دلبر ڌِڪاريون ھليو وئين[21]

اڃان دل اوھان کي سڏڙا کري ٿي
ٿڌا ساھ سڏڪا ۽ آنھون پري ٿي[22]

شيءِ ڏاڍي ٿي پياري ڏسجي،
کنھن سان رکي ٿو ياري ڏسجي
جنھن جي ھڪڙي جھلڪ جي خاطر،
ٿي خلق پريشان ساري ڏسجي[23]

يار توکي ڏاڍو ڳولھيم ڪالھ ميھڙ ۾ منا
ڏسڻ ۾ نہ آئين جڻ کي سال ميھڙ ۾ منا[24]

اسان کي يار سودائي بڻائي تو ڇڏيو جھٽ ۾
چرين ۾ نالو منھنجو ڳڻائي تو ڇڏيو جھٽ ۾[25]

---

19. ايضًا ص 38.
20. ايضًا ص 62.
21. ايضًا ص 72.
22. محبوب ۽ ميھڙ، ص 37.
23. محبوب ۽ ميھڙ، ص 47.
24. ايضًا ص 192.
25. ايضًا ص 194.

پُلجي تنھنجي سُونھن تي مون دير نہ ڪئي دل لائڻ ۾
کھڙي تنھنجي ٻانھن ٿلھي تي مون کي درد رسائڻ ۾[26]

ميھڙ جا مور ماڻھو ميھڙ ڇا لاءِ ڇڏين ٿو
کھڙي آ تڪليف تو کي جو دلبر ھتان لڏين ٿو[27]

حيرت ۾ ھڙ ماڻھو ھجن کنھن جا نہ کپن پَير اتي
پتنگن وانگر جلي پچي ماڻھو ٿين پل ڍير اتي

سونا سڳا کھڙي کم جا اھڙو گڇيءَ جو ھار ڪجي
سُھڻن کان وڌ سُھڻو چوندي اھڙو دنيا ۾ يار ڪجي
خبر نہ ڏينھن رات جي پئي کو ايڏو تنھن سان پيار ڪجي[28]

واھ جو حال سڄڻ تون اوري وئين،
جڻ باھ ۾ ڪاني سَوري وئين[29]

تنھنجو روز مون سان اھو دل ڦڏو آ
جيکو تون ٿي چاھين سو مسئلو وڏو آ[30]

بھرحال مجاز ۾ محبوب ڏيپر جي شاعري ايتري تہ گھڻي آھي جو سندس شاعريءَ جا لاتعداد ڪلام سنڌ جي مشھور ڳائڻن ڳايا آھن ۽ سندس 12 ڪتاب جيڪي ڇپجي چڪا آھن ۽ تيرھون ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آھي. سپ سندس ذات ۽ ڏانءَ جي

---

26. ايضًا ص 206.
27. ايضًا ص 236.
28. مون پي نور نچوڙيو، ص 146.
29. ٿاندن تي پَير، ص 84.
30. ٿاندن تي پَير، ص 95.

گواهي ڏين ٿا. هتي صرف مختصر طور ڪجهه خيال پيش ڪيا ويا آهن. محبوب ڏيپر جنهن به شخصيت ۽ ڪردار کان متاثر ٿيندو آهي ته ان تي ضرور لکندو آهي. ميهڙ جي مشهور شاعر، اديب، سياسي ۽ سماجي شخصيت رئيس شمس الدين بلبل جي چشم و چراغ سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل سان سندن آخري زندگي ۾ ”بلبل هائوس“ ميهڙ ۾ منهنجون ۽ محبوب ڏيپر جون خوب ڪچهريون ٿيون. سائين خود به ادب شناس، حليم طبيعت جو مالڪ ۽ علم دوست هئا. سندن ڪچهري منجهان اسان ٿورڙي عرصي ۾ ڪافي گهڻو پرايو. پاڻ تمام وڏا زميندار هجڻ باوجود غريب پرور ۽ علم جا گوهر هئا. وڏڙن جا ڪتاب ۽ علمي ورثو ٻيهر ترتيب ڏئي ڇپائڻ سندن عام مشغلو هو. ڪافي ڪتاب پنهنجي ڏاڏي رئيس شمس الدين بلبل ۽ رئيس ضياءُ الدين بلبل جا ڇپائي چڪا هئا. 2019ع ۾ 82 سالن جي ڄمار ۾ سندن وصال ٿي ويو.

سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل سان تقريبًا هر آچر تي ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. مون کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته سائين جن مون سان ادبي رهاڻ پنهنجي مَسڪن ”بلبل هائوس“ تي وڏي پاڀوهه سان شاندار انداز ۾ منعقد ڪرائي، جنهن ۾ ڪافي اديب، شاعر ۽ علم دوست شريڪ ٿيا هئا. سائين جي وصال کان پوءِ جي ڪيفيت محبوب ڏيپر هن طرح بيان ڪئي آهي:

شمس ابن ضياء ويو
گلشن مان ڪومائجي هر گل ويو

اهو ئي ملڪ ۾ هلي هُل ويو
ادب جو وسامي ڏيئو ڦُل ويو
تو بن ميهڙ سائين ٻُسي ٿي لڳي
تون هئين ته ڪيڏو مزو هو
تو آچر تي ملڻ جو وار رکيو هو
سائين عبيدالله مون تي بار رکيو هو
هڪ ٻئي تي اسان ايڏو آر رکيو هو[31]

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر ڏات جي ڏيهه جو سگهارو جوان آهي. جنهن جو مختصر احوال پيش ڪري سگهيو آهيان. سندس حمد ۽ نعتون به تمام گهڻيون مشهور آهن، جيڪي سنڌ ۾ ڪافي مداحي ڳائيندا رهن ٿا.

ڏئي سمنڊ درياهن کي ڪرين ٿو ٻاجهه ٻيٽن تي
ملي ٿو مهل تي سڀ کي، رهندو ناهي پکي پرندو[32]

سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر عاشق رسول ﷺ ۽ فقير صفت اعلىٰ ظرف رکندڙ انسان محبوبن ڪريمن ﷺ جو خوبصورت خيال رکندڙ مداحي آهي. ڪيس هڪ دفعو عمرو ۽ ديار حبيب جو ديدار پڻ نصيب ٿيو آهي. پاڻ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي چانئٺ چمي آيو آهي.

نه تي ميهڙ وٽي مون کي نه ڪي ڳوٺ اباڻو

31. مون جيئڻ ڏنو محبوب کي، ص 101.
32. ڪلام دائود، ص 13.

اهو مان ڪرڻ مدنيءَ سان ادا اظهار چاهيان ٿو[33]
پڇجي وئي بت پرستي ۽ اڀريو اسلام جو سورج
قدم تنهنجي تان صدقو ٿيو محبوب ڏيپر پلي آئين[34]

ڪهڙن لفظن ۾ تنهنجو شان چوان
تو کي طٰهٰ يٰس مهربان چوان
تنهنجي تعريف دم دم ڪيان ڪيان
تنهنجي نانءَ تان صدقي ٿيان ٿيان
ڏوئي ڀَير پرين تنهنجا ڀيان ڀِيان[35]

منهنجي نبيءَ جي شان جهڙو ڪنهن جو شان آ
مليو رب کان اهڙو ڪنهن کي دان نہ آ[36]
آيو معراج ماڻي مدني منو هڪ رات ۾
ڪئي ڪيڪار عربي کي مولا التحيات ۾[37]

ڪيو پوري صدا منهنجي، اچان ميهڙ چڏي مدني
تنهنجي گهر جي سامهون پنهنجو ويهان گهرڙو اڏي مدني[38]

بهرحال سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر جي شخصيت ڏات جي ڏيهه جي اهڙي صدا آهي جيڪا نہ صرف هن دور ۾ گونجي ٿي پر

---

33. ڪلام دائود، ص 20.
34. ايضًا 15.
35. ڪلام دائود، ص 121.
36. محبوب ۽ ميهڙ، ص 25.
37. ڏيپر، محبوب علي، مٺا ٻول محبوب جا، ص 53، حيدرآباد، الرزاق پرنٽنگ ايجنسي 2010ع.
38. ايضًا ص 63.

ايندڙ دور ۾ اهو آلاپ دل جي حضور سان ٻڌو ويندو. قادر بخش ڏيپر جي ڳوٺ ۾ خاندان جي هن چشم و چراغ پنهنجي زندگيءَ جو تمام گهڻو عرصو سنڌي ٻولي کي ڏئي پاڻ کي مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي. هر ادبي پروگرام جو هي ماڻهو سينگار آهي ۽ سندس چيل ٻول هر ڪنهن جي زبان تي پيا گونجندا آهن. اهو ئي هڪ ڏات ڌڻيءَ جي ڏات جو ڪمال آهي جو هر روح ۾ وسي ۽ رسي ٿو ۽ ڪيس پذيرائي ملي آهي. آخر ۾ سنڌ جي هن سپوت ۽ مسڪين ماروئڙن جي وڪيل سگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر لاءِ الله تعاليٰ کان هي دعا گهران ٿو تہ شال پاڻ خضري حياتي ماڻي. آمين

پروفيسر عبيدالله لاڪير
پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ميهڙ
03003093627

30 مارچ 2022ع ڳوٺ بخش لاڪير

مقدمو

الله رب العزت هن پوري ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي. پنهنجي تخليق منجهان حضرت انسان کي احسن تقويم تي خلقيائين. حضرت انسان کي پنهنجي ساري مخلوقات منجهان ”اشرف المخلوقات“ يعني سموري مخلوق منجهان عزت ۽ احترام واري مخلوق جو اعزاز به ڪيس عطا ڪيائين. انسان جي پنهنجي تخليق ئي رب ڪائنات جي ڪاريگريءَ جو اعلىٰ ترين مثال آهي. پنهنجي هن معزز مخلوق کي علم، عقل ۽ شعور جهڙي بهترين صفتن سان مالا مال ڪيائين. منجهس احساسات جو مادو رکيائين. انسان جي اندر بيان ڪرڻ جهڙي عظيم صلاحيت پڻ وديعت فرمايائين. انسان کي مختلف صلاحيتن ۽ خوبين سان نوازيو اٿائين. ڪي زبان سان اهڙي ته دلڪش بيان بازي ڪندا آهن جو دليون نه چاهيندي به سندن طرف ڇڪجيو وڃن، ڪن کي قلم جي شاهڪار سان سنواريو اٿائين، ڪن کي شيرين زبان ڏنائين ته ڪن کي قلم جو ڪاريگر بڻايو اٿائين، مطلب ته هر انسان جي اندر ڪانه ڪا خوبي ۽ صلاحيت هوندي آهي، بس رڳو ڪوٺ آهي ته صرف ان ڳالهه جي ته حضرت انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي وٺي. هر انسان ڪنهن نه ڪنهن محاذ تي پنهنجو پاڻ کي جاکوڙي بڻائي ٿو. هر دل ڪنهن نه ڪنهن شيءِ تي مدهوش ٿي ويندي آهي. ڪنهن نه ڪنهن جي چاهت ۾ بيوس بڻجي پوندي آهي. مگر هر زبان منجهه اندروني ڪيفيت (احساسات) کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت نه هوندي آهي. اگر زبان احساسات کي بيان ڪندي به ته

ان ڳالهه جي صحيح نموني ترجماني ڪرڻ کان به قاصر رهندي آهي. مگر قلم جي طاقت اها انمول شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي دل جي ڳالهه کي اکرن جي صورت ۾ بيان ڪري سگهندو آهي. قلم جي عظمت کان هر انسان بخوبي واقف آهي. قلم کي استعمال ڪرڻ ته قلمڪار ئي ڄاڻي ٿو. هن قلم کي مختلف صنفن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. انهن صنفن منجهان شاعري به هڪ صنف آهي. شاعر عوام جي دلين جي ترجماني ڪندو آهي. شاعر ۽ اديب قوم جو سرمايو هوندا آهن. اديب تاريخ کي نثر جي صورت ۾ محفوظ ڪري ٿو ته شاعر تاريخ کي ۽ دل جي جذباتن ۽ احساسن کي قلم جي زبان سان بهترين لفظن جي چونڊ ڪري پنهنجي شاعري ۾ سموهي بيان ڪندو آهي. معاشري ۾ موجود برائين خلاف احتجاج ڪندو آهي ته وري ڪڏهن ڪنهن سني ڪم جي عظمت کي وڏي واکي بيان پڻ ڪندو آهي. مطلب ته شاعر پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪندو آهي. ان عڪاسي کي عوام جي سامهون آڻڻ ۽ عوام تائين اهو پيغام پهچائڻ لاءِ ڪيس ڪيترين ئي ڏکيائين منجهان گذرڻو پوندو آهي. هر ڪو اها ڳالهه خوب چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو ته حق ۽ سچ کي بيان ڪرڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. شاعر پنهنجي شاعري ذريعي حق ۽ سچ بيان ڪندي ڪڏهن ڪنهن محفل يا مشاعري ۾ عوام آڏو اها ڳالهه رکي پنهنجي دل جو ڪجهه بار هلڪو ڪندو آهي ته وري ڪڏهن ڪن ورقن ۾ پنهنجو اهو پيغام قلمبند ڪري ايندڙ نسل لاءِ محفوظ ڪرڻ جا جتن پڻ ڪندو آهي.

ڪجهه شاعر حضرات پنهنجي ان پيغام کي نئين نسل

تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ کي سهيڙي ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. ڪتاب پيش ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونه آهي. ان لاءِ تمام گهڻي محنت ڪري پنهنجو مواد گڏ ڪجي ٿو. ان کان پوءِ ان مواد کي ڪمپوز ڪرائڻ، ڪتابي شڪل ڏيڻ، پبلش ڪرائڻ وغيره جهڙا مرحلا طئي ڪرڻا پون ٿا. انهن مرحلن لاءِ هڪ اهم مسئلو معاش جو هوندو آهي. اهي ماڻهو ان ڳالهه کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن ٿا جيڪي انهن مرحلن منجهان گذري ادب ۾ هڪ نئين ڪتاب جو اضافو ڪري چڪا آهن. ڪجهه مسڪين پنهنجي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي قربانيون ڏئي، ڪجهه سپنن ۽ خواهشن کي پاسي رکي پيٽ کي ٻُڪ ڏئي به پنهنجي جستجو جاري رکي ادب جي خدمت ڪن ٿا. اهڙن مَهان انسانن ۾ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر به هڪ آهي.

اعجاز علي سوڍر
پي ايڇ ڊي اسڪالر
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

جنم

محبوب بن محمد صادق بن فتح محمد بن لونگ ڏيپر جو جنم ڳوٺ قادر بخش ڏيپر يونين ڪائونسل لٽڻ (پهريان اهو ڳوٺ يونين ڪائونسل قاضي عارف ۾ هو) تعلقو ميهڙ ضلعو دادو ۾ سال جي سيني کان وڏيڪ پلاري رات ۽ پلاري مهيني رمضان المبارڪ جي 27 تاريخ جيڪا شب قدر جي رات هئي ۽ ان ڏينهن جو سج اسان پاڪستانين جي لاءِ تمام وڏي نويد ڪٽي اڀريو يعني 14 آگسٽ 1947ع ۾ ٿيو.[39]

محبوب ڏيپر جنهن ڳوٺ ۾ جنم ورتو اهو ڳوٺ سنڌ جي پسمانده علائقي ۾ آهي. هتي جي عوام جي ڪِرت هارپو ڪرڻ ئي رهي آهي. اسان جي سنڌ سونهاري جي ٻين ڳوٺن جيان هن ڳوٺ ۾ به تعليم ۽ سهولتن جي اڻهوند هئي ۽ هاڻي به اهو ڳوٺ ڪافي بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهي. ان ڳوٺ جو غريب گهراڻي وارو شريف نفس محترم محمد صادق ڏيپر دل جو تمام گهڻو سخي انسان هوندو هو. غربت هوندي به آئي جي عزت ڪرڻ، مسافرن جي حتیٰ الامڪان مدد ڪرڻ، غريبن جي اوکي ويل سار لهڻ ۽ مهمان نوازيءَ جهڙي صفتن سان سَجيل عمده اخلاق ۽ ڪردار وارو انسان هو. سندس باري ۾ ڳوٺ جا وڏڙا ٻڌائن ٿا ته

39. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص 187.
ڳوٺ قادر بخش راڄ واهه جي ڏکڻ واري ڪڙ تي آهي. هي ڳوٺ ”ٻَنڌ وارا ڏيپر“ جي نالي سان مشهور آهي. چاڪاڻ جو پراڻي دور ۾ انهيءَ راڄ واهه تي هڪ ئي ٻنڌ هوندي هئي. ڏامراهه ۽ مرزا واهه کان وٺي ڪوٺي سوڍاري بلڪ ڍاڪاٽي تائين آمد ورفت جو ذريعو اها واٽ هجڻ ڪري هن ڳوٺ جي ٻَنڌ مشهور هئي.

پاڻ لانگھاٽو شاخ تي ماني کڻي وڃي ويھي ڪنھن مسافر جو انتظار ڪندو ھو تہ ڪو مسافر اچي تہ ساڻس گڏجي ماني کاوان، ايئن اڪيلي ماني کائڻ ۾ ڪيس بلڪل بہ مزو نہ ايندو ھو. محترم محمد صادق ڏيپر زمين تي ڪم ڪار ڪندو ھو تہ سندس زوجہ محترمہ "سياڻي" سندس لاءِ بنيءَ تي ماني کڻي ويندي ھئي. پاڻ ڪنھن مسافر يا واٽھڙو جو انتظار ڪندو ھو تہ جيئن ساڻس گڏ ويھي ماني کائجي. اڪثر مھمان جي انتظار ۾ مانيءَ جو وقت ٽري ويندو ھو مگر پوءِ بہ اڪيلو ماني کائڻ گوارا نہ ڪندو ھو. ھڪ پيري زوجہ محترمہ چيس تہ سڄو ڏينھن بُک تي رھڻ مناسب ناھي. توھان ماني کائي ڇڏيندا ڪيو. چو تہ اگر ڪو مھمان مسافر اچي تہ ماني نصيب ٿيندي اتوَ نہ تہ بنا ماني کائڻ جي ئي رھو ٿا. اھو ٻُڌي وراڻيائين تہ اوالله جي بندي! ايئن نہ چؤ! تو کي خبر بہ آھي تہ مون کي اڪيلي سر ماني کائڻ پسند ناھي. آئنده ٻن ٽن ماڻھن جي ماني کڻي ايندي ڪر. محمد صادق نماز پنجگانہ جو پابند ۽ پرھيزگار انسان ھو. سندس زوجہ محترمہ سياڻي بہ نماز جي پابند، تلاوت قرآن مجيد جي شوقين ۽ ديندار عورت ھئي. محترم محمد صادق پنھنجي امڙ "سيائي" جو بہ نھايت فرمانبردار ھوندو ھو.

محترم محمد صادق غريب ھوندي بہ دل جو نھايت سخي جوان ھوندو ھو. سنڌ جي مھمان نوازي عرب توڙي عجم ۾ مشھور رھي آھي. ھي جوان بہ ان جو ھڪ مثال ھو. محبوب ڏيپر بہ ان جوان جو فرزند آھي. محبوب جي پرورش سادگيءَ واري ماحول ۾ ٿي. محترم محمد صادق ڏيپر کي چار پُٽ " حاجي گل محمد، قيصر خان، محبوب علي، رسول بخش (عرف آچر) ۽ ھڪ

نياڻي "پاڳل" زوجہ شفيع محمد بن حاجي علي شير ڏيپر" پيدا ٿيا.

تعليم

محمد صادق پنھنجي فرزند محبوب علي کي ڳوٺ جي مسجد ۾ مسجد جي پيش امام ۽ مُدرس حاجي عطا محمد ڏيپر وٽ قرآن مجيد پڙھڻ لاءِ ويھاريو. محبوب ڏيپر وٽس قرآن مجيد ناظره پڙھي پورو ڪيو. محبوب ڏيپر ننڍپڻ جي عمر ۾ ئي ھو تہ سندس والد محترم محمد صادق ڪيس داغ مفارقت ڏئي دارالبقا جي طرف راھي ٿي ويو. سندس وڇوڙي سندس گھر جي ڀاتين کي اھنجائي رسائي مگر انھيءَ سان گڏ ھن گھر ۾ غربت بہ وڌي وئي. ننڍي عمر ۾ محبوب کي يتيميءَ جي ڏکن جو منھن ڏسڻو پيو. غربت سان جنگ وڙھندي محبوب ڏيپر پرائمري جا صرف چند درجا ئي پڙھي سگھيو. پاڻ پھريان گورنمينٽ پرائمري اسڪول حسين ڏيپر (کُھڙِي ڏيپر) ۽ ان کان پوءِ گورنمينٽ پرائمري اسڪول پيربخش سوڍِر ۾ پڙھي پنج درجا پاس ڪيائين. سندس مقدر ۾ صرف پنج درجا پرائمري جي تعليم ئي آئي، جنھن جو سبب غربت ۽ اتان جو ماحول ۽ سَھولت نہ ھئڻ ئي ھئي پر ڪيس والدين طرفان پيار ۽ محبت سان گڏ پاڪيزه تربيت ملي. ان تربيت جو اثر اڄ بہ ساڻس ملڻ وارو انسان محسوس ڪندو آھي. ڪيس ان ڳالھ جو شدت سان احساس آھي تہ ھو وڌيڪ تعليم پرائي نہ سگھيو. جنھن ۾ سندس ڪوبہ قصور نہ آھي. وري غربت بہ سندس تعليم جي حصول ۾ حائل رھي. خير جيڪو نصيب ھئو سو ڪيس مليو. پنھنجي زمينن ۾ ھارپو ڪندي سندس زندگي گذرندي رھي.

محبوب ڏيپر ڳوٺ کان اسڪول پَري هجڻ سبب ڳوٺ جي ٻارڙن جي تعليم لاءِ فڪرمند رهيو. ڪيس اهو درد سُڪون سان سمهڻ نہ ڏيندو هو. ڳوٺ جي ٻارڙن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس جستجو جي نتيجي ۾ سائين مرحوم علي اڪبر ڏيپر (ڳوٺ حسين ڏيپر المعروف ڪُهڙي ڏيپر) سندس ڳوٺ قادر بخش ڏيپر ۾ پڙهائڻ لاءِ آيو. ڳوٺ ۾ اسڪول جي بلڊنگ نہ هجڻ سبب هڪ ڪٺ تي ڳوٺ جي چند ٻارڙن کي پڙهائڻ شروع ڪيائين. سائين علي اڪبر جي انهيءَ ڳوٺ جي سڀ کان پهرين شاگردن جي ڪيپ ۾ محبوب ڏيپر جو وڏو فرزند ايڊووڪيٽ لياقت علي بہ شامل هو.

ادبي دنيا ۾ آمد

محبوب ڏيپر پرائمري جي تعليم پوري ڪرڻ کان بعد گهريلو حالات کي مدِ نظر رکي مال چارڻ شروع ڪيو ۽ ان سان گڏ ميهڙ ۾ درزڪو ڪم سکيو. انهيءَ سان گڏ هارپو بہ ڪندو رهيو. ميهڙ ۾ محمد قاسم سومرو وٽ درزڪو ڪم سکيو. اتي ڪيس ڪلام جي محفلن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. انهيءَ دڪان جي پرسان محترم ميهر پٽي ”وفا پٽي“ صاحب جو دڪان بہ هو. وفا پٽي صاحب سندس شاعري جو شوق ڏسي ڪيس پنهنجي استاد محترم اسحاق راهي (سومرو) وٽ وٺي ويو. محبوب سندس شاگردي قبول ڪري پنهنجي ڏات جو رخ صحيح گس تي موڙي پروان چڙهڻ لڳو. پوءِ راهي صاحب سان سندس ڪچهريون ٿينديون رهيون. اسحاق راهي کان شاعري جي اصلاح ۽ سبق

ونندو رهيو. راهي صاحب جي صحبت ۾ رهندي غازي خان لغاري ”نشتر ناٿن شاهي“ ۽ امان الله ”ناظم“ منگي سان گهري دوستي ٿي ويس. شاعري جي شوق منجهہ محبوب کان رونبو، لابُ ۽ درزڪو ڪم بہ ڇڏائجي ويو. انهيءَ کان پوءِ ادبي دنيا ۾ سندرو ٻڌي ميدان ۾ لهي پيو. پوءِ تہ شل نہ ڪٿي ڪا ادبي محفل، ڪا ادبي ويهڪ، ڪا ادبي ڪچهري يا ڪا ادبي رهاڻ ٻڌي، پوءِ بس جيئن ٽِيئن ڪري پئسا اڌارا وٺي بہ يار اتي پهچي ويندو هو.

پاڻ اديبن، شاعرن، سگهڙن، محققن ۽ عالمن سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ آتو رهيو. جن ادبي شخصيتن سان سندس صحبت رهي انهن ۾: محمد ملوڪ عباسي، رحيم بخش قمر، عبدالرحمان مهيسر، اسحاق راهي، ناظم منگي، محمد مٺل جهتيال، لقمان کوکر، حاجي علي بخش جمالي، لقمان حڪيم لاڙڪاٽي وارو، سرڪش سنڌي، قاضي مقصود گل (جنهن محبوب ڏيپر جي پهرين ڪتاب ”منا ٻول محبوب جا“ جي ميهڙ جي ”رحمان“ هوٽل ۾ مهورتي تقريب ڪئي)، مختيار گهمرو، سائين حبيب الرحمان سومرو، م ن محزون پٽي، شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل ابڙو، انور جوکيو، خدا بخش ”خادم“ لُنڊ، عبدالله ”همدم“ چانڊيو، ناياب سرڪش، منٺار سولنگي، اعجاز عليم عقيلي، نصير مرزا، غلام رسول سولنگي ” آثم ناٿن شاهي“، محسن ڪڪڙائي، بشير سيتائي، دلدار راڏٽائي، اميرالدين قاصر ناريجو، گل حسن گوپانگ، حاجي قاضي قائل لاڙڪاٽي وارو، راز باڍاهي، شائق بخاري، بسمل راڏاٽي، حمزه علي مولائي، تاج جويو، شمسي دڙي وارو، زبير چنو ” آثم فيروز شاهي“، سجڻ قبولائي، حزب الله،

عاجز سرڳاٽي، عبد مگسي، آزاد انور ڪانڊڙو، ملنگ حيدري ڏيپر، حبيب حضوري، خليل لاکير، خانڻ پتوجو، ديدار شاد گوپانگ، پروفيسر عبيدالله لاکير، اياز لاکير، علي اصغر چانڊيو، ساقي چانڊيو، نالي منو مهيسر، زاهد ابڙو، سهيل عباسي، پيرل پياسي قمبر وارو، ڊاڪٽر عطامحمد حامي، راشد مورائي، استاد بخاري، مريم مجيدي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ميهر فقير، محمد رمضان اونو، سائل آزاد، مسڪين ملاح، شبير سيال، احمد خان مدهوش، الهہ نواز رُڪڻائي، طالب لغاري، حاجي غلام نبي مهيسر، وقار ناٿن شاهي، عبدالقيوم ”جوهر بروهي“، عاجز رحمت الله لاشاري، سائين شفيق چنو، فاروق ملاح، الاهي بخش چانڊيو، خادم چانڊيو، پيرل پرديسي، منظور مولائي ڪوسو، مجبور ميمڻ، قربان جهتيال، سيد حاڪم علي شاهہ، سومرو سودائي، سيد محمد قاسم شاهہ فوٽو گرافر، ڊاڪٽر محمد آدم ڀٽ (ميهڙ)، علي اصغر جويو، مرحوم حاجي عبدالڪريم ٻگهيو (ميهڙ)، مرحوم رفيق احمد ايري، سيد جعفر علي شاهہ (منياٽي)، اسحاق تبسم (صحافي) ڪرشن لعل (صحافي)، انور پتوجو، حاجي گل حسن ڏيپر، عبداللطيف ڏيپر (ڏيپارجا سينارجا)، غلام رسول ٻوهيو (نوشهرو فيروز)، ڪامل امداد جتوئي (لاڙڪاڻو)، مرحوم پيرل ملاڻو (گاجي کهاوڙ)، مرحوم قربان سولنگي (پڪيئڙا ماڇي)، ڊاڪٽر حڪيم گل محمد غازي ڏيپر (عرضي ڏيپر، نصيرآباد)، مرحوم محمد بخش اوڍاڻو (ميهڙ)، مرحوم قاضي شفيق احمد مهيسر (قاضي عارف)، مرحوم پير علي مردان شاهہ راشدي (ڀٽ سرائي ميهڙ)، آصف منياٽوي، ديدار سيال، امداد ٻبر، محمد امين سنياسي، غلام حسين

باجاري، رحيم بخش قريشي، حافظ بدرالدين آڳرو، حافظ نياز حسين پاهي، سيد محمد شاهہ، ذوالفقار هيسباڻي، نصير مرزا، ڪوثر ٻرڙو، سائين حاجي بخشل سوڍر ۽ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب سرفهرست آهن.

محبوب ڏيپر جو اصل نالو دائود هو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ ٽر ۾ انهيءَ نالي سان ئي ڄاتو سڃاتو ويندو هو. ان وقت بہ تقريبًا 90 سيڪڙو ماڻهو دائود ۽ 10 سيڪڙو ماڻهو محبوب جي نالي سان ڪيس سڃاڻندا هئا. شاعري ۾ ”محبوب“ تخلص استعمال ڪرڻ کان بعد سندس سڃاڻپ محبوب ڏيپر سان ئي رهي.

محبوب ڏيپر ان ماحول ۾ نپنو ۽ پليو آهي جنهن ماحول ۾ هر طرف ” ڏاڍو سو ڳابو“ ۽ ” ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا “ وارو رواج رهيو آهي. جتي ظلم جي خلاف اٿندڙ آواز کي هميشہ دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. معاشري ۾ موجود برائين خلاف باغي آواز جو ڳلو ڪٽيو ويندو آهي. ڏاڍ ۽ جبر جو زور ۽ حڪومت هلندي آهي. شرير جو ڪنڌ مٿي ۽ مُعزز جو ڪنڌ سدائين جُهڪيل رکڻ جي سعي ڪئي ويندي آهي. هتي زورآور جو رُسامو ئي عزت واري جو سُڪون برباد ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. جتي مظلوم انصاف لاءِ واجهائيندي پنهنجا پَساهہ پورا ڪندو آهي. جتي حق جو آواز بلند ڪرڻ وارو پنهنجي لاءِ سُولي سڄائيندو آهي. جَس لَهن اهي عظيم انسان جيڪي ايترين سختين جي باوجود بہ معاشري ۾ موجود ظلم ۽ بُرائين خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا رهندا آهن. محبوب ڏيپر پنهنجي ماحول کان بخوبي واقف رهندو آيو آهي. پنهنجي ماحول ۽ معاشري ۾ موجود بُرن عنصرن جي بہ

پرک رکندو رهيو آهي. ڪيس حق جي صدا بلند ڪرڻ جو هميشھ ڪان ئي فِڪر رهندو آيو تہ ڪجھ انهن ظلمن ۽ برائين خلاف ڪم ڪري عوام کي سُجاڳ ڪجي. ان ڳالھ کي مدِنظر رکندي 1980ع ۾ هن قلم سان جهاد ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڪجھ لکڻ جي سَعي ڪئي. پاڻ صرف پرائمري تعليم هئڻ جي باوجود بلند حوصلا رکڻ وارو انسان رهيو آهي. الله رب العزت انسان جي اندر اگر ڪجھ ڪَميون ۽ ڪوتاهيون رکندو آهي تہ وري منجهس کي ڪمال جا گُڻ بہ ضرور رکندو آهي. ضرورت صرف ان ڳالھ جي هوندي آهي تہ انسان صرف پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي تہ ڪاميابي سندس قدم چمندي.

محبوب جي اندر بظاهر دنياوي تعليم جي ڪَمي ضرور آهي پر خالق ڪُل شيءِ کيس عقل، دانائي، رحمدلي ۽ مهمان نوازي جهڙين عظيم خوبين سان سرشار فرمايو آهي. محبوب ڏيپر تمام گهڻو يارويس انسان ۽ شفيق بزرگ آهي. هن پنهنجي خداداد صلاحيت کي پروڙي ان کي انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سو پنهنجي ڀڳل ٽٽل لِکائي ۾ پنهنجا جذبات ۽ معاشري ۾ موجود بُرائين خلاف لکڻ شروع ڪيو. اها الله رب العزت جي ئي دَين آهي جو هو ظاهري تعليم کان ڪجھ وانجهيل آهي پر باطني تعليم سان ڀرپور آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ لکڻ سان سندس اندر لِڪيل جوهر ۽ خوبيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. هو فطرت جي هر سُونهن ۽ هر پهلوءَ تي لکندو رهيو آهي تہ وري ظلمن، ناانصافين ۽ بُرائين خلاف بہ لکندو رهيو آهي. سندس شاعري پڙهي ڪري ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ گويا ظلم

خلاف سندس قلم پڙڪا ڪائي اٿندو هجي. ڇهري تي سنت رسولﷺ سنت مطابق سجايل، نماز پنجگانہ جو سختيءَ سان پابند، هر آئي وئي جو احترام ڪرڻ وارو انسان، مهمان نوازيءَ ۾ مَور گويا سِر صدقو ڪرڻ وارو، دوستن جي پرگهور لهڻ وارو، ميٺ ۽ محبت سان ملڻ وارو، سندس ڪوشش هوندي آهي تہ پنهنجي ڪيسي منجهان هر ڪنهن جي حتي الامڪان خدمت ڪري. مطلب تہ محبوب ڏيپر واقعي ۾ پنهنجي نالي جو ڀرم رکڻ وارو ۽ محبوب انسان ئي آهي. هو ڪو وڏو زميندار نہ آهي بلڪ غريب گهراڻي جو فرد آهي پر سلام سندس حوصلي کي آهي جو پنهنجي هڙان خرچ ڪري سنڌي ادب کي پنهنجا درجن کان مٿي ڪتاب ارپي چڪو آهي. جَس لهڻو هن بزرگ جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجون محنتون ۽ مال صَرف ڪري رهيو آهي. محبوب ڏيپر شاعري جي تقريبًا هر صنف کي پڙهيو ۽ لکيو آهي. الله رب العزت طرفان عطا ٿيل ڏات کي هن شاعري جي ميدان جي هر صنف ۾ استعمال ڪري پاڻ مڃرايو آهي. سندس شاعري جو موضوع حمد، نعت، قصيدو، منقبت، بيت، نظم، ٻہ سِٽو، ٽي سِٽو، چؤسِٽو، پنج سِٽو، ڇھ سِٽو، اٺ سِٽو، سينگار، ڏور، وائي، گيت، غزل، سهرو، ڪافي، ٽيڙو ۽ ڳجهارت هوندو آهي. مطلب پاڻ هر صِنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين.[40] سندس مقصد هميشہ اصلاح ئي رهيو آهي. محبوب ڏيپر شاعري جي ميدان جي هر صنف جو شهسوار ثابت ٿيو آهي.

40. ڳورڙ، الهرکيو، جيون سفر سک جو، ص 456، دادو، سرجٿهار پبليڪيشن 2011.

شادي

محبوب تقريبًا 1973 يا 1974ع ۾ قاضي عارف کان ميهڙ جي طرف ٿورڙي فاصلي تي موجود ڳوٺ "بالو پنڊ" جي رهائشي سندس والد محترم جي رشتيدار محترم محمد عرس گاد جي نياڻي "غلام فاطمہ" سان شادي ڪئي. محبوب ڏيپر جو 1965ع ۾ رشتو طئي ٿيو ان وقت محمد عرس گاد "ڳوٺ پالو پنڊ" ۾ رهائش پذير هو. بعد ۾ ميهڙ شهر سان متصل "ڪڏ جو ڳوٺ" لڏي آيو. محبوب جي شادي اتي "ڪڏ جو ڳوٺ" ۾ ٿئي ٿي. سندس گھر واري عام سادي ٻهراڙيءَ جي عورت هئي. نهايت سليقہ شعار، گھر جي ڪم ڪار ۾ سُگھڙ، ٻچڙن جي صحيح نموني پرورش ۽ پالنا ڪرڻ واري، متقي، قرآن مجيد ناظره پڙهيل ۽ مڙس جي تابعدار عورت هئي. گھر جا کھڙا بہ حالات هجن مگر پاڻ هر حال ۾ رب جي رضا مڃڻ جي قائل عورت رهي. پنهنجي گھر جي سنڀال ۽ اولاد جي پرورش ۾ پنهنجي وسان نہ گھٽايائين. محبوب ڏيپر کي هن نيڪ زوجہ محترمہ جي بطن منجهان ڇھ پُٽ ۽ ڇھ نياڻين جو اولاد ٿيو.

محبوب ڏيپر پنهنجي ڳوٺ قادر بخش ڏيپر منجهان هجرت ڪري سن 2000ع ۾ ميهڙ شهر سان متصل ڪڏ جو ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. اها جڳھ مهبوب جي زوجہ محترمہ 1995ع ۾ پنهنجي چاچي غلام رسول گاد ۽ پنهنجي مامي ميرل ڪونهاري کان چوپايو مال ڏئي خريد ڪئي هئي تھ جيئن سندس اولاد شهر جي پرسان رهي سٺي تعليم حاصل ڪري سگھي. محبوب ڏيپر جي زوجہ محترمہ گھر جي خرچ ڪپاءَ جي پورائي لاءِ پنهنجي اولاد

جا ڪپڙا بہ پاڻ سِبَندِي هئي تہ وري گھر جو گاڏو هلائڻ ۾ مڙس جي ٻانهن ٻيلي ٿيڻ لاءِ ڳوٺ جي ننڍڙن ٻارڙن ۽ عورتن جا ڪپڙا بہ اجرت تي سبندي هئي. انهيءَ منجهان جيڪا ڪمائي ٿيندي هئس اها پنهنجي ٻچڙن ۽ گھر تي خرچ ڪندي هئي. هن عورت ڏاڍي محنت سان زندگيءَ جون گھڙيون گھاري پنهنجي اولاد کي سُکيو رکڻ جي سعي ڪئي. محبوب ڏيپر جڏهن ميهڙ ۾ لڏي آيو تہ وٽس چار مينهون هيون. ان دور ۾ اسان جي علائقي ۾ کير کپائڻ کي عيب سمجهيو ويندو هو. مينهن جو کير گھر ڀاتين کي پِيَت سان کائڻ، پيئڻ، لسي، ڏونئرو، مَهِي ۽ مکڻ ناهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. کير جي نهيل انهيءَ مصنوعات کي پنهنجي خوراڪ طور استعمال ڪيو ويندو هو ۽ پنهنجي پاڙيوارن کي پڻ کائڻ لاءِ خوشيءَ سان پيش ڪيو ويندو هو. انهيءَ دؤر ۾ لسيءَ سان گڏ مکڻ جو چاڻو ڏيڻ خوشي جي ڳالھ هوندي هئي. انهيءَ دؤر ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي لسي لپ کان انڪار ڪرڻ ۽ کير کپائڻ وڏو عيب سمجهيو ويندو هو. مهمان کي مکڻ ۽ مُستي (مٺائي) کائڻ لاءِ خوشيءَ سان پيش ڪيو ويندو هو. انهيءَ سان گڏ پنهنجي عزيزن يا پاڙي ۾ ڪنهن عورت جي وِيَم کان وٺي سندس ايڪيهو (ڊليوري کان ايڪيھ ڏينهن بعد) تائين مکڻ کائڻ، ٻُسري (ڪُٽِي) ناهي کائڻ ۽ مالش ڪرڻ لاءِ بہ خوشيءَ سان بنا قيمت ڏيڻ اسان جي عوام ۾ عام جام هوندو هو. انهن خدمتن کي ثواب سمجهي محبوب ڏيپر جي زوجہ محترمہ گھر ۾ مينهون ڌارڻ پنهنجي لاءِ سعادت سمجهي انهن جي پالنا ۽ ديک ڀال بہ ڏاڍي شوق سان ڪندي هئي. شهر ۾ لڏي اچڻ کان بعد بہ انهيءَ خدمت کان محروم

ٽيڻ گوارا نہ ڪيائين. جنھن ڪري پنھنجون مينھون پاڻ وٽ رکي انھن کي پالڻ لڳي. شھر ۾ مينھن جو رکڻ ڪيترو اهنجو ڪم آهي ان جو اندازو شھر ۾ رهڻ وارو هر نفس بخوبي لڳائي سگهي ٿو. پر سلام هن سگهڙ عورت کي جنھن مينھن جو ڪير خدمت ۾ ڪم آڻڻ واري عبادت ڪرڻ لاءِ پنھنجي مڙس سان ماڻا ڪري پاڻ وٽ رکيون. جس هجي محبوب ۽ سندس فرزند ايڊووڪيٽ لياقت علي کي جن شھر ۾ رهي بہ مال لاءِ گاهہ ۽ پلال پنھنجن مٿن تي ڍوئيندا رهيا.

قدرت کي ڪجھہ ٻيو ئي منظور هو. سُتَت ئي يعني ميھڙ لڏي اچڻ کي اڃان هڪ سال ئي مَس گذريو هو تہ هن گهر جي خوشين کي ڪنھن جي نظر لڳي وئي. محبوب ڏيپر انھن ڏينھن ۾ ڪراچي ايئر پورٽ خادم چانڊيو (ڳوٺ چاڪر چانڊيو) کي دبئي روانو ڪرڻ لاءِ وَيل هو. پنيان سندس گهرواريءَ جي طبيعت تمام گهڻو خراب ٿي پئي. کيس لاڙڪاڻي جي شيخ زيد اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. انهيءَ دؤر ۾ موبائل فون جي سهولت نہ هئي جنھن ڪري محبوب سان رابطو ڪرڻ ناممڪن هو. اسپتال ۾ بہ ڏينھن زير علاج رهڻ کان پوءِ محبوب ڏيپر جي هن گهرڏياڻي سگهڙ زوجہ محترمہ 28 ربيع الاول 1422 هجري مطابق 20 جون 2001ع رات جو 1:30 بجي ڏاري داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي پنھنجي ٻچڙن کي الوداع ڪيو. سندس موت سندس اولاد مٿان غمن جا پھاڙ ڪيرائي وڌا. لياقت بن محبوب ڏيپر ٻڌايو تہ ”امڙ جي اچانڪ وڇوڙي جو غم اندر کي وَڍي ڇڪو هو تہ ان کان بہ وڌيڪ اهو سُور ستائي رهيو هو تہ بابا سائين انهيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ هو.

ساڻس رابطو تہ ناممڪن هو ۽ ڪنھن کي موڪلي کيس گهرائڻ بہ مشڪل ترين ڪم هو. امڙ جي الوداع واري وقت بابا سائين جو نہ هجڻ اندر ڳاري رهيو هو. اسان رات جو 4 بجي امڙ جي مڙهہ کي ڪٽي واپس ميھڙ آياسين. انهيءَ غم ۾ غرق هئاسين تہ بابا سائين کي ڪيئن اطلاع ڪجي ۽ آخر بابا سائينءَ جو ڪيترو انتظار ڪجي؟ انهيءَ جو فيصلو ڪرڻ منھنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو امتحان هيو. انهيءَ امتحان جي گهڙيءَ ۾ ڪنھن انهوني ٿيڻ جي اميد رکي الله سائينءَ کي سڏي رهيو هئس. اڃان اسان اهو فيصلو ئي نہ ڪيو تہ هاڻي ڪيئن ڪجي؟ يعني جنازهہ نماز جو ٽائيم ڇا رکجي؟ گرميءَ جي موسم آهي ۽ بابا سائين بہ هتي موجود ناهي ۽ اها بہ ڪا خبر نہ آهي تہ شام تائين بابا سائين پهچي بہ سگهندو الائي نہ ! الله سائينءَ جا احسان ٿيا جو 5 بجي بابا سائين پاڻ ئي گهر پهچي ويو. انهيءَ اڻ ٿيڻي ڳالهہ تي الله سائينءَ جو شڪر ادا ڪيوسون. نہ تہ زندگي ڀر اهو سُور ۽ ڏک سدائين لاءِ دل ۾ رهجي وڃي ها تہ امڙ جي آخري وقت ۾ بابا سائين پهچي نہ سگهيو.“ محبوب ڏيپر جي زوجہ محترمہ جي آخري آرامگاهہ سندس آبائي قبرستان ” آدم شاهہ بخاري“ نزد قاضي عارف ۾ آهي. محبوب ڏيپر جي زوجہ محترمہ جو پنھنجي گهر سنڀالڻ ۽ مينھن سان تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو. وري عجيب اتفاق اهو ٿيو جو سندس وفات جي ٻھرين ئي هفتي ۾ هڪ مينھن مري وئي، وري ٻيو هفتو شروع ٿيو تہ ٻي مينھن بہ مري وئي. انهيءَ ڳالهہ کي مدِنظر رکي محبوب باقي بہ مينھون ڳوٺ موڪليون. حسن اتفاق انھن مينھن منجهان ڪجھہ ڏينھن ۾ ئي وري ٽِين مينھن بہ مري وئي. انھن ڏينھن کان

بعد محبوب ڏيپر جي گھر ۾ مينھون وري نہ آيون. قدرت جو راز هو ۽ محبوب ڏيپر جي هن سگھڙ زوجہ جو پنھنجي رزق سان دلي لڳاءُ هو. الله رب العزت کيس جنت الفردوس ۾ جڳھہ عطا فرمائي. آمين

اولاد

محبوب ڏيپر کي الله رب العزت اولاد جي نعمت سان بہ مالا مال رکيو آهي. سندس اولاد جو ذڪر هن ريت آهي.

1. زوجہ محمد هارون ڏيپر (وفات 2008ع)
2. لياقت (ولادت 1977-07 -06)
3. زوجہ ارشاد ڏيپر (ولادت 1980ع)
4. زوجہ عبدالحڪيم ڏيپر (ولادت 1982ع)
5. عابد (ولادت 20 -10 -1984، وفات 13-06-2016)
6. نياڻي (ولادت 1988ع)
7. زاهد حسين (ولادت 06-10-1990)
8. زوجہ محمود ڏيپر (ولادت 01-01-1991)
9. شاهد حسين (ولادت 05-01-1997)
10. نياڻي (ولادت 1999ع)
11. واحد حسين (ولادت 11-05-2000)
12. رضوان (ولادت 11-05-2000)

وڏي نياڻي. هن نياڻي جي شادي محبوب جي ڀائٽي محمد هارون بن حاجي گل محمد ڏيپر سان ٿي. انهيءَ کان بعد الله رب العزت کيس لياقت علي جهڙي نعمت سان نوازيو. انهيءَ جو

تذڪرو انشاءَ الله اڳتي هلي ڪندس. لياقت علي کان بعد عابد حسين (عرف شوڪت علي)، انهيءَ کان بعد نياڻي جنهن جي شادي سندس سوٽ ارشاد بن گل محمد ڏيپر سان ٿيل آهي، انهيءَ کان بعد کيس ٻي نياڻي نصيب ٿي جيڪا ننڍي عمر ۾ ڳوٺ جي تلاءَ ۾ ٻُڏي الله کي پياري ٿي وئي. انهيءَ کان بعد زاهد حسين ۽ شاهد حسين پيدا ٿيا. انهن کان بعد بہ نياڻيون پيدا ٿيون، انهن منجهان هڪ جي شادي محبوب جي ننڍي ڀاءُ رسول بخش (عرف آچر) ڏيپر جي پٽ عبدالحڪيم ۽ ٻي نياڻي جي شادي رسول بخش (عرف آچر) ڏيپر جي پُٽ محمود علي سان ٿيل آهي. انهيءَ کان بعد الله رب العزت محبوب کي هڪ نياڻي عطا ڪئي جيڪا 6 سالن جي عمر ۾ بيماري سبب وفات ڪري وئي، آخر ۾ الله رب العزت کيس واحد حسين ۽ رضوان ٻن پُٽن سان نوازيو. هيٺ اولاد جو تفصيل بيان ڪجي ٿو.

1. **وڏي نياڻي زوجہ محمد هارون بن حاجي گل محمد ڏيپر**

هن نياڻي جي شادي سندس سوٽ محمد هارون سان ٿي. کيس ٽي پٽ وقار احمد، اظهار علي، ابرار احمد ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي. محبوب جي هن نياڻي جي وفات 2008ع ۾ ٿي.

2. **لياقت علي**

لياقت علي بن محبوب ڏيپر6 جولاءِ 1977ع مطابق 19 رجب 1397 هجري بروز اربع ڳوٺ قادربخش ڏيپر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري مسجد اسڪول منجهان 1988ع ۾ پوري ڪري هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. اتان 1993ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ

ڊگري ڪاليج ميھڙ منجهان انٽرميڊيئيٽ 1997ع ۾ مڪمل ڪيائين. انهيءَ کان بعد B.A ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاھ منجهان 2000ع ۾ پوري ڪيائين. 2009ع ۾ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو منجهان قانون (L.L.B) جي ڊگري حاصل ڪيائين. 2011ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميھڙ منجهان M.A جي تعليم مڪمل ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. لياقت علي پرائمري پڙهڻ دوران اسڪول سان متصل مسجد ۾ ابتدائي ديني تعليم پڻ حاصل ڪئي. غربت ۽ پنهنجي ننڍن ڀائرن کي تعليم ڏيارڻ خاطر پنهنجي پڙهائي جو خرچ پورو ڪرڻ ۽ ڪجھ پنهنجي گھر جي ضروريات ۽ خرچ جي پورائي لاءِ پنهنجي والد جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جي سوچ رکي لياقت علي 1993ع کان مختلف ڊاڪٽرن وٽ ڊسپينسري ڪندو رهيو. جنهن جي شروعات پنهنجي فيملي ڊاڪٽر ممتاز علي سومرو وٽ ڊسپينسري ڪرڻ سان ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر هدايت علي کوسو وٽ ڊسپينسري ڪيائين. انهيءَ کان بعد صفدر ڪانڊڙو وٽ ميڊيڪل اسٽور تي ڪجھ وقت ڪم ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر نورمحمد ٽنيو، ڊاڪٽر ڪليم زيب سولنگي ۽ ڊاڪٽر ذاڪر حسين کوسو بلوچ وٽ ڊسپينسري ڪندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ ڇھ مهينن تائين شاهنواز سومرو وٽ استري جو ڪم ڪندو رهيو. انهيءَ کان بعد موجوده ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (DHO) ڊاڪٽر عبدالحميد شيخ وٽ ڊسپينسري جو ڪم ڪيائين. 2002ع کان 2017ع تائين محترم ڊاڪٽر بشير احمد ايري صاحب جي ڪلينڪ ميھڙ ۾ ڊسپينسري ڪندو رهيو. هن گهراڻي جي ان وقت واري غربت جو اندازو انهيءَ منجهان چڱيءَ ريت

لڳائي سگهجي ٿو تہ 2001ع ۾ M.A جي پهرين سال ۾ داخلا وٺڻ باوجود فائينل جي فيس 2200 روپيا نہ هئڻ ڪري امتحاني فارم نہ ڀرائي سگهيو. لياقت علي جي شادي 2002ع ۾ سندس چاچي محترم رسول بخش ڏيپر جي نياڻي سان ٿي. ڪيس بہ پُٽ آڪاش علي (14-02-2007) جيڪو ڏهين ڪلاس جو شاگرد آهي، ٻيو ياسر علي (05-10-2012) جيڪو چوٿين ڪلاس ۾ پڙهي ٿو ۽ هڪ نياڻي دعا (27-12-2013) جيڪا ٻئي ڪلاس ۾ پڙهي رهي آهي جو اولاد آهي. لياقت علي 2010ع جي شروعات ۾ وڪالت جي ڊگري حاصل ڪري سينيئر ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ محترم علي انور ساهڙ جي استاديءَ ۾ وڪالت ۾ داخل ٿيو. 2018ع ۾ محترم ايڊوڪيٽ گل حسن مغيري صاحب کي جوائن ڪيائين. هاڻي 2021ع جي شروعات کان پاڻ (Individual) وڪالت ڪري رهيو آهي.

پاڻ پنهنجي والد صاحب جو اثر قبول ڪري ادب ۾ بہ پنهنجو حصو وٺي رهيو آهي. پاڻ وقتًا فوقتًا ادبي خدمت ڪندو رهي ٿو. سندس هڪ مضمون 90 واري ڏهاڪي ۾ اخبار منجھ ڇپيو. ڪاوش اخبار ۾ هائيڊ پارڪ بہ لکي چُڪو آهي ۽ سندس شاعري ڪجھ رسالن ۾ بہ ڇپيل آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي ڪتابن تي بہ اکر بہ لکندو رهندو آهي. محبوب ڏيپر جو هي فرزند نهايت باادب، با حياءُ ۽ بااخلاق انسان آهي. منجهس پنهنجي والد صاحب واريون تقريبًا خوبيون موجود آهن. پاڻ ڏاڍو يار ويس، غريبن جو احساس رکڻ وارو، ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ پَهل ڪرڻ وارو، دين سان محبت ڪرڻ وارو ۽ باڪردار جوان آهي. لياقت بن محبوب ڏيپر سوشل سرگرمين ۾ حصو وٺڻ پنهنجي لاءِ دنيا و

آخرت جي ڪاميابي سمجھندو آهي. ڪيس سماجي خدمت ڪرڻ ۾ دلي سڪون ملندو آهي. انهيءَ ڪري پاڻ سماجي خدمتن ۾ وڌي حصو وٺندو آهي. ڪيس ڏيپر برادري جي اتحاد ۾ اڳواڻ جي حيثيت حاصل آهي. ڪيس پنهنجي سماجي ۽ سياسي خدمت عيوض سندس يونين ڪائونسل (لِتڻ) ۾ پي پي پي (PPP) جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي. ايڊووڪيٽ ديني جذبي سان پڻ سرشار آهي. پاڻ ديني جماعت سان سلهاڙيل ۽ ديني جلسن ۽ محفلن ۾ بہ ڏاڍي شوق سان حصو وٺندو آهي. سندس قلبي تعلق ميهڙ جي ديني علمي شخصيت پير سيف الرحمان سيفي صاحب جي خليفہ مجاز پير اڪرام الله (جيڪب آبادي) جي خليفہ مجاز پير محمد ياسين مهيسر سيفي سان آهي. سندس صحبت ۾ ڪيس دِلي سُڪون ملندو آهي.

محبوب ڏيپر جو هي وڏو فرزند گھر جي ذميوارين کان چڱيءَ ريت واقف آهي ۽ انهن کي بخوبي نڀائڻ بہ ڄاڻي ٿو. محبوب جو هي فرزند پنهنجي والد کي گھر جي تقريبًا ذميوارين کان آزاد رکڻ وارو آهي. هن فرزند کي پنهنجي رب جي رحمت سمجهي محبوب پنهنجي ڪُلهن جو بار لاهي مٿس رکيو آهي. هن فرزند جي فرمانبرداريءَ جو عيني گواهہ آهيان. محبوب ڏيپر جو هي فرزند اهڙي پٽن ۾ شامل آهي جن جي حصول جي دعا تقريبًا هر والدين گھرندا آهن. بابا سائين پنهنجي دل جي چاهت خاطر جيڪو ڪري، جيئن ڪري، جيترو ڪپائي، جيترو ڪٽي، جتي ڪپائي، جهڙي طرح ڪپائي بس سرخم تسليم ٿي بابا کي خوشي ڏيڻ جي جستجو ۾ رهڻ وارو هي فرزند پنهنجي والد محترم جي ذات سان سجيل ۽ والد محترم جي خوبين جو آئينو آهي.

ايڊووڪيٽ صاحب بچپن کان ئي دين سان محبت ڪندڙ، مذهبي شعارن جي دل سان تعظيم ڪرڻ وارو، دينداري، مذهب جو پيروڪار ۽ نماز پنجگانہ جو پابند پڻ آهي. هتي هڪ ڳالهہ ونديندو هلان تہ هن جوان کان ڪجهہ وقت وٺڻ لاءِ مون کي ڪافي محنت ڪرڻي ٿي پئي. جڏهن بہ فون ڪيم تہ ايڊووڪيٽ صاحب ڪنهن سياسي جلسي، سياسي ڌرڻي، تنظيمي ميٽنگ، ڪنهن دوستن وٽ ميٽنگ ۾ وينل، ڪڏهن اسلام آباد، ڪڏهن لاهور، ڪڏهن سکر، ڪڏهن حيدرآباد تہ ڪڏهن ڪراچي پاتم. ڪمال جي ڳالهہ تہ ايتري سفر ڪرڻ کان بعد ٿڪ پچڻ يا پري جي سفر کان بعد انهيءَ شهر کي گھمڻ يا گشت ڪرڻ جي ڪيس عادت نہ ڏٺم. چاڪاڻ تہ ايئن بہ ٿيو جو تازو اسلام آباد ۾ ٿيڻ واري لانگ مارچ ۾ شريڪ رهيو ۽ ڏهہ ڏينهن بعد گھر پهتو تہ مان صبح ٿيندي ئي سندس گھر وڃي معلوم ڪيم تہ خبر پئي تہ يار صبح ئي ڪراچي روانو ٿي ويو آهي. وري ٻئي ڏينهن صبح جو يار پنهنجي گھر پهچي ويو. مطلب ايترا ڊگها سفر ڪري بس پنهنجي ڪم ڪار کي اڪلائڻ بعد فورًا گھر پيڙو ٿيڻ سندس عادت ڏٺم. بهرحال مون کي يار کان ٽائيم وٺڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي. جڏهن ڪاوڙ ۾ ڪيس ميار ڏيندو رهيس تہ کِلي چوندو هو تہ بابا ڪاوڙ ناهي ڪار! رات فلاڻي وقت تي ڳڏجون ٿا. وري جڏهن ڳڏجي ويناسين تہ فون مٿان فون ايندي هئي تہ ادا يڪو تنهنجي انتظار ۾ ويناهون توهان اجان نہ پهتا آهيو! پوءِ تہ بس پنج منٽ ڏهہ منٽ جو چئي ڪين ٽاري مون سان ڪچهري ڪندو رهيو. آخر ڪار ڪيس چئي ڏنم تہ ادا ايڊووڪيٽ صاحب هاڻي بابا توهان سان ملڻ جي خواهش بہ نہ ڪبي! يار ايتري

محنت ڪان بعد مَس وقت ملي ٿو تہ وري فون مٿان فون. ڪِلي چوڻ لڳو تہ ادا اهڙي ڳالهہ ناهي، پر ڇا ڪجي سيني ڪي وقت ڏيٺو ٿو پوي ۽ دنيا داريءَ ڪي بہ منهن ڏيڻو ٿو پوي.

ادب اسان جو اثاثو

ادب جو معيار دنيا جي ڌرتيءَ تي ايئن نکارجندو آهي جيئن اونداهي رات ۾ آسمان تي تارا چمڪندا آهن. اهڙي طرح اڄ جيڪا تحرير ٿيل تخليق اوهان اهل علم ۽ ادب جي معيار کي بلند سطح تي سمجهندڙ ۽ سماج ۾ بهترين اصلاح ڪندڙ دوست ساٿي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي غور سان پڙهي رهيا آهيو، حقيقت ۾ هن سموري علم، ادب ۽ ڏاهپ جا اوهان ئي وارث آهيو نڪي آءٌ هڪڙو.............

دنيا ۾ انهن جو ئي نالو باقي قائم ۽ دائم آهي جن پنهنجو علم ۽ عقل اسان توهان تائين پهچايو، پنهنجون ٽيڪنالوجيون پهچائي شعور جي علامت سان نوازيو جو اڄ اسين ڪنهن جي زبان تي ڪچهرين ۾ پڪاريا پيا وڃون تہ ڪنهن جي ڪتابن جي ورقن ۾ سمايا پيا وڃون. ان ڪري جو اسان ملڪيت ميڙي ئي ڪجهہ ان طرح جي آهي ۽ اها ملڪيت ميڙڻ بہ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ڇوتہ اڄ جو دور قلم ۽ ڪاغذ سان وفا ڪرڻ وارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ رکي پيو. جنهن جو مثال اڄ بہ اوهان سيني جي سامهون آهي تہ قديمي ٻولي سنڌي کي قومي ٻوليءَ جو درجو ميسر نہ ٿي سگهيو آهي. جڏهن تہ اهڙو عمل ڪرڻ وارا بہ ڪي ڏاريا نہ پر پنهنجا ئي سنڌي آهن.

بهرحال آءٌ نهايت ئي مشڪور آهيان سائين اعجاز علي سوڍر صاحب جو جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏئي اسان جي قيمت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. دراصل اسان جي ٻي ڪابہ قيمت ڪانہ آهي، بس علم ۽ ادب سان رشتو ڪجهہ ان ريت آهي جيئن رڳن جو رت سان ۽ ڪاغذ جو قلم سان. ڪوشش اها هوندي آهي تہ ڪنهن جي ڪم اچون. غريبي وارو عيب اسان لاءِ انمول آهي. هر ڪنهن سان وفا ڪرڻ اسان جي فطرت ۾ شامل آهي.

لياقت بن محبوب ڏيپر

17مئي2022 ع

12 : 15 am [41]

3. **نياڻي زوجہ ارشاد بن حاجي گل محمد ڏيپر**

محبوب جي هن نياڻي پرائمري جي تعليم حاصل ڪئي. کيس هڪ پٽ مزمل ۽ هڪ نياڻي بختاورجو اولاد آهي ۽ سندس مڙس ميهڙ ڪاليج ۾ سرڪاري ملازم آهي.

4. **زوجہ عبدالحڪيم**

محبوب جي هن نياڻي جي شادي محبوب جي ڀائٽي عبدالحڪيم سان ٿيل آهي. کيس ٽن پٽن ذوهيب، شعيب، عبدالحق ۽ چار نياڻين جو اولاد آهي.

---

41. ايڊووڪيٽ لياقت بن محبوب ڏيپر جو هي مختصر مضمون پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيم. ايڊووڪيٽ صاحب جي هن مضمون جي هر پيرا جو ادب سان هن طرح واسطو آهي... (ا د ب... هن مضمون جي هر پيراگراف جي شروعات ادب جي حرفن سان جيئن پهرين الف سان، ٻي دال سان ۽ ٽين ب سان شروع ٿئي ٿي.

5. **عابد حسين (شوڪت علي)**

محبوب ڏيپر جي هن فرزند انٽرميڊيئيٽ تائين تعليم حاصل ڪئي. عابد حسين بہ هڪ باڪردار ۽ با اخلاق انسان هو. سندس شادي غلام شبير ڏيپر جي نياڻي سان ٿي. جنهن منجهان کيس ٻہ پُٽ ساگر علي ۽ بابر علي ۽ ٻن نياڻين سنڌو ۽ سميره جو اولاد ٿيو. ساگر علي (05-01-2011) ڇهين ڪلاس ۾ بابر علي (05-01-2011) پنجين ڪلاس ۾ ۽ سنڌو (20-01-2010) پرائمري پاس ۽ سميره (10-01-2016) پرائمري ۾ تعليم حاصل ڪري رهي آهي. 2010ع واري مها ٻوڏ دوران رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني ۾ محبوب ڏيپر جو خاندان ڪوٺڙي هليو ويو. عيد کان فورًا پوءِ مرحوم عابد علي پنهنجي ڀاءُ زاهد سان گڏ ميهڙ موٽي آيو. انهيءَ وقت ميهڙ ۾ رهڻ تمام گهڻو مشڪل هو. انهيءَ وقت ميهڙ منجهان تقريباً 95% يا ان کان بہ وڌيڪ ماڻهو ميهڙ منجهان نڪري چڪا هئا. سبزي وٺڻ سون وٺڻ برابر هئي. سبزي وٺڻ لاءِ بہ لاڙڪاڻو وڃڻو پوندو هو. مرحوم عابد علي اهي ڏينهن بہ ڏاڍي همٿ ۽ هوش سان ميهڙ منجهہ رهندي گذاريا. عابد حسين جي 2016ع ۾ وفات ٿي.

6. **نياڻي**

محبوب ڏيپر جي هيءَ نياڻي 8 يا 10 سالن جي عمر ۾پنهنجي سهيلي سوني ڏيءُ عارب ڏيپر کي ٻڏڻ کان بچائيندي پاڻ بہ ڳوٺ جي ڪڏ (تلاءَ) ۾ ٻُڏي فوت ٿي وئي.

7. **زاهد حسين**

محبوب جي هن فرزند زاهد حسين پرائمري جي تعليم

پنهنجي ڳوٺ قادر بخش ڏيپر جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪري هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان مئٽرڪ جا امتحان پاس ڪيا. ان کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان انٽر، B.A ۽ MA جي ڊگري حاصل ڪيائين. محبوب ڏيپر جي هن فرزند 2011ع ۾ ڊائلاسز ٽيڪنيشن جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي. محبوب ڏيپر جي هن فرزند کي شهيد بينظير ڀٽو يوٿ پروگرام مان ضلعي دادو جي پهرين سال جي پهرين سند يافتہ شاگرد هجڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي. پاڻ هن وقت "يو بئنڪ " ۾ رليشن آفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. زاهد کي ٻہ پٽ مدثر (01-05-2014) ۽ مهراڻ ۽ ٻہ نياڻين ڪومل (27-12-2012) ۽ انمول جو اولاد آهي.

8. **زوجہ محمود**

محبوب ڏيپر جي هن نياڻيءَ کي هڪ نياڻي شيلا جو اولاد آهي. شيلا جي عمر هن وقت ڇهہ سال آهي.

9. **شاهد حسين**

محبوب ڏيپر جي هن فرزند جو جنم 5 جنوري 1997ع ۾ ٿيو. شاهد حسين ڏيپر پنهنجي گهريلو حالات کي مدنظر رکندي پنهنجي تعليم دوران ئي 2016ع ۾ پاڪ آرمي کي جوائن ڪيو. انهيءَ سان گڏ پنهنجي تعليم بہ جاري رکيائين. پاڻ هن وقت M.A Final جو شاگرد آهي. 2019ع ۾ سندس شادي سندس چاچي رسول بخش عرف آچر جي نياڻي سان ٿي. 2021ع ۾ کيس هڪ نياڻي پيدا ٿي. سندس زوجہ محترمہ نياڻيءَ کي جنم ڏيڻ کان ٻہ ڏينهن بعد 11 آگسٽ 2021ع تي وفات ڪري وئي. شاهد علي جي انهيءَ نياڻي کي سندس چاچي لياقت پنهنجي پرورش هيٺ رکيو آهي. سندس نالو

سويره رکيو اٿائين. اڄ اها نياڻي ماشاءَ الله صحتمند ۽ نيڪ ناڪ آهي. محبوب ڏيپر جو هي فرزند بہ پنهنجن پيئرن جيان هونهار ۽ بهترين اخلاق جو مالڪ آهي.

10. **نياڻي**

محبوب جي هيءَ نياڻي 6 سالن جي عمر ۾ بيماريءَ سبب فوت ٿي وئي.

11. **واحد حسين**

محبوب ڏيپر جي هن فرزند M. پاڻ هن وقت M.A Final جو شاگرد آهي. محبوب ڏيپر جو هي فرزند پنهنجي وڏي ڀاءُ جيان ڏاڍو محنتي، گهريلو ڪم ڪار لاءِ هميشہ فڪرمند رهندڙ ۽ گهريلو ذميوارين کي دل جي خوشيءَ سان سرانجام ڏيڻ وارو آهي. تازو ئي 2022ع ۾ سندس مڱڻي سندس پاڙيسري حاجي محمد پريل خاصخيلي جي نياڻي سان ڪرائي وئي آهي. واحد حسين هن وقت ڊاڪٽر عبدالحميد شيخ صاحب وٽ ڊسپينسري ڪري رهيو آهي.

12. **رضوان**

محبوب ڏيپر جي هن فرزند جي شادي خضدار (بلوچستان) جي بروهي قبيلي منجهان ٿيل آهي. محبوب ڏيپر جي هن فرزند B.A تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ پاڻ پرائيويٽ ملازمت ڪري رهيو آهي. محبوب جي هن پٽ کي هڪ پٽ ريحان جو اولاد آهي.

شاعري ڪرڻ جي وجہ

هر انسان جي اندر الله رب العزت ڪانہ ڪا خوبي ڪمال جي رکي هوندي آهي. ضرورت صرف انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ هو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ کي سڃاڻي سگهي، پنهنجي اندر لڪيل صلاحيت کي سمجهي سگهي، انهيءَ صلاحيت کي سِڌي رستي تي استعمال ڪري سگهي. ايئن ڪرڻ سان اهو انسان ڪماليت جو درجو حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪنهن سياڻي خوب چيو هو تہ الله سائين ڪنهن بہ انسان کي ٻن شين جي کوٽ ڏني ئي ڪونهي. هڪ حُسن يعني سُونهن جي. هر انسان پنهنجو چهرو آئيني منجهہ ڏسي دل ئي دل ۾ چوندو آهي تہ الله سائين مون کي ڪمال جو سُهڻو ناهيو آهي، مُنهنجا نين نقش سندس ڪاريگري جي مهارت ظاهر ڪن ٿا، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ منهنجو رنگ ڪٽي ٻين کان ڪجهہ سانورو آهي باقي منهنجي مُنهن جي ٻاري واهہ جي ناهي اٿس. ڏسڻ وارن جي پسند ۾ قُطور آهي اگر هو مون کي غور سان ڏِسن تہ مون مٿان مستانا ٿي پَون. ٻيو عقل جي. هر انسان پنهنجو پاڻ کي عقل ۾ ڪامل ۽ اڪمل سمجهندو آهي. هو سمجهندو آهي تہ جيترو عقل مون کي ڏنو اٿائين اوترو عقل شايد ڪنهن ٻئي کي ڏنو هوندائين، مان دنيا جا سڀ مسئلا چڱيءَ ريت حل ڪري سگهان ٿو، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن جذبات ۽ جلد بازيءَ ۾ مون کان بہ غلطي ٿي ويندي آهي. انهي سياڻي جي ڳالهہ ۾ واقعي دَم نظر آيو تہ اسان انسانن جي فطرت ۾ ئي اها شيءِ شامل آهي. انهيءَ جي ڪري ئي انسان ۾ وڏائي، عُجب، فخر،

هٺُ ۽ ضِد اچي وڃي ٿو. حالانڪہ دنيا ۾ ڪوبہ عقل ڪُل ۽ علم ڪُل ڪونهي ڪو. جيڪو بہ شخص اها دعويٰ ڪري تہ دنيا جو سمورو عقل وٽس آهي يا دنيا جو سمورو علم وٽس موجود آهي تہ اهو سراسر ڪوڙ تي مبني هوندو. هر سَير جي مٿان سوا سَير پيو هوندو آهي. هر انسان جي اندر مختلف صلاحيتون مختلف درجي يا ليول جون هونديون آهن. انهيءَ ڳالهہ جي مدِنظر اسلام هر ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان مشورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. مشورو ڪرڻ جو اهم مقصد اهو هوندو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ذِهن ۾ جيڪو حل موجود آهي انهيءَ جي منفي پهلو جي باري ۾ ٻئي جي ذِهن منجهان نڪتل ڳالهہ کي سمجهي توهان نقصان کان بچي وڃو يا توهان جي ذِهن ۾ موجود انهيءَ حَل کان بهترين حَل توهان کي ٻئي جي ذِهن منجهان مِلي وڃي. هر انسان جي اندر مختلف صلاحيتن جو هجڻ انهيءَ ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿو تہ انسان پاڻ ۾ رُلي مِلي رهن. محبوب ڏيپر منجهہ بہ الله رب العزت سُگهڙائپ واري ذات رکي آهي. پاڻ انهيءَ صلاحيت کي سمجهي شاعري جي ميدان ۾ لهي پيو. شاعري سان ڪيس جُنون جي حد تائين عشق ٿي ويو. پاڻ لکڻ شروع ڪيائين قلمي پورهئي کي ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪيش ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪيائين. پاڻ ٻڌائيندو آهي تہ:" ادا اسان مسڪين ماڻهو آهيون، اسان جُون آنهون ۽ دانهون عرش تائين تہ پهچي وڃن ٿيون مگر ايوانن ۾ ويٺل اسان جي پوتارن جي ڪَنن تائين ڪونہ ٿيون پهچن. مسڪين ماڻهو سدائين سُورن ۾ گهاري ٿو، پنهنجي پوري زندگي محنت مزدوري ڪري انهن پوتارن لاءِ عياشي ۽ سَهولت جو هر سامان

مهيا ڪري ٿو، هنن پوتارن کي عاليشان محل اڏي ڏيڻ وارا پاڻ پنهنجن ٻچن جو سِر لڪائڻ لاءِ عازرت هوندا آهن، هنن پوتارن کي عمده قسم جون پوشاڪون پهرائڻ وارن جي تن تي اڻ پورا ڪپڙا پهريل هجن ٿا، هنن پوتارن کي ايئرڪنڊيشنڊ گاڏين ۾ سوار ڪرائڻ وارا پاڻ پيدل هلندا آهن، هنن پوتارن کي بهترين کاڌا مهيا ڪرڻ وارا اڪثر پيٽ بکايل هوندا آهن، هنن پوتارن جي جَئي جَئي ڪار (جيئي جيئي وارا نعرا لڳائڻ) ڪرڻ وارا هميشہ نيچ سمجهيا ويندا آهن، هنن پوتارن جي غلامي ڏيڻ وارا علاج بنا تڙپندي زندگي گهارين ٿا، هنن پوتارن جي اچڻ تي پنهنجا نيڻ وِڇائڻ وارا هر بار دروازن تان ڌِڪيليا وڃن ٿا، هر اهنجو ۾ محنت مزدوريءَ وارو ڪم ڪار پاڻ ڪري پوتارن لاءِ سُک جو سايو ڪرڻ وارا پاڻ هميشہ ڏکن ۾ زندگي گذارين ٿا. هي قانوندان، هي حاڪم، هي اقتدار ڌڻي، هي ايوانن ۾ ويٺل نمائندا هنن مسڪين ماروئڙن کي وساري ڇڏين ٿا، هنن جي اهنجن جو ازالو ڪرڻ جو درد ڪنهن جي سيني ۾ جاڳي ئي نہ ٿو. انهن کان وِسريل هي ماروئڙا روئي رَڙي پنهنجو جيون گذارين ٿا. منهنجي دل ۾ بہ هنن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو جاڳيو. مون کي ٻي ڪا اهڙي واهہ نہ سُجهي، انهيءَ ڪري قلم جو سهارو وني هن مظلوم عوام جي دانهن بنجڻ جي اڻ پوري ڪوشش کي لڳي ويس. شاعري جي صنف کي استعمال ڪندي عوام جي دانهن پهچائڻ جا جَتن ڪريان ٿو. مَجان ٿو تہ مون ٻين رُخن تي بہ پنهنجي قلم کي موڙيو آهي. اهو بہ ايئن تہ جيئن ڪو انسان جڏهن هڪڙي ڳالهہ منجهان ٿڪجي پوندو آهي تہ ڪانہ ڪا وِندر ڪندو آهي. مون بہ اها هڪ قسم جي وِندر سمجهو،

اپنائي. مظلوم عوام جو آواز بنجڻ جي ڪوشش ڪيم، خالق جي ساراهه فرض سمجهيم، حبيب خالق و ڪائنات جي نعت ڪي نعمت سمجهيم، بزرگن جا قصيده لکي آخرت جو ڪجهه ثمر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.“

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته محبوب جي شاعري جو اڪثر موضوع مظلوم ۽ ابوجهه عوام جا درد، سُور، اهنج ۽ معاشري ۾ رائج بُرائيون ئي آهي. سندس قلم مظلوم جو حامي بڻجي پڙڪا ڪائيندي نظر اچي ٿو ته وري ڪڏهن سماج جو ناسور بڻيل بُرائيون لکي ٿو، ڪڏهن سندس ڪلام ڪنهن سُونهن جي سندرتا بيان ڪندي نظر ايندو آهي ته وري ڪڏهن ڪنهن مجبور لاچار جي آنهَن ڪي بيان ڪندي نظر اچي ٿو، ڪڏهن سندس قلم ڪنهن ظالم جون ڏاڍايون بيان ڪري ٿو ته وري ڪڏهن سندس قلم مظلومن جا درد بيان ڪندي نظر اچي ٿو، ڪڏهن سندس ڪلام ۾ مالڪ ڪائنات جي حمد هجي ٿي ته ڪڏهن حبيب خدا ﷺ جي نعت سَجايل ملي ٿي، ڪڏهن سندس ڪلام ڪنهن ڊِونگي پِير جا پَول پڌرا ڪري ٿو ته ڪڏهن وري ڪنهن الله واري جي عظمت بيان ڪري ٿو، ڪڏهن سندس ڪلام ڪنهن سُندر نظاري جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو ته وري ڪڏهن ڪنهن قدرتي سُونهن جي برباديءَ ڪي بيان ڪندي نظر اچي ٿو، سندس ڪلام ڪڏهن ڪنهن مظلوم جي دردن جو داستان بيان ڪندي نظر اچي ٿو ته وري ڪڏهن ظالم ۽ جابر جي پِرڪارن ڪي عيان ڪندي نظر اچي ٿو.

محبوب ڏيپر ڪي مان ڏسان ٿو

محبوب ڏيپر انسانيت سان پيار ڪرڻ ڪي عبادت سمجهي ٿو. پاڻ حقوق الله بابت مستعد ملندو ته وري حقوق الله جي پورائي ڪرڻ ۾ مَگن به ملندو. محبوب پنهنجي نالي جو پرم رکندي هر هنڌ ۽ هر جاءِ محبتون ونڊيندي نظر اچي ٿو. جيئن جيئن هن بزرگ جي زندگي ۽ سوانح لکندي سندس اصليت کان واقف ٿيندو رهيس تِيئن تِيئن سندس ڪردار جو گرويده بڻجندو ويس. هن بزرگ جي اخلاق ۽ ڪردار کان واقف ته اڳ ۾ ئي هئس مگر هاڻي ته آءٌ سندس باعمل زندگي، نيڪ سيرت، ڪمال جي ڪردار، نيڪي، شرافت، سچائي، ايمانداري، عظمت ۽ شان جو معترف پڻ بڻجي ويس. هن بزرگ هستيءَ مٿان لکندي پنهنجي لاءِ الله رب العزت طرفان مليل هڪ وڏو اعزاز ۽ اڪرام سمجهان ٿو. هن بزرگ هستيءَ ڪي مون ڪافي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، ساڻس ڪافي حُجائتو بڻجي رهيس. هن بزرگ جي عبادت سان چاهت، ٻين سان ڀلائي جي اُمنگ، خلوص نيت، سچائي، ديانت ۽ ايمانداريءَ جو عيني گواهه آهيان. هن بزرگ ۾ سچائي هئڻ جي ڪري ڪافي مفاد پرست دوست ڪانئس چڙيل ۽ ناراض رهن ٿا. شاعري ڪندي منجهس سچ چوڻ ۽ حق چئي ڏيڻ جو جذبو به وافر مقدار ۾ اچي چڪو آهي.

مون هڪ دفعي ڪانئس اهو پڇيو ته چاچا توهان سارو ڏينهن يارن دوستن سان ڪچهري ڪندي نظر اچو ٿا، پوءِ توهان لکندا ڪهڙي وقت آهيو؟ لکندا آهيو يا پهريون لکيل ئي ڇپرائيندا

رهندا آهيو؟ منهنجي انهيءَ سوال جي جواب ۾ وراڻيائين ته ” ابا هاڻي رات جو ئي لکندو آهيان. ڏينهن جو دوستن سان گپ شپ ڪندو آهيان، هاڻي ڏينهن جو لکڻ مون کي مزو نه ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته اگر ڏينهن جو لکڻ ويهندس ته دوستن کي وقت نه ڏئي سگهندس. زندگيءَ تي ڪو به ڀروسو ڪونهي، ڪهڙي به وقت رَباني سڏ ٿيو ته بنا موڪلائڻ جي ئي هليو ويندس. انهيءَ ڪري ڏينهن جو دوستن سان دل وندرائيندو آهيان ۽ رات جو لکندو آهيان.“ هن بزرگ جي شوق کي سلام آهي جو غربت هوندي به سنڌي ادب کي ٻارهن ڪتاب ارپي چڪو آهي. سندس اهو تخليقي ۽ تخيلي ڪم ڪار به جاري و ساري آهي.

محبوب ۽ محنت

زندگيءَ جو اصل معراج ٻين ڪارڻ جيئڻ آهي. ڪي انسان پنهنجي پيدائش جو اصل مقصد وِساري ويهندا آهن. هو دنياوي زندگي کي سڀ ڪجهه سمجهي پنهنجي پوري توانائي دنياوي زندگيءَ کي سُکيو گذارڻ ۽ عيش عشرت پٺيان لڳي پنهنجي آخرت به وڃائي ويهن ٿا. هو دنياوي زندگي کي ئي انسان جي پيدا ٿيڻ جو معراج سمجهڻ جي غلطي ڪندا آهن. ڪي وري بس نِلهي توڪل جي ڏوڪي ۾ رهي پنهنجو جيون ايئن ئي رائگان وڃائن ٿا. اگر ڪين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي ته دليل مٿان دليل پيا ڏيندا. اسان وٽ پنهنجا سُور گهٽ آهن جو اجان وري ٻين جا ٽينشن ڪٽي پنهنجو اندر ڳاريون، اسان مٿان ئي ٻين لاءِ سوچڻ ۽ ٻين جي ڪم اچڻ جو فرض آهي ڇا؟ اسان ته ٺيڪو ناهي کنيو، سيڪو پاڻ

ڄاڻي. اسان کي ڪهڙو مٽي ۾ سُور آهي جو وينا ٻين جي لاءِ پريشانيون ڪٽون. اهڙا جملا به ٻُڌڻ لاءِ خوب ملن ٿا. ڪي ماڻهو پنهنجي جيون جو اصل مقصد ڄاڻي انهيءَ موجب پنهنجي محنت جو رخ رکن ٿا. اهو به لازمي ناهي ته هر ماڻهو منزل کي ماڻي وڃي. انهن جي لاءِ اهو ئي چوندس....

ڪوئي حُسن جي ڪري پوڄا
ڪنهن جي پوڄا حُسن ڪري ٿو
ڪوئي گذاري حُسن سوا روئي
ڪنهن سوا روئي وري حُسن ٿو

بلڪل ايئن ئي اسان جي سماج ۾ رائج آهي. ڪي حَسِين چهرا خالي مُرڪ ڏسڻ جا به محتاج هجن ٿا، ڪي حَسِين چهرا پنهنجي طرف هڪ دِيد ڪرائڻ لاءِ به سِڪندا رهن ٿا. اگر اهي ئي حَسِين چهرا ڪنهن قدر واري وٽ هجن ته انهن کي صحيح مان مِلي وڃي. ڪٿي ته وري ان جي بلڪل برعڪس آهي. ڪٿي حُسن ٻين کي ديوانو بڻائي رکي ٿو، ٻين جي مٿان حڪمراني ڪري ٿو ته وري ڪٿي ته حُسن پنهنجي پُوڄا به ڪرائي ٿو. جيئن اسان جي سنڌيءَ ۾ اها چوڻي مشهور آهي ته لوهار کي ڪهڙو قدر سَون جو، جيڪي سارو ڏينهن ٿا لوهه ڪُٽن. بلڪل اهڙي طرح حضرت انسان پنهنجي جيون جي سفلتا منتخب ڪرڻ ۽ پنهنجي محنت جو رُخ متعين ڪرڻ ۾ لاپرواهه نظر اچي ٿو. اگر پنهنجي جيون جو مقصد ڄاڻي پنهنجي ڪاوشن جو رخ موڙي وڃي ته هوند دنيا ۾ به زندگي گذارڻ ۾ مزو اچي ۽ آخرت به سنورجي وڃي. محبوب ڏيپر پنهنجي حيات جو مقصد سمجهي چڪو هو. پاڻ غريب هئڻ ۽

تعليم جي ڪوٺ ڪي مدِنظر رکي پنهنجي وِت ۾ وس آهر هر ڪنهن جي حسب توفيق مدد ڪندو رهيو آهي. امام الانبياءِ احمد مجتبيٰ محمد مصطفي شافي محشر حبيب خدا ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي.

”المسلم من سلم المسلمون من لسانه و يده.“[42]

ترجمو: حقيقي مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن.

مطلب ته ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو ٻين مسلمانن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه رسائي. اسلام ۾ حقوق الله سان گڏ حقوق العباد جي ڪيتري اهميت آهي اهو هر هڪ مسلمان ڄاڻي ٿو. الله رب العزت جي ڪلام جو موضوع ئي انسان آهي. انسان جي خدمت، انسان کي آساني رسائڻ، انسانن جا حقوق بجا آڻڻ تي اگر لکندس ته شايد ڳالهه تمام گهڻي ڊگهي ٿي ويندي. حسن ظن رکندي ايتري تي ئي اڪتفيٰ ڪريان ٿو ته هر انسان پنهنجي جيون جي اصل مقصد کي سمجهي پنهنجي محنتن جو رُخ ان طرف موڙي وٺي. انسان جي جيون جو مقصد آهي پنهنجي خالق جي سڃاڻپ، خالق جي احڪامات تي عمل پيرا رهڻ ۽ خالق جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ. محبوب ڏيپر پنهنجي حيثيت مطابق ٻين جي مدد ڪرڻ کان به ڳُتو ڪين آهي. سندس طبيعت ۾ احساس جو مادو ڪجهه سوايو سمجهه ۾ ايندو آهي. جڏهن ڪا غمگين خبر ٻڌندو آهي ته ان خلاف ڳالهائيندي ڪجهه نه ڪري سگهڻ لاءِ پنهنجي

42. بخاري، باب ڪهڙو اسلام افضل آهي، حديث نمبر 11.

بيوسي ۽ لاچاري ظاهر ڪري ڏاڍو ڏکارو ٿي ويندو آهي. يعني ٻين جا ڏک به ڪيس تڪليف ڏيندڙ هجن ٿا.

محبوب ۽ ميهڙ

هر شهر ۽ هر علائقي جي سڃاڻپ جو ڪارڻ اتان جا ڪي واقعا، ڪي شيون، ڪا عمارت، ڪا صنعت (ڪاريگري)، ڪا سُوکڙي يا ڪي شخصيتون بڻجندا آهن. الحمد لله اسان جي ميهڙ انهيءَ معاملي ڪافي آسودي رهي آهي. اسان جي ميهڙ جو گهنٽا گهر، ميهڙ جي تِڪُندي بلڊنگ، ميهڙ جو بلبل بنگلو (بلبل هائوس)، ميهڙ جي ميندي، ميهڙ جو مائو، ميهڙ جون مينهون، ميهڙ جو رئيس شمس الدين بلبل، ميهڙ جو سيد علي اڪبر شاهه، ميهڙ جو مولانا شفيع محمد (مسجدي) سوڍر، ميهڙ جو مولانا الاهي بخش ايري، ميهڙ جو مولانا عبدالڪريم ڏيرو، ميهڙ جو مولانا قاري محمد ڏيرو، ميهڙ جو مولانا محمد سليمان واعظ نوناري، ميهڙ جو محمد صالح ٻٽ، ميهڙ جو فيض محمد برڙو، ميهڙ جو خان صاحب عبدالحميد خان جتوئي، ميهڙ جو رفيق احمد مهيسر، ميهڙ جو قاضي شفيق احمد مهيسر، ميهڙ جو حاجي غلام نبي مهيسر، ميهڙ جو اسحاق راهي، ميهڙ جو محمد نواز پٿي ۽ ميهڙ جو ناظم منگي ميهڙ جي سڃاڻپ ۽ ميهڙ جو مان بڻيا. موجوده دور ۾ ميهڙ ۾ جن ماڻهن پنهنجو ڪردار ادا ڪري ميهڙ کي مان بخشيو آهي انهن ۾ مولانا جوهر بروهي، محبوب ڏيپر، مولانا حبيب حضوري، پروفيسر عبيدالله لاڪير ۽ ٻيا ڪوڙ سارا نالا شامل آهن جيڪي انهيءَ ميدان ۾ صفِ اول جا شهسوار آهن. محترم

محبوب ڏيپر جيڪو شاعري ۾ سگهڙائپ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي، محبوب پنهنجي هن ڏات ذريعي ميهڙ ڪي ايترو ڳايو ۽ لکيو آهي جو ميهڙ ڪي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ وري نئين سڃاڻپ ملي وئي آهي. محبوب جي ميهڙ سان محبت سندس ڪلام منجهان ئي عيان ٿئي ٿي. محبوب ۽ ميهڙ جو Combination ٻڌڻ ۾ بہ ڏاڍو مزيدار لڳي ٿو. محبوب جي ميهڙ بابت لکيل شاعري پڙهي سندس ميهڙ جي مٽي، ميهڙ جي ماڻهن، ميهڙ جي بيهڪ، ميهڙ جي سوغاتن ۽ ميهڙ ڪي مليل نعمتن سان والهاڻہ عشق جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. محبوب ۽ ميهڙ جو پاڻ ۾ ناتو مڇي ۽ پاڻي وارو محسوس ٿئي ٿو. محبوب پنهنجي شاعري سان بہ ميهڙ جي مٽي چمندو رهيو آهي، ميهڙ جا گڻ ڳائيندو رهيو آهي، ميهڙ سان محبت جو اظهار ڪندو رهيو آهي. محبوب پنهنجي ڌرتي ماتا جو قرض لاهڻ جي ڪوشش ۾ محو رهيو آهي. محبوب ميهڙ ڪي پنهنجي شاعري ۾ ايئن بيان ڪيو آهي جو گويا پڙهڻ سان پوري ميهڙ جو سير ٿي وڃي ٿو، ميهڙ جي حالات جو علم ٿي وڃي ٿو، ميهڙ جي ماڻهن بابت ڄاڻ ملي ٿي، ميهڙ جي ڳوٺن ۽ اتي جي رهندڙ ماروئڙن جا حالات معلوم ٿين ٿا، ميهڙ ۾ موجود سهولتن يا اڻ هوند جي باري ۾ پتو پوي ٿو، ميهڙ جي جاگرافي جي باري ۾ خبر پوي ٿي ۽ ميهڙ جي ڪافي تاريخ ملي وڃي ٿي. محبوب ميهڙ آهي تہ وري ميهڙ محبوب آهي. محبوب ميهڙ جي مٽيءَ سان پنهنجو نينهن وارو ناتو نڀايو آهي. ميهڙ تي لکيل سندس ڪلام جو نمونو پيش خدمت آهي.

چؤنڪ ۽ ڳليون چارا ميهڙ جا،
ماڻهو پيارا پيارا ميهڙ جا،
اوير اولهہ وارا ميهڙ جا،
سهڻا منظر سارا ميهڙ جا،
هڪ ٻئي سان ڪن ٿا پيار ڏسو،
هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو.
آهن جواد جوان ميهڙ ۾،
ماڻهو خاني خان ميهڙ ۾،
ماوا مينهون پان ميهڙ ۾،
سڌا سچا انسان ميهڙ ۾،
آهي تن جو وڏو اسرار ڏسو،
هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو.
روس هن ريڙهي لاءِ ميهڙ ۾،
ٻڌندي هاءِ هاءِ ميهڙ ۾،
پير رڳو تون پاءِ ميهڙ ۾،
ڏسي پوءِ ڏي راءِ ميهڙ ۾،
ڪو واندو ناهي وار ڏسو،
هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو.
آهن مڇون مال ميهڙ ۾،
وڏا هن دلال ميهڙ ۾،
ملندا توکي لعل ميهڙ ۾،
مون ڏٺو آ سال ميهڙ ۾،
ڪو ماستر يا تپيدار ڏسو،

هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو.
هوٽل رحمان سنڌو عباس ميهڙ ۾،
المدينا نظام خاص ميهڙ ۾،
آهن دعا بخاري پاس ميهڙ ۾،
اچي وني ڏس واس ميهڙ ۾،
ڪيڏو تن جو آهي ڪاروبار ڏسو،
هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو.
ڪڪول جهڙو واهه ميهڙ ۾،
سب جو ڇڻ آ ساهه ميهڙ ۾،
علي اصغر اڪبر شاهه ميهڙ ۾،
آهي منهنجو چريو چاهه ميهڙ ۾،
هر ماڻهو منو مٺيادار ڏسو،
هي ميهڙ جو ڪردار ڏسو[43].

شاهي رب ڪيو هن جو شان،
تڏهن ته ميهڙ ماڻيو مان.
عالم حافظ قاري هتي،
جن لاٽ دين جي ٻاري هتي،
عمر ائين جن گهاري هتي،
هت پڙهيو پڙهايو ويو آ قرآن،
تڏهن ته ميهڙ ماڻيو مان.

43. محبوب ۽ ميهڙ، ص ٧٢، ٧٣.

شمس الدين بلبل جهڙا پيارا،
خدا بخش خادم لاٽا مونجهارا،
استاد الاهي مخدوم پيارا،
لڳن ادب جا هت پيا نعرا،
هرڪو ماڻهو هت مهان،
تڏهن ته ميهڙ ماڻيو مان.
سچي غلام نبي جي ٿي گواهي،
گڏيو ميهڙ سان ڳوٺ آ گاهي،
ويا واهه جو نپائي ناظم راهي،
هت ادب جي هئي شهنشاهي،
هر فڪر جو رهيو هت انسان،
تڏهن ته ميهڙ ماڻيو مان[44].

محبوب ميهڙ جي ماروئڙن جو آواز ٻڌجي ايوانن تائين واڪا ڪري ٿو. سمجهي ٿو ته اگر اڪيلو ڇٽو ڪجهه ٻه نه ڪري سگهندس ته ٻه ڪجهه نه ڪجهه مسڪين ماروئڙن جو آواز ته ٻڌجان، مَن ڪنهن صاحب اقتدار جي ڪَن تائين هنن ماروئڙن جي فرياد پهچي ۽ هو ان درد جو ڪجهه دارو ڪري.

محبوب ۽ مشاعرو

محبوب ڏيپر محبوب طبيعت وارو انسان هئڻ ڪري هر ڪنهن ڪي جيءَ ۾ جايون ڏئي عزت بخشيندو آهي. ڪيس انسانذات

44. ڏيپر، محبوب علي، محبوب ۽ ميهڙ، ص ٩٠، ٩١، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز ٢٠١٧.

سان پيار آهي. هر نندي توڙي وڏي کي عزت ڏيڻ سندس شيوا رهيو آهي. محبوب جو شوق شاعري آهي. انهيءَ ميدان ۾ ايندڙ نون نوجوان شاعرن لاءِ به ڇپر ۽ ڇانوَ آهي. محبوب نوجوانن کي ڪجهه نه ڪجهه لکڻ يا شاعري لکڻ لاءِ اتساهيندو رهندو آهي. شفيق طبيعت ۽ مهربان هجڻ ڪري نوجوان به سندس سايه شفقت هيٺ رهڻ پسند ڪندا آهن. پاڻ اڪثر نوجوان شاعرن جي شعرن جي اصلاح به دل جي خوشيءَ سان ڪندو آهي. ڪٿي به ڪو مشاعرو هجي، ادبي ويهڪ هجي، ڪا مچ ڪچهري هجي يا ڪو ميڙاڪو هجي پر محبوب پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري پهچندو ضرور. وري پاڻ مذهبي ماڻهو هئڻ ڪري ديني جلسن ۾ به ڏاڍي چاهه ۽ شوق سان شامل ٿيندو آهي. سندس عمر ۽ ضعف به انهيءَ شوق ۾ ڪڏهن ڪنهن به قسم جو عذر نه بڻجي سگهيا آهن. محبوب ڏيپر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيندڙ اڪثر ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ مچ ڪچهرين، ادبي محفلن، ڪتاب جي مهورتي پروگرامن، ادبي رهاڻين ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري پهچندو آهي. پاڻ ميهڙ، ڪولاچي، فريد آباد، قاضي عارف، خيرپورناٿن شاهه، غوزو، سيتا، جوهي، ڪڪڙ، ٽرڙي محبت، راڌڻ، نصيرآباد، باقراڻي، باڊهه، دولت پور، گاجي کهاوڙ، وارهه، لاڙڪاڻو، سکر، روهڙي، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ، ڪوئٽه، خضدار، نوشهرو فيروز، پٽ شاهه، منياڻي، سعيدآباد، مورو، ڪيڊٽ ڪاليج ڏوڪري، مٽياري، ڳوٺ علي ڏنو جمالي نزد سعيد آباد، ڳوٺ فارسي نوابشاهه، سرهاري، سٺ ميل، گجرواهه نوابشاهه، ڳوٺ

اسماعيل لُنڊ مورو، ابڙاڻ، ڳوٺ ڪاري جا ڪک نزد منياڻي، منياڻ، ڦلجي، ڳوٺ پيارو، ڳوٺ جهلو شريف، ڳوٺ صوبدار سرگاڻي، ڪوٽ قبوليو، پيروز شاهه، شاهه پنجو، ڳوٺ غلام لاکير، ڳوٺ قائم شاهه آڳرو، ڳوٺ منو جهتيال، ڳوٺ ڪنديور، ڳوٺ چاڪر چانڊيو، ڳوٺ گل محمد جتوئي، ڳاڙهي، ڳوٺ ستاڻي چانڊيا، ڳوٺ لُول جا، ڳوٺ گاهي مهيسر، ڳوٺ حاصل ڪوسو، ڳوٺ لونگ مهيسر، ڳوٺ ڪمانگر، ڳوٺ لونگ ٽنيو، ڳوٺ ٺارو ڏيپر، ڳوٺ خداداد ڪوسو، ڳوٺ عرضي ڏيپر، ڳوٺ گوگاڻي چانڊيا، ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو، گهاڙي، ريجهه پور، بهادر پور، دادو، گاجي شاهه، ميان نصير محمد ڪلهوڙو، قاضي احمد، ڪوٽڙي، حيدرآباد، ڄامشورو، سنڌ يونيورسٽي، دادو، شڪارپور، ڪنڊڪوٽ، روهڙي، لاڙڪاڻو، سيوهڻ ۽ درازا سميت سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ادبي صحبت لاءِ حاضر ٿيو آهي.

سنڌ ۾ لڳندڙ ميلن ۾ ادبي پروگرام ۽ محفلون ماڻهن جي توجه جو مرڪز رهندا آهن. هنن ميلن ۾ هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر جا ماڻهوڏاڍو خوشي ۽ چاهه سان حاضر ٿيندا آهن. ميلن ۾ تمام گهڻو پئسو خرچ ٿيندو آهي ۽ ماڻهو ڏاڍي تڪليف برداشت ڪندا آهن پر پوءِ به شوق ۽ عقيدت منجهان حاضر ضرور ٿيندا آهن. محبوب ڏيپر قلندر شهباز جي ميلي تي ٿيندڙ ادبي پروگرام، سچل سرمست جي ميلي ۽ ڀٽ شاهه جي ميلي تي لڳندڙ ميلي جي ادبي محفلن ۽ پروگرامن ۾ به حصو وٺندو رهيو آهي.

محبوب کي مليل اعزاز

هن بزرگ سگهڙ شاعر جيتري ادبي خدمت ڪئي آهي اوتري ڪيس موٽ تہ ڪِين ملي آهي پر پوءِ بہ ڪجهہ ادارن طرفان ڪيس شيلڊون ۽ اعزازي سَندون مليون آهن. ڪيس مليل شيلڊن جو احوال هن ريت آهي.

1. 18 ڊسمبر 2002ع ۾ تي درگاهہ حضرت جلال شاهہ ڳوٺ دائود ديرو لڳ شاهہ پنجو سلطان تعلقہ ميهڙ ضلع دادو سنڌ ۾ ”ڪل سنڌ سگهڙ ڪانفرنس“ تي. جنهن ۾ سگهڙ آواز گروپ لاڙڪاڻو طرفان محبوب ڏيپر کي حضرت جلال شاهہ مجتا سرٽيفڪيٽ مليو. هن سَندَ تي سنڌ جي مشهور محقق، اديب، دانشور ۽ شاعر محترم تاجل بيوس جي صحيح ٿيل آهي.
2. صاحب ڪتاب سگهڙ ڪنوينشن ڄامشورو طرفان سنڌ جي قديم لوڪ ادب جي تخليق / سهيڙ / اشاعت ڪرڻ جي اعزاز ۾ مجتا طور سَندَ سگهڙائپ جي سَندَ ڏني وئي. سَندَ نمبر 011 آهي. هن سَندَ تي سرفراز راڄڙ (چيئرمين سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد)، الهڏتو وگهيو (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو)، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو (چيئرمين سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي)، عاجز رحمت الله لاشاري (باني سلات)، حسين بخش رڏ (مرڪزي صدر سلات) ۽ عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي (ڪنوينر: صاحب ڪتاب سگهڙ ڪنوينشن) جون صحيحون ٿيل آهن.
3. 23 مارچ 2013ع ۾ ميان جو ڳوٺ تعلقو خانپور ضلعي

شڪارپور ۾ سلات جي نائين (9) سالگره جي پروگرام ۾ سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن طرفان ايوارڊ سرٽيفڪيٽ (استاد سگهڙ محمد سيفل پٽني يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ) ڏنو ويو. هن سَندَ تي در محمد ڪمال سولنگي (سرپرست اعلىٰ سلات)، پير ميان علي رضا قادري سروري (سجاده نشين درگاهہ عاليہ پٽ ڏٽي، ميان جو ڳوٺ ضلع شڪارپور)، عاجز رحمت الله لاشاري (باني / مرڪزي صدر سلات)، ممتاز امين سنياسي (چيئرمين سپريم ڪائونسل سلات)، بهار علي ”بهار“ ٻرڙو (مرڪزي سينيئر نائب صدر سلات) ۽ گل حسن ” گل“ ملڪ (سيڪريٽري جنرل سلات) جون صحيحون ٿيل آهن.

4. 27 ڊسمبر 2004ع تي ايم سي پي واپڊا ڪالوني ڄامشورو جي خان محمد پنهور ميموريل پبلڪ لائبريري ۾ سنڌ يوٿ فورم (سيف) ڄامشورو جي سهڪار سان ڇهين ”سنڌ سگهڙ ڪانفرنس“ منعقد ٿي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ محبوب ڏيپر کي سندس خوب محنت ڪري مجتا ماڻڻ عيوض سَندَ سان سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) پاران ”استاد محمد ملوڪ عباسي يادگار ايوارڊ“ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. هن سَندَ تي محمد مٺل جهتيال (مرڪزي صدر سلات)، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري (مرڪزي صدر: سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت)، عاجز رحمت الله لاشاري (مرڪزي سيڪريٽري جنرل سلات) ۽ ممتاز امين سنياسي (ناظم اعلىٰ نشر و اشاعت سلات) جون صحيحون ٿيل آهن.
5. 19 نومبر 2005ع بروز ڇنڇر پير حسام الدين راشدي

آڊيٽوريم سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ سنڌ سگھڙ ڪانفرنس ٿي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ محبوب ڏيپر کي سنڌ سڄاڻ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) طرفان سَندَ ڏني وئي. انهيءَ سَندَ تي آغا نورمحمد پٺاڻ (ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر اڪادمي ادبيات پاڪستان ڪراچي)، پير مظهر الحق صديقي(سابق وائس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو) ۽ سگھڙ محمد منل جهتيال (مرڪزي صدر سنڌ سڄاڻ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم) جون صحيحون ٿيل آهن.

6. 16 ڊسمبر 2016ع تي لوڪ ادب ڏهاڙي جي مناسبت سان صوبائي لوڪ ادب ڪنوينشن ڪوٺائي وئي. انهيءَ پروگرام ۾ محبوب ڏيپر کي سندس بهترين فن پيش ڪرڻ تي سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ ۽ سنڌ لوڪ ادب تنظيم (سلات) سنڌ، پاڪستان طرفان هڪ سَندَ ملي. هن سرٽيفڪيٽ تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ (چيئرمين سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ) ۽ عاجز رحمت الله لاشاري (باني چيئرمين سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) سنڌ، پاڪستان) جون صحيحون ٿيل آهن.

7. 5 نومبر 2016ع تي لالو رائنڪ تعلقه وارهه ضلع قمبر شهدادڪوٽ، سنڌ ۾ هڪ تاريخي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙاڪو "سئو سگھڙن جي مچتا ڪانفرنس" ٿي. هن پر وقار تقريب ۾ اسان جي ميهڙ جي مان ۽ شان محترم محبوب ڏيپر صاحب کي "حسن ڪارڪردگي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" ڏنو ويو. انهيءَ سان گڏ چانديءَ جو تاج ۽ بوسڪيءَ جي پڳ پارائي

وئي. محبوب کي هن پروگرام ۾ مليل سَندَ تي عاجز رحمت الله لاشاري (باني چيئرمين سنڌ لوڪ ادب تنظيم (سلات)، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو (اديب، محقق، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي)، علي مراد ٽانوري (پروگرام مئنيجر پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن (ريڊيو پاڪستان) لاڙڪاڻو) ۽ عبدالخالق عرف مولا بخش شيدي (ڪنوينر 100 سگھڙن جي مچتا ڪانفرنس) جون صحيحون ٿيل آهن.

8. 6 مارچ 2022ع تي حضرت جلال ڪٽي، درگاهه پير ترهو، لڳ موندر، ضلعو دادو ۾"حضرت جلال ڪٽي ادبي ثقافتي سگھڙ ڪانفرنس" جي موقعي تي ڪيس مدعو ڪيو ويو. انهيءَ پروقار تقريب ۾ محبوب ڏيپر کي سندس فني مچتا عيوض هڪ سَندَ ڏني وئي. اها سَندَ به اسان ميهڙ وارن لاءِ هڪ اعزاز آهي. هن سَندَ تي محترم عاجز رحمت الله لاشاري "باني چيئرمين سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) "، محترم ممتاز مصطفیٰ "دوست" "ضلعي رابطا سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت دادو" ۽ محترم پير شمس الدين "ڪنوينر حضرت جلال ڪٽي يادگار ڪاميٽي" جون صحيحون ٿيل آهن.

محبوب ڏيپر جي مفلسي کي مدِنظر رکندي سندس فن کي مچتا ڏيندي سنڌ جي صوبائي وزير ثقافت محترمہ شرميلا فاروقي ڪيس ڏهہ هزار روپين جو چيڪ ڏنو. اهو به محبوب ڏيپر جي ڏات کي هڪ مان آهي. محبوب ڏيپر اسان ميهڙائين جو مان ۽ شان آهي. ڪيس عطا ڪيل هيترين سارين سَندن، اعزازن، مچتائن ۽ مليل عزت ۾ ميهڙ ۽ اسان ميهڙ وارا برابر جا شريڪ آهيون.

محبوب محنت ڪري جيڪا عزت ۽ نالو ڪمايو آهي اهو اسان لاءِ بہ هڪ وڏو اعزاز آهي. عربن واري قابل فخر جملي کي ورجائڻ لاءِ اڄ منهنجي دل بہ چاهي ٿي. اولائڪ آبائي فاجئني بمثلهم.

ترجمو: اهي ئي منهنجا ابا ڏاڏا آهن. اگر توهان وٽ اهڙا آهن تہ پيش ڪريو.

هي الفاظ لکندي الحمدلله فخر تہ محسوس ٿي رهيو آهي پر انهيءَ سان گڏ اکيون شڪراني ۾ نم بہ ٿي وڃن ٿيون. اسان ميهڙ وارن جو هي مان بڻيل محبوب ڏيپر اسان لاءِ الله رب العزت جي هڪ وڏي نعمت آهي. الله رب العزت اسان کي توفيق ڏئي تہ اسان پنهنجي هن عظيم سرمايي جو زندگيءَ ۾ ئي ڪو قدر ڪري ونون. باقي وقت جون بي رحم موجون تہ وڏن وڏن جانبازن، شاهن، بهادرن، دليرن، جوڌن، هٿو بچو جي شور سان هلڻ وارن، ڪانيو خانن، خاشي خانن، محسنِ قومن، قومون سنواريندڙن ۽ اهڙن علمي سپوتن جون يادون بہ ميٽي وڃن ٿيون، جن جي جدائي تي تعلق وارن سان گڏ عوام مٿان بہ غمن ۽ ڏکن جا پهاڙ ڪِري پوندا آهن ۽ اهڙن جا بہ نالا نشان ميٽجي ويندا آهن. هي نعتون اهڙيون هونديون آهن جن جي وڇوڙي تي زندگي ڪجھ وقت لاءِ بي مزو ٿي ويندي آهي. انهي ڪري سندن زندگيءَ ۾ ڪيس اهو مان ۽ مرتبو ڏئي دل کي تسلي ڏئي ونجي، ڪِٿي حسرت ۽ ندامت اسان جو مقدر نہ بڻجي وڃي.

محبوب جو حليو

هر ماڻهوءَ ۾ پنهنجي هڪ الگ قسم جي مٺيا هوندي آهي. ڪي انسان اهڙا هوندا آهن جن سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪرڻ بيوقوفي سمجھ ۾ ايندي آهي. دل ۾ پشيماني ٿيندي آهي تہ هن کي اجايو چيڙي پاڻ لاءِ مسئلو ڪيوسين يا ڳڪر ۾ پتر هنيوسين. ڪو ماڻهو اهڙو هوندو آهي جن جي باري ۾ دل چوندي آهي تہ اڳلو ڳالهائيندو رهي بس ان کي وينو ٻُڌجي. اهڙن ماڻهن سان ڪچهري فائديمند بہ هوندي آهي تہ مزو بہ ڏيندڙ هوندي آهي. جئين چوڻي مشهور آهي تہ ڪن جو کِلڻ بہ خواري تہ وري ڪن جو روئڻ بہ وروح. محبوب ڏيپر جو شمار بہ اهڙن ماڻهن منجھ ٿئي ٿو جيڪي روح کي ريجهائيندڙ هوندا آهن. نصيحت پريا ٻول ٻُڌائڻ ۾ محبوب ٻين کان ڪجھ سوايو آهي. سندس گفتگو محبت جي مناس سان پريل، سندس زندگيءَ جو نچوڙ، سچائي سان سَجيل، دانائي ۽ حڪمت سان پرپور هوندو آهي. سندس شخصيت سادگيءَ جو مجسمو آهي. پاڻ سُنائي جو ثناگر، نيڪي جو همٿائيندڙ، چڱائي ۽ ڀلائي جو درس ڏيندڙ، ٻين ڪارڻ جيئڻ جي سکيا ڏيندڙ، قرب جو ڪمائيندڙ، حسن سُلوڪ جو پرچارڪ، نيٺ نوڙت جو مجسمو، سادگيءَ جو مثال، جستجو ڪرڻ ۾ اڳيرو ۽ اخلاق جو اوتارو آهي.

مون اها ڳالھ ڪيئي دفعا نوٽ ڪئي آهي تہ جڏهن بہ سندس سامهون ڪير بہ سندس ساراھ ڪندو آهي تہ پاڻ يڪدم ڳالهين جو رخ موڙي موضوع ئي مٽائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ

منجهان اها ڳالھ ثابت ٿئي ٿي تہ پاڻ پنهنجي سامهون پنهنجي ساراھ ڪرڻ کي ناپسند ڪندو آهي. مون کي هي ڪتاب لکڻ لاءِ ڪئي دفعا ساڻس ڪچهري ڪري ڪجھ ذاتي ڳالهيون معلوم ڪرڻيون هيون. جنهن ڪري ساڻس ڪجھ وقت گڏ ويهي ڪچهري ڪري معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. منهنجي پڇڻ تي اڪثر ڳالھ کي ٽاري ڇڏيندو هو. سندس چهري منجهان ناگواري وارا تاثرات مون کي چٽا ڏسڻ ۾ ايندا هئا پر مون کي تہ ڪجھ ڳالهين جي تصديق ڪانئس ئي ڪرائڻي هئي. منهنجي بار بار ساڳيا سوال ورجائڻ منجهان سمجهي ويو. هڪ ڀيري چيائين تہ مون کي تو کان پڇؤ تو لڳي. آخر تو سان مسئلو ڪهڙو آهي جو تون مون کان منهنجي باري ۾ ذاتي سوال ٿو ڪرين؟ بابا اهڙيون ڳالهيون ناهن پُڇبيون، عقل سِک. پر اعجاز بہ ڪٿي پيو اهڙيون ڳالهيون پُڇڻ کان مڙي يا عقل سِکي! انهيءَ تي ورندي ڏني مانس تہ چاچا! توهان اسان جا وڏا آهيو، اسان توهان جي زندگي ۽ تجربي منجهان سکڻ ٿا چاهيون. اوهان اگر اسان کي نہ ٻڌائيندؤ تہ پوءِ اسان ڪنهن کان سکنداسين؟ ايترو ٻُڌي چوڻ لڳو تہ ابا مون کي ٻار نہ سمجھ ٻيلي مان تو کان ڏڄان ٿو، خوف اٿم تہ مون مٿان بہ قلم نہ ڪنيو هجئي! مون ڪيس چيو تہ چاچا! اگر قلم ڪنيو بہ اٿم يا ڪڻندس تہ بہ ڪهڙو بُرو ڪم ڪندس؟ توهان صرف هڪ گهر، هڪ ڳوٺ يا هڪ ذات جي ذاتي ملڪيت ناهيو. اسان بہ توهان جا علمي وارث آهيون. اسان کي اوهان جي ماضي، حال، حاضر ۽ لڪيل حالات جو بہ ڪجھ علم هجڻ کپي. ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو مستقبل ۾ اوهان تي ڪو قلم ڪڻي ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب جيڪو وڻيس

سو وينو لکي. پوءِ اسان ان کي ڪهڙي منهن سان روڪي سگهنداسين؟ جڏهن اسان کي بہ اوهان جي باري ۾ صحيح ڄاڻ نہ هوندي. انهيءَ ڪري چاچا سائين اوهان کان اوهان جي باري ۾ پڇندو رهندو آهيان. مطلب تہ ڪيس اهو پسند نہ هو تہ سندس زندگيءَ ۾ ڪو مٿس قلم کڻجي. هاڻي منهنجو هي ڪتاب خبر ناهي ڪيس ڪيتري ڪاوڙ ڏياريندو! پر جيڪو ٿيو ان کي منهن ڏبو، بزرگ آهي، سندس ڪَڙوي ڪَسِي سڀ سهي وٺبي. هن بزرگ جي تنبيھ بہ مون لاءِ نصيحت هوندي. بس حجت ڪري لکي ورتو اٿم. اميد آ تہ خيريت جو ئي معاملو گذرندو. ان شاءَ الله

محبوب ڏيپر پنهنجي علائقي ۽ ثقافت سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ واري شخصيت آهي. پاڻ اڪثر سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ اوڙهيل نظر ايندو آهي. سنڌي ٽوپيءَ سان مستقل مزاجي ۽ اجرڪ سان سندس محبت مثالي بڻجي چڪي آهي. سندس مَن محبت سان ڀريل هئڻ ڪري هر وقت محبتون ئي وکيريندي نظر اچي ٿو. محبوب جي ظاهري شڪل و صورت جي باري ۾ ڳالھ ڪجي تہ بزرگيءَ جي ڏِک ڏيندڙ سنڌي لباس ۾ ملبوس شلوار قميص، ڪوٽ، سنڌي ٽوپي، اجرڪ يا لوئي يا مَفلر پهريل، ميندي لڳل ڳاڙهي سنت مبارڪ چهري تي سَجيل، پوريون اکيون، سهڻو قداور جوان ۽ گوري چٽي رنگت وارو بزرگ نظر ايندو. پري کان صاف سٿري لباس وارو سادو سِڌو ڀهراڙيءَ وارو ماڻهو نظر ايندو. جڏهن گفتگو جي لاءِ زبان کولي تہ مَن کي موهيندڙ گفتگو ڪنن کي سُرور بخشيندڙ ٻُڌبي، سندس دانائي ۽ حڪمت ڀريا ٻول سُڻي، نصيحت ڀري شاعري ٻُڌي اچرج اچيو وڃي تہ هي شخص

شاعريءَ جي ميدان ۾ لفظن سان اهڙي تہ راند رهي ٿو جو گويا مٿس لفظن جو الهام ٿيندو هجي. پاڻ تصنع، تڪلف ۽ ناھ نوھ ڪان پري رهڻ پسند ڪري ٿو. پاڻ ”جيڪو آهيان سو ئي آهيان“ جي طرز اپنائيندي سادگيءَ جو عملي درس ڏيندو رهي ٿو. محبوب ڏيپر جي دل مذموم صفتن ڪان خالي نظر اچيم ٿي. محبوب تي سندس نالي جو ڪافي گهرو اثر نمايان نظر ايندو آهي. هن بزرگ هستيءَ مٿان سندس ڪردار جا ڪئي ديوانہ ڏٺا اٿم ۽ راقم خود انهيءَ جو معترف پڻ آهي.

محبوب ڏيپر ادب سان سچو ۽ وفادار رهيو آهي. سندس پيغام موجوده ۽ ايندڙ نسل طرف فخر سان منتقل ٿئي ٿو. محبوب ڏيپر پنهنجي نقش قدم لاءِ ادب، ٻولي، معاشري ۽ پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ اڻ ٿڪ محنت ۽ وفاداري واري ميراث ڇڏي رهيو آهي. هن عوام جي دلين ۾ موت ڪان بعد ڪافي وقت لاءِ زندھ رهڻ جو سانباهو ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ عوام جي دلين ۽ ادب جي ڪتابن ۾ ڪافي وقت لاءِ اَمر ٿي چڪو آهي. ڪيس اهل علم ۽ قدردانن وٽان ڪافي عزت ملي آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي مشهور آهي تہ : گهر جو پير چُلھ جو مارنگ. سو ميھڙ ۾ يا آس پاس جي انهن منفي ڪردار وارن جن جي خلاف محبوب ڏيپر جو قلم پڙڪا ڪائي ٿو ڪيس پسند نہ ڪندي ساڙ ۾ جَلندي محبوب ڏيپر خلاف پنهنجي اندر جي باھ سندس مخالفت ۾ غلط بياني ڪري پنهنجي پڙاس ڪين ٿا. محبوب هڪ مدبر انسان آهي. سندس شخصيت همہ جهت، ڪردار بي مثال، امتيازي سُلوڪ، تحمل واري توڪل، صاحب راءِ، بي داغ ڪردار، شائستگي ڀريل گفتار، هميشہ مُسڪرائي ملندڙ

مَنِش، برداشت وارو رويو، مخلص مُحسن، شفيق بزرگ، وفادار ساٿي، پنهنجي ڌرتيءَ جي ذري ذري ۽ ڀونءِ جي هر پتر جو رکوالو بنجڻ جو شائق، حق جو پاتديئڙو ۽ قربانيون ڪِلي ڏيڻ وارو عظيم ۽ انمول انسان آهي.

محبوب ڏيپر جي شخصيت پنهنجن سان گڏ ٻين ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ چپر ۽ چانوَ آهي. محبوب ڏيپر انسان دوست ۽ فرشتہ صفت ۽ نيڪ سيرت بزرگ آهي. پاڻ اهل علم ۽ فن ڪي نهايت عزت بخشڻ وارو انسان آهي. محبوب پنهنجي زندگيءَ جي خواهشن ڪي ڪڏهوڪو قربان ڪري پنهنجي مَشن سان سچائيءَ سان سلهاڙجي روان دوان رهي ٿو. محبوب ڏيپر گهڻ رخي شخصيت ۽ بهترين ڪردار وارو املھ ماڻڪ موتي آهي. سچ پچ تہ هن بزرگ مٿان لکندي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهان ٿو. اهڙي باڪردار، حسن اخلاق جي زيور سان آراستہ، محبتي ماڻهو، دلبرانہ ڊِيد واري، اُتم انسان ۽ سچائي ۽ پريت جي پرچارڪ، مهمان نوازيءَ جي مور، نيازمند نينهن واري، الفت جي اَسير ۽ قرب منجھ ڪُنل شخصيت مٿان لکڻ پنهنجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهان ٿو.

محبوب ڏيپر پنهنجي محبت سان ماڻهن جون دليون موهي فتح ڪرڻ جو هنر بہ خوب ڄاڻي ٿو. محبوب جي مُرڪ خود ڪيس معشوق وارو درجو ڏئي ٿي. سندس ڪردار جا معترف مخالف بہ آهن. سندن دليون هن داناءَ جي ڪردار جون معترف آهن باقي ضد ۽ انا جي ڪري ان جو اظهار ڪرڻ گوارا نہ ٿا سمجهن. محبوب محبت سان ڪافي مان حاصل ڪري ورتو آهي. سندس شخصيت

ڪَشش ڪرڻ واري، مَن کي موهڻ واري ۽ سراپا سچائي سان ڀريل آهي. محبوب مٿان لِکڻ تي تہ گھڻو ڪجھہ لِکڻ لاءِ دل چاهي ٿي، مگر ڇا ڪجي قلم کي بہ ڪجھہ حد اندر رکڻو پوي ٿو. پڙهندڙن جي پرواهہ بہ ڪجھہ ڪرڻي پوي ٿي.

پڙهڻ وارو اهو سوچي سگھي ٿو تہ جڏهن ڪتاب ئي لکڻو هُئس تڏهن محبوب ڏيپر جي تعريف جا هيترا بند ٻَڌا اٿائين. پر آءٌ اها دعوىٰ ڪريان ٿو تہ جيڪو لکيو اٿم اهو مون پنهنجي اکين سان ڏِٺو، ڪَنن سان ٻُڌو ۽ ڪتابن منجھہ پڙهيو اٿم. اها ڳالهہ بہ چڱيءَ ريت ڄاڻان ٿو تہ هڪ محقق لاءِ اهو لازمي آهي تہ هو غير جانبدار (Neutral) ٿي تحقيق ڪري مواد گڏ ڪري ان جي تحقيق جي اصولن مطابق ڇنڊ ڇاڻ ڪري پوءِ لکي. الحمدلله اهو مون کي تجربو بہ آهي ۽ انهيءَ ميدان (Field) جو خود شاگرد بہ آهيان. تحقيق ۽ تحقيق جي اصولن کان واقف هئڻ جي باوجود هن بزرگ اديب جي هيتري ساري تعريف لکڻ کان پهريان سؤ دفعا سوچيو هوندم تہ لکجي يا نہ لکجي! پر سچ کي سامهون آڻڻ لاءِ مون قارئين جي تنقيد جي پرواهہ ڪرڻ بنا جيڪو ڏِٺم، ٻُڌم، پڙهيم ۽ پرکِيُم اهو لکي ڇڏيُم.

هن بزرگ اديب کي مون ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. سندس سچائيءَ جو عيني گواهہ بہ آهيان. جن بہ ماڻهن کي منهنجي ڳالهين سان اختلاف هجي انهن لاءِ اهو ئي عرض آهي تہ ادا محبوب ڏيپر الله رب العزت اجان صحتمند زندگي عطا ڪَريس، زندهہ موجود آهي. ساڻس مِلي يا سندس واسطيدارن سان مِلي ڪچهري ڪري منهنجي ڳالهين جي صداقت معلوم ڪري سگھجي ٿي.

محترم عبدالرسول سولنگي محبوب ڏيپر جو گھڻ گھريو دوست

محبوب ڏيپر هڪ بهترين ڪردار ۽ قابليت وارو انسان آهي. سندس دوستيءَ جو حلقو تمام گھڻو وسيع آهي. سندس دوستن جو تعداد تمام گھڻو آهي. جيسيتائين منهنجي علم جو سوال آهي تہ ان موجب محبوب ڏيپر جي گهاٽن ۽ گھرن دوستن ۾ محترم عبدالرسول سولنگي، پروفيسر عبيدالله لاکير ۽ سائين فقير محمد شاهہ صف اول ۾سپيني ڪان نمايان نظر اچن ٿا. طوالت کان بچندي سندس گهاٽن دوستن منجهان صرف هڪ دوست محترم عبدالرسول سولنگي صاحب جا سندس لاءِ پيش ڪيل تاثرات پيش خدمت آهن .

منهنجي پيدائش سن 1956ع ۾ ٿي. منهنجي رهائش ميهڙ شهر ۾ فريد آباد روڊ سان آهي. منهنجي عمر جو اڪثر حصو دبئي ۾ گذريو آهي. محبوب ڏيپر سان منهنجي دوستي 1979ع کان بہ اڳ جي آهي. ميهڙ ۾ رهڻ دوران منهنجو اڪثر وقت ساڻس ڪچهري ڪندي گذريو آهي. اسان جا پاڻ ۾ خانداني تعلقات رهيا آهن. منهنجو خاندان دبئي ۾ گھڻو عرصو رهيو آهي. جڏهن ٽي وي يا ريڊيو تي پروگرام ڪرڻ ويندو هو تہ مون کي ساڻ وٺي ويندو هو. جڏهن مان دبئي ويندو هئس تہ ڪراچي ايئرپورٽ تائين مون کي ڇڏڻ هلندو هو. ياري دوستيءَ ۾ بلڪل مَور رهيو آهي، خاص ڪري مون سان تہ ڪو حساب ئي نہ ڪندو آهي. ڪراچي ويندي گاڏيءَ ۾ اڪثر مون کي ننڊ اچي ويندي هئي تہ ڪرايو ڏئي

ڇڏيندو هو، جڏهن ڇوندو هئومانس ته ڪاوڙ ڪندو هو ته مون کان ڇو ٿو پڇين؟ ڇا دوستيءَ ۾ منهنجو ايترو به حق ناهي جو ڪرايو ڀريان؟ دوستيءَ ۾ حذر ۽ سفر ۾ مون ڪيس پرکيو آهي. ڪيس ڏاڍو سچو ۽ کرو انسان پاتو اٿم. مون ڪيس ڏاڍو ديانتدار ۽ ايماندار ڏٺو آهي. پاڻ نماز پنجگانه جو پابند رهيو آهي ته تهجد گذار به رهيو آهي. 2015ع تائين رمضان مبارڪ ۾ برابر اعتڪاف ۾ ويهندو رهيو آهي. پاڻ مهمان نوازيءَ ۾ گهورو آهي. مهمان نوازيءَ ۾ ڏاڍو عُمدو انسان آهي. پنهنجي وات منجهان ڪڍي به ٻين کي کارائڻ وارو انسان مون محبوب جي روپ ۾ ڏٺو آهي. چڱائي ۽ نيڪي واري عادت منجهس ننڍي عمر کان ئي آهي. پاڻ شروع کان ئي فقيراڻي طبيعت وارو رهيو آهي. پاڻ تڪليف ڪٽي به ٻين کي اهنج ڏيڻ کان پاسيرو رهيو آهي.

محبوب ڏيپر جي دوستيءَ جي حلقي ۾ پراڻي دور ۾ مرحوم قربان سولنگي پڪيڙا ماڇي وارو، مرحوم غلام نبي وارياسي وارو، مرحوم رئيس ابراهيم خان چانڊيو ميرواڻي وارو ۽ ايڊوڪيٽ وڏيرو عبدالرحيم سولنگي ڳوٺ صادق ماڇي وارو شامل هئا. مرحوم قربان سولنگي وٽ اسان راتيون رهندا هئاسين. محبوب ڏيپر سان اڄ به منهنجي ياري واري دوستي آهي. مون محبوب کي هر لحاظ سان بهترين ۽ لائق انسان ڏٺو آهي. سچ پچ محبوب ڏيپر ڪردار جو هيرو ۽ لائق تحسين انسان آهي. محبوب کي مون ڏٺو آهي. ساڻس تمام گهڻو وقت گڏ گذاريو آهي، سندس حذر سفر جو ساٿي رهيو آهيان. سندس عظيم ڪردار ۽ انسانيت جي اعلیٰ گڻن جو عيني گواهه آهيان. محبوب ڏيپر پنڌ ڪرڻ جو

ڪافي تکو هوندو هو. مان ڪيس بار بار آهستي آهستي هلڻ لاءِ چوندو ئي رهيس. هاڻي به ڪراڙو ماڻهو هوندي به جوانن کان به تِکو هلندو آهي. سندس تعريف ۾ جيترو ڪجهه ٻڌايان اهو ٿورو هوندو. بس ايترو ئي چوندس ته مون ڪيس هر لحاظ سان عمده ڪردار وارو ڪامل مسلمان ۽ انسانيت جي وصفن سان ڀريل انسان ڏٺو آهي.

محبوب ۽ تصوف

محبوب ڏيپر بااخلاق، حياءَ جو مجسمو ۽ دين سان سچي محبت ڪندڙ انسان آهي. پاڻ نماز پنجگانه جي پابنديءَ سان گڏ الحمدلله تهجد گذاري جي نعمت سان سرشار پڻ آهي. هن بزرگ کي اولياءَ الله سان قلبي محبت آهي. پاڻ ميهڙ جي قريب ٻٺ سرائي جي سيد گهراڻي جي پارسا بزرگ سيد عبدالقادر شاهه راشدي صاحب سان دست بيعت ٿيو. وقتًا فوقتًا پنهنجي مرشد جي حاضري ڀري فيض حاصل ڪرڻ جي جستجو به ڪندو رهيو آهي. پاڻ دل جي خوشيءَ سان ديني جلسن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي ۽ عالمن سڳورن سان ڪيس تمام گهڻي عقيدت ۽ چاهه آهي. پاڻ مذهبي اڳواڻن ۽ عالمن سڳورن جو ديوانو ۽ پروانو آهي. ڪيس تصوف سان به تمام گهڻو لڳاءُ رهيو آهي. ميهڙ جي مشهور اهل تصوف بزرگ شخصيت سائين مولانا حاجي بخشل سوڍر جي ڪافي صحبت نصيب ٿيس. ننڍي عمر ۾ ئي سندس اندر ايمان سان ٽمٽار رهيو. ٻالڪپڻي کان وٺي دين ۽ ديندارن سان چاهه رکندو هو. سندن محفلن، مجلسن ۽ ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿي پنهنجي روح

کي راحت بخشيندو ھو.

ھن بزرگ سگھڙ شاعر کي اسلام سان تمام گھڻي محبت ۽ دلي لڳاءُ رھيو آھي. پاڻ شاديءَ کان بہ پھريان ڏاڙھي مبارڪ چھري تي سجائي رکيائين. محبوب ڏيپر اھل تصوف بزرگن جي صحبت ۾ ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان ويھندو ۽ بزرگن جي نصيحتن منجھان پرائيندو رھيو. جن اھل تصوف بزرگن جي صحبت ۾ بار بار ويندو رھيو، انھن ۾ سائين مولانا حاجي بخشل سوڍر (سوڍاري مسجد بعد ۾ اگھاماڻي وارو)، سائين حبيب الرحمان سومرو (باقراڻي شريف وارو)، سائين ”مسڪين“ منظور احمد مشوري (مشورين وارو)، سائين مفتي ڪريم بخش مگسي (ميھڙ وارو) ۽ سائين سيد فقير محمد شاھ (ميھڙ وارو) سرفھرست آھن.

محبوب ڏيپر کي ديار حبيب جي حب تمام گھڻي وقت کان ھوندي ھئي. انھيءَ تانگھہ جو اظھار ڪڏھن ڪنھن دل وارن دوستن جي ڪچھري دوران بہ ڪندو رھيو تہ وري انھيءَ جو اظھار پنھنجي شاعري منجھہ بہ ڪيو اٿائين. محبوب ڏيپر رسول الله ﷺ جن جي در جي حاضري جو مڱتو رھيو. ڪيس اھا ديرينہ خواھش ھئي تہ زندگيءَ ۾ ھڪ دفعو ئي سھي پر ڪعبت الله جو ديدار ڪري اچان، حبيب جي حضور حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري وڃان. انھيءَ تڙپ ۾ سِڪندو رھيو. الله رب العزت مٿس مھرباني فرمائي ۽ ڪيس پنھنجي در جي حاضري نصيب ڪرڻ سان گڏ حبيب ڪائنات جي روضي اطھر جي زيارت سان سندس نيڻن کي سُرور بخشيائين. محبوب ڏيپر کي ديار حبيب جو مقدس سفر 9 جون 2014ع ۾ نصيب ٿيو. پاڻ انھيءَ سفر جون يادون اڪثر

دوستن سان ونڊي دل کي خوش بہ ڪندو رھيو آھي. پاڻ انھيءَ سعادت ملڻ تي خوشيءَ جو اظھار ڪندو آھي تہ ھنن اکين سان محبوب جو ملڪ گھمي آيو آھيان. رسول الله ﷺ جن جي روضي اطھر جو ديدار بہ نصيب ٿيو آھي تہ وري رب جي رحمت جو مرڪز ڪعبت الله ڏسي ۽ چُمي بہ آيو آھيان.

محبوب جي شاعري جو مصداق

محبوب ڏيپر ڏاڍو يار ويس، دوستي رکي نڀائڻ وارو، دوستيءَ ۾ ليکو نہ ڪرڻ وارو، حق سچ جو پروانو، يارن جو يار ۽ دلربا طبيعت وارو انسان آھي. دوستن خاطر قرباني ڏيڻ جو ھنر بہ خوب ڄاڻي ٿو. ادب ۽ حياء جي دائري ۾ رھي دوستيءَ خاطر پنھنجا ڪيسا ھميشہ کليل رکيا اٿائين. پري کان ڪَھي آيل دوستن تان پيو گھور ويندو آھي، وٽس جڏھن ڪو پري کان دوست آيل ھوندو آھي تہ سندس بي چيني ۽ بي قراري ڏسڻ وٽان ھوندي آھي. ايئن محسوس ٿيندو آھي تہ ھو ڪيس ڪھڙي ھنڌ ويھاري، سندس اجان وڌيڪ ڪھڙي نموني خدمت ڪري، لاءِ تڙپندو ۽ لُڇندو رھندو آھي. محبوب دوستيءَ جو مطلب خوب ڄاڻي ٿو. پاڻ واقعي پنھنجي ڪلام ۽ شاعري جو عملي ثبوت پيش ڪري ٿو. پاڻ جيڪي نصيحتون، سنيون ڳالھيون ۽ نيڪ اعمال بيان ڪري ٿو، پاڻ انھن تي عمل ڪرڻ وارو انسان آھي. ايئن ھرگز بہ نہ آھي تہ سندس چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ ڪو فرق آھي، يا ايئن بہ ناھي تہ ھو صرف ٻين کي نصيحتون ڪندڙ ھجي ۽ پاڻ انھن جو عامل نہ ھجي. محبوب پنھنجي شاعري ۾ جنھن نيڪ نفس کي ساراھي ٿو، جنھن ڪردار

کي ڪارائتو قرار ڏئي ٿو، جنهن چمن جي سرهاڻ کي سجائي پيش ڪندو رهيو آهي، لاشڪ پاڻ انهيءَ چمن جي بلبل آهي، جنهن مورت تي مست ٿيڻ انساني دل جي مجبوري ڳڻائي ٿو، جنهن جوان مڙسي ۽ دليري کي داد ڏئي ٿو، جنهن سُندرتا جا گڻ ڳائي ٿو، جنهن سني عمل جي واکاڻ ڪري ٿو، جنهن باطني سُونهن جي ڳالهہ ڪري ٿو، مطلب تہ سندس جي شاعري جو ممدوح ڪردار جنهن کي هو بيان ڪندو رهيو آهي، ان جو پاڻ ئي مصداق بڻيل آهي.

محبوب ۽ مهمان نوازي

محبوب ڏيپر پنهنجي حال آهر سنڌ امڙ جي ملڪن ۾ مشهور مهمان نوازيءَ واري صفت ۾ بہ بهترين رهيو آهي. هر آئي جي لاءِ نيڻ وڇائڻ وارو آهي. هر مهمان چاهي اهو رشتيدار هجي يا غير هجي پر جيءَ ۾ جايون ڏئي پنهنجي وسعت مطابق سندس خدمت ضرور ڪندو آهي. تڏي تي هلي اچڻ واري تي پيو سِر صدقو ڪندو آهي. سندس والد محترم محمد صادق واري مهمان نوازيءَ خوبي منجهس بہ موجود آهي.

محبوب ڏيپر جي محنت کي مليل پذيرائي

محبوب ڏيپر جو ڇهون ڪتاب "ڏاتر مون کي ڏات ڏني" جڏهن ڇپجي پڌرو ٿيو تہ روزاني سنڌي اخبار "محور" ڪراچي ۾ ساهڙ هائوس ميهڙ ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي آفيس ۾ ڪجهہ علمي دوستن سان گڏجي ڪتاب هٿن ۾ کڻي هڪ تصوير ڪيرائي جي فوٽو سان گڏ خبر لڳي. انهيءَ خبر ۾ لکيو

ويو تہ سنڌ جي ناليواري سگهڙ شاعر محبوب علي "محبوب" ڏيپر جو ڇهون ڪتاب جاري. انهيءَ خبر جي تفصيل ۾ لکيو ويو تہ هن ڪتاب ۾ حمد، نعت، سهرا، پهاڪا، پنج ڪٽا، نظم، گيت، ڪافيون ۽ غزل شامل آهن. هن ڪتاب جي مهورت عيد کان بعد ڪئي ويندي. ڪتاب جي جائزي جي بيٺڪ ۾ پروفيسر عبيدالله لاکير چيو تہ محبوب ۾ اهي داڻا آهن جيڪي ڪنهن موتيءَ ۾ هوندا آهن. ڏاهپ، لفظن جو استعمال ۽ سمجهہ جو معيار محبوب کان ئي سکجي. وڏي عمر هوندي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺي ٿو ۽ شاعري کي ڪتابن جو روپ ڏئي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪرڻ وارو سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر ڪيرون لهڻيون.[45]

محترم سائين عبيدالله لاکير سندس باري ۾ جيڪو چيو آهي اهو بهتر آهي، مگر محبوب انهيءَ تعريف کان بہ مٿانهون آهي. محبوب ڏيپر جي هميشہ اها ئي ڪوشش رهندي آهي تہ هو پنهنجي زندگي الله ۽ رسول الله ﷺ جي حڪم تحت گذاري ۽ سندس زندگيءَ جو هر ڪاروهنوار الله رب العزت جي ئي رضا هيٺ رهي. پاڻ ٻڌائيندو آهي تہ : "منهنجي اها ڪوشش رهندي آهي تہ پنهنجي رب جي ڏسيل راهہ تي هلڻ جي ڪوشش ڪريان، ڪنهن سان بہ رنج ۽ رُسامو نہ رکان. مون کي رب توفيق ڏئي تہ سندس بندن جي دلين کي ڪٺڻ وارا عمل ڪري سگهان. پنهنجو هڪ هڪ قدم رب جي منشا کي مدِنظر رکي کڻان. چاڪاڻ جو هڪ ڏينهن

45. روزاني محور ڪراچي، اڱارو 22 مئي 2018ع، بمطابق 6 رمضان المبارڪ 1439هہ.

منھنجو رب مون کان ھر ھڪ شيءِ جو حساب وٺندو. مون کي عطا ڪيل ھر ھڪ صلاحيت جي باري ۾ پڇندو تہ مون طرفان عطا ڪيل انھن نعمتن کي ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ڪيئي؟ ڪھڙا ڪھڙا عمل ڪيئي؟ منھنجي بندن سان تنھنجو ڪھڙو ورتاءُ رھيو؟ پنھنجي جواني ڪھڙن ڪمن منجھ گذاري اٿئي؟ عمر ڪيئن خرچ ڪيئي؟ منھنجي طرفان مليل نعمتن جو حساب ڏي. جنھن ڏينھن پنھنجي مالڪ جي اڳيان حاضر ٿيندس تہ خالق جي سامھون ڪھڙو ڪنڌ ڪڻندس؟ ڪيئن ضعيف بندو ھڪ ھڪ پل جو حساب ڏيندو! بس اھو خوف بہ رکندو آھيان ۽ دعا بہ گھرندو آھيان تہ منھنجا رب مون کي ايتري توفيق عطا ڪر جو مان اھي ڪم ڪريان جن ۾ تون راضي ھجين ۽ تنھنجو حبيب راضي ٿئي. اھڙا عمل ڪريان جو سياڻي تنھنجي سامھون بيھي سگھان. عمل تہ ڪو اٿم ڪونہ، بس ھن ٻانھيءَ جي ٻار مٿان پنھنجي ڪَرم نوازي ڪر. جيئن ھيتري عمر عزت ۽ غيرت سان جياريو اٿئي اڳتي بہ اھڙي پارت اٿئي. ان ڏينھن جي شرمندگي کان مون کي محفوظ رکجانءِ. بس ابا اھا پيو پنھنجي رب کان دعا پنندو رھندو آھيان. دعا ڪر تہ ڪا آخرت چڱي ٿئيم. باقي ثمر پاڻ وٽ يار صفا ڪونھي“.

سندس ھي لفظ ڏاڍا نصيحت پريا لڳندا اٿم تہ واقعي ھن بزرگ ھستيءَ جي دل ۾ ڪجھ نہ ڪجھ پنھنجي خالق ۽ مالڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي جستجو آھي ضرور.

محبوب ڏيپر ڏاڍي دلربا طبيعت وارو انسان آھي. محبوب ڏيپر اڄ ڪلھ ڏينھن جو دوستن سان ملڻ ۽ ڪچھري ڪري پنھنجي دل کي آٿت ڏيندو آھي. محبوب ڏيپر حرام ۽ حرام پائيءَ

ڪان سخت نفرت ڪندو آھي. ڪيس ڪوڙن ماڻھن، دوکيبازن ۽ پنھنجا ڪم ڪَڍُو ماڻھن کان سخت نفرت آھي.

محبوب ڏيپر سنڌي ادب جو ديوانو آھي. ڪيس پنھنجي مادري زبان، پنھنجي قوم ۽ پنھنجي جيون پوميءَ سان بيحد محبت آھي.

پنھنجي جنم پوميءَ سان جو نينھن نپائي محبوب اھڙو آھي
پنھنجي مجبور ماروئڙن جي فرياد رسائي محبوب اھڙو آھي
سانگين جو ھو سنيھو بڻجي، مسڪينن جي مونجھ مِٽائي
ڏاتر جي مليل ٿو ھو ڏات نپائي محبوب اھڙو آھي
سوڍر ھي سچو کرو انسان اٿئي، رب مُکو ھن کي ٺاھي
جيڪو ٻين لاءِ پنھنجي جان کپائي، محبوب اھڙو آھي
اعجاز علي سوڍر ،انمول“

ڏاتر جي ڏنل ڏات نپائي ٿو

محبوب ڏيپر پنھنجي قلم کي مسڪين ماروئڙن جي فرياد سمجھي اعلىٰ ايوانن، واڳ ڌڻين، عدليا ۽ وس وارن تائين انھن جا اھنج پھچائڻ جي نيت سان شاعري جي زبان ۾ ٻاڪاريندو رھي ٿو. جڏھن سندس شاعري جي زبان ۾ سٽايل دانھن ٻُڌي ويندي آھي ۽ مسڪينن جي درد جو ڪجھ دارو ڪيو ويندو آھي تہ پاڻ انھيءَ کي پنھنجي محنت جو ڦل سمجھي الله رب العزت جو احسان مڃي ڏاڍو پيو خوش ٿيندو آھي. سندس شاعريءَ جي زبان واري فرياد سُڻجڻ جو ھڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

پنج نقاطي پروگرام جو قرب اھو ڪورو آ
ڳوٺ قادر بخش ڏيپر کي ٻٽايو ڄامشورو آ
ڪاتو واپڊا وارو بہ ڪو چنيءَ جو ير چورو آ

ڏھ هزار ڏئي چڪا هون هڻ جو اجان گھورو آ
ٽنيا تارون ڏئي تن ورتو جُتي سوڊو جورو آ
هاڻي اهو بہ تن جو ٿورو آ، جي پنهنجا پول پٽي وجن

بجليءَ وارن اسان کي پريا اچي ٻول
تہ پورا ڪنداسين پنهنجا ڪيون تا جي قول
پوءِ تہ هو پئسن جا پري ويا جهول
ڏئي ٽنيا تارون تڪڙ ۾ ڊرڪو پيا ڊول
وجي سکيا سمهي پيا پري پنهنجا ٻول
ڏيپر چوي ڏيھ ۾ پئي هلي ٿوڪ ٽنول
اچي بجلي ٻاري ڏيو، رليا هاڻي رول
نہ تہ پٽي سيئي پول، محبوب ڏيندو ميڻ تي

ٻي نہ ڪر تون ڪائي ڪار
ڳولهي بجليءَ وارو مار
جيڪي وڏا ويري آهن
ٽاندن جي جڻ ڪيري آهن
ڪنهن ڏي نہ ويندا خيري آهن
ڪندا تيري ميري آهن
ٿورو تن ڏي ڏيان تہ ڏار
ڳولهي بجليءَ وارو مار

ٻهراڙيءَ ۾ اڪثر غريب طبقو ٻني ٻارو يعني هارپو ڪري پنهنجو جيون گذر ڪندو آهي. انهن وٽ پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچڙن

جو پيٽ پالڻ ۽ انگ ڍڪڻ جو بہ ڪو خاص انتظام نہ هوندو آهي. بس رکي سُکي چاڙهي، ڪڏهن پَلي ساڳ چاڙهي، ڪڏهن پٽڙو پت رڌي ڪير سان ڪائي جيئندا آهن. انهن وٽ مسالي دار، چٽ پٽا ۽ فاسٽ فوڊ جو رواج آهي ئي ڪونہ. بس سادگيءَ سان خالص ۽ حلال ڪائڻ کي ترجيح ڏيندي عياشين کان اڻ واقف رهن ٿا. ٻهراڙيءَ جي اڪثر خاندانن وٽ بچت جي نالي سان پئسا جمع ڪرڻ يا ملڪيت ٺاهڻ جيتري وسعت نہ هوندي آهي. انهيءَ ڪري بجليءَ جا بل جمع نہ ڪرائي سگهندا آهن. اهڙن مظلوم ماڻهن جي وڪالت ڪيائين تہ بجلي بحال ٿي. انهيءَ کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي محبوب ڏيپر ڏاڍو خوش ٿيو.

محبوب ڏيپر هڪ سچو، کرو ۽ پڪو مسلمان آهي. ڪيس رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن سان عشق ۽ عقيدت آهي. پاڻ انهيءَ ۾ ثابت قدم رهيو آهي. سندس نعتون سندس عشق ۽ عقيدت جون گواهہ آهن. محبوب جي ڪافين ۾ سندس سيني جو درد بہ شامل آهي. محبوب سدائين پنهنجي شاعري ۾ سماج سڌارڪ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڻ سماجي برائين خلاف هميشہ آواز بلند ڪندو آيو آهي. محبوب پنهنجي ويچارن جي سٽي نموني وڪالت ڪري ٿو. هو انسان جي اندر ۽ ٻاهر جي دنيا کي اڇو اجرو، پاڪ صاف ۽ انسان دوست ڏسڻ چاهي ٿو. اميد آهي تہ هن جوڏي جوان جا واڪا هڪ ڏينهن هن سماج ۾ تبديلي جو سبب

بڻبا.[46]

محبوب ڏيپر انسان دوست آهي، محبوب ڏيپر پراوَن ڏکن کي پنهنجا ڏک سمجهي انهيءَ جو ثبوت به پنهنجي لکڻين ۾ ڏنو آهي. پاڻ هر ڪتاب ذريعي عزت ۽ مان ماڻي رهيو آهي. پنهنجي محنت ۽ لگن سان اديبن جي صف ۾ نمايان ٿي بيٺو آهي. اڄ جي دور ۾ ڪتاب ڇپرائڻ جو تعداد تمام گهٽو گهٽجي ويو آهي، تنهن هوندي به پاڻ پنهنجي جدوجهد جاري رکيون اچي پيو. ڪيس پنهنجي سر ٻچن کان وڌيڪ پنهنجي ڌرتي ماتا سان محبت آهي. سندس زبان سچ ڳالهائڻ جي هيراڪ آهي، سچ جو پانڌيڙو ڪڏهن ٿڪبو ناهي. ڪيس ڪوڙ کان نفرت آهي. پاڻ ڪنهن سان به ڪا ڌاڙ ٻڌاڪ ناهي هڻندو جنهن ڪري هو خاموش سگهڙ شاعر آهي. پاڻ ڏاڍا ڏک ڏٺا اٿائين، پوءِ به منهن تي مرڪ سجائي پنهنجن ڏکن ۽ اهنجن کي لڪائي جيئي ٿو[47].

ميهڙ جي مشهور علمي شخصيت مرحوم سائين اقبال احمد لاڪير صاحب رقم طراز آهي ته: "موجوده وقت ۾ ميهڙ جي سڃاڻپ مائو ۽ ميندي آهي ته ان سان گڏ محبوب ڏيپر جو به ميهڙ جي مشهوري ۾ وڏو ڪردار آهي. محبوب پنهنجي شاعري ۾ ميهڙ کي شهرت جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. هن ميهڙ جي مٽيءَ کي عطر ۽ عنبر جي خوشبوءِ کان به مٽي بيان ڪيو آهي. محبوب

46. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام دائود، ص 8، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.
47. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام دائود، ص 10، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.

۽ ميهڙ هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. جيئن مڇيءَ جو پاڻي سان تعلق آهي بلڪل ايئن محبوب ۽ ميهڙ آهن. محبوب 71 سالن جي عمر ۾ به شاعري سان جنون جو عشق رکي ٿو ۽ تسلسل سان شاعري لکندو رهي ٿو. محبوب سنڌي عوام کي ملڪي صورتحال ۽ پيدا ٿيندڙ مسئلن بابت خبردار ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندي شاعري جي زبان ۾ آگاهي ڏيندو رهي ٿو. محبوب پنهنجي شاعري ۾ مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته پاڻ سگهڙ هجڻ سان گڏ هڪ وڏي پائي جو شاعر پڻ آهي."

شاعري الله رب العزت طرفان هڪ دَين هوندي آهي. اهو فن شاعر وٽ هڪ امانت جي حيثيت رکي ٿو. شاعر انهيءَ خدائي دَين ۾ خيانت نه ڪندو آهي. شاعر سماج جي عڪاسي ڪري ٿو. پوءِ سندس اهو ڪم ڪنهن کي وڻي چاهي نه وڻي انهيءَ سان شاعر جو ڪو سروڪار نه هوندو آهي. محبوب ڏيپر ظاهري علم سان گڏ باطني بصيرت سان به مالا مال آهي. هو پاڻ کي رب پاڪ جي سامهون جوابده ٿيڻ جو خوف دل ۾ رکي ٿو. محبوب جي شاعري ۾ ڪجهه ڪردار ممدوح آهن ته وري ڪي مذموم به آهن. منافق، خوشامند، چمچاگيري ڪندڙ، چاپلوس، غيبت خور، آلسي، سست، ظالم ۽ مسڪينن جا مارا ڪردار سندس ناپسند ڪردار آهن. محبوب ڏيپر دوستي خوب چڱي ريت نڀائڻ وارو، پنهنجي ڪردار ۽ اخلاق جي طفيلي معشوق شخصيت جو مالڪ آهي. محبوب عوام جي اهنجن کي سهنجائي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارو مزاحمتي ۽ احتجاجي انسان آهي. محبوب غير اسلامي

عملن، برائين، بي حيائي وارن ڪردارن، غير اخلاقي حرڪتن، سماجي يڪسانيت جي لتاڙ، ڏک ڏيڻ وارن ڪمن ۽ دليون رنجائڻ واري عملن کي ڪوسيندو رهي ٿو. شهرن، ڳوٺن ۽ علائقن ۾ ٿيندڙ نا انصافين، گندگي، آلودگي، نا چاڪي، سهولتن جي اڻ هوند ۽ سرڪاري بجيٽ جو صحيح استعمال نہ ٿيڻ ڪيس ڪافي ڏک ڏئي ٿو. محبوب سرڪاري ۽ سياسي ڪامورن کان بہ ڊڄڻ وارو ناهي. روينيو ۽ ايوانن ۾ براجمان نمائندن کي للڪاريندو، عوام جي اهنجن کان واقف ڪرائيندو، پنهنجي ڳوٺن، شهرن، ٻنين، باغن، گهٽين ۽ گهرن ۾ موجود ڏکيائين بابت پنهنجي شاعري ذريعي پروگرامن، ڪانفرنسن، جلسن، علمي ادبي ويهڪن، ليڪچرن، ڪچهرين ۽ رهاڻين ۾ پنهنجي شاعري وسيلي واڪا ڪندو پنهنجي فرض جي پورائي جي سعي ڪندو رهي ٿو. محبوب ڏيپير انهيءَ ڳالھ کان چڱي ريت واقف آهي تہ حُسن هر دل کي موهي ٿو، پنهنجي طرف ڪشش ڪري ٿو. حُسن انسان جي ڪمزوري آهي. حُسن کي پرکڻ جو پئمانو مختلف ماڻهن وٽ مختلف آهي پر اهو متفق عليہ سچ آهي تہ صورت سان گڏ سيرت جو حُسن هر ذي شعور انسان کي پنهنجو گرويده بڻائي وٺي ٿو. انهيءَ کان بچڻ ڏاڍو مشڪل آهي. حُسن اڳيان چڱا چڱا ڪانپيو خان جهڪيو پون. هڪ ڳالھ جملي معترضہ طور آڻيان ٿو.

ڳالھ ڪن ٿا تہ هندستان جو هڪ تمام وڏو پنڊت هوندو هو. تقريبًا سمورو عوام سندس اڳيان جهڪندو هو. ڪيس سجدو ڪندو هو. سندس ڏاڍي هشمت ۽ عزت هوندي هئي. سي ماڻهو پنهنجي مَن جون مرادون پوريون ڪرائڻ لاءِ وٽس حاضر ٿي

جهڪندا هئا. پنهنجي علائقي کي پنهنجي قدمن ۾ جهڪائي رکيائين. هڪ دفعي سندس ڪنهن مريد ڪيس رات جي وقت چوري چُپي لِڪندي ڪنهن پاسي ويندي ڏٺو. ان مريد ”ساڌو“ کي اها ڳالھ ڏاڍي عجيب لڳي تہ دنيا جنهن جي قدم ۾ جُهڪي ٿي سو وري لِڪي رات جو ڪنهن جي در جي حاضري ٿو ڀري؟ سو خفيہ طريقي سان سندس پيڇو ڪيائين. آخر ڏٺائين تہ اهو پنڊت ڪنهن گهر ۾ داخل ٿي ڪنهن عورت سان مليو. اها ڳالھ ڏاڍي تعجب خيز هئي. همراھ انتظار ۾ ويهي رهيو تہ سائين ٻاهر اچي تہ اصل حقيقت معلوم ڪجي. جڏهن پنڊت اتان نڪري روانو ٿيو تہ هن وجي رستي ۾ پڪڙي حقيقت کان آگاھ ڪرڻ لاءِ ڪيس چيو. تعجب وچان چوڻ لڳس تہ سائين دنيا اوهان جي قدمن ۾ آهي. پوءِ بہ توهان ان عورت وٽ ڪيئن بيوس بڻيا آهيو؟ انهيءَ استفسار تي ان پنڊت وراڻيو تہ ادا دنيا منهنجي قدمن ۾ مان وري ڪنهن جي قدمن ۾. ان ۾ ڪا ايتري تعجب جي ڪا ڳالھ ناهي .

اسان وٽ جڏهن سُونهن جي ڳالھ ٿيندي آهي تہ سيني جو ذهن عورت ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي. انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ عورت سُونهن جو هڪ روپ آهي، مگر اصل ۾ جنس جي ڪشش ئي نظر ۾ حُسن ڏيکاريندي آهي. باقي اهو لازمي ناهي تہ حُسن صرف عورت وٽ ئي هجي. مَردن وٽ ڪو حُسن نہ هوندو آهي ڇا؟ ها البتہ ايترو ضرور آهي تہ اڪثر عورت جي نظر ۾ مرد حسين هوندو آهي ۽ مرد جي نظر ۾ عورت وٽ حُسن هوندو آهي. انهيءَ کان علاوه انسان جو ڪردار، ان جو عمل، ان جو اخلاق، ان جو رويو، ان جي خدمت جو جذبو ۽ ان جو انداز بہ حُسن ۾ شامل

هوندو آهي. محبوب ڏيپر انهيءَ ڳالهه کي مدِ نظر رکندي حقيقي حُسن تي بہ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي تہ ان سان گڏ مجاز تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. پاڻ حسن جي تعريف ۾ ڪافي، گيت، غزل، ڪلام، ڏيڍ سٽا، ٻہ سٽا، ٽي سٽا، چار سٽا، پنج سٽا، ڇهہ سٽا ۽ اٺ سٽا شعر لکي پنهنجي فن جو اظهار پڻ ڪيو اٿائين. حڪمرانن جي ٺلهن ڪوڪلن واعدن، ڏٽن، ڪوڙن دلاسن، نڳين ۽ ڪوڙن وچنن خلاف سرعام آواز اٿاري ٿو. انهن نمائندن کي پنهنجا قول و قرار ياد ڏياري ڪين مهڻا ڏئي ٿو تہ پنهنجي ڪيل واعدن کي ياد ڪري هن ماروئڙن جي ڪجهہ تہ سار لهو، ڪجهہ تہ هنن ابوجهن جي باري ۾ سوچيو.

محبوب ڏيپر هميشہ چپن تي مُرڪ سجائي رکي ٿو پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ئي ناهي تہ هو دردن جو درياهہ پنهنجي سيني اندر سمايون وينو آهي. سندس چپن تي مُرڪ ڏسي سندس ضبط کي سلام ڪندو آهيان تہ واقعي هي بزرگ صبر ۽ استقامت جو پهاڙ آهي. ڪيس زندگيءَ ۾ جيڪي ڏک سُور مليا انهن کي ڏاڍي سهٽي ۽ سلوٽي نموني برداشت ڪري ڪڏهن بہ ٻاف ٻاهر نہ ڪڍي اٿائين. اصل ۾ سندس طبيعت ۾ ضبط جو مادو سوايو آهي نہ تہ هوند اگر پنهنجو اندر کولي پنهنجا ڏک ٻڌائي تہ ٻڌندڙ کي بہ روئڻ اچي ويندو. محبوب ڏيپر هر درد کي پنهنجي دل ۾ هميشہ لاءِ دفن ڪري دليري جو مظاهرو ڪيو آهي[48].

48. ڏيپر محبوب علي محبوب، مون جيئن ڏٺو محبوب کي، حيدرآباد ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.

محبوب ايلچي آهي

محبوب ڏيپر کي پهريان سگهڙ شاعر جو لقب مليو ۽ پوءِ ڪيس عوامي سگهڙ شاعر جو لقب مليو ۽ سنڌ جي سگهڙن جي ڪانفرنس ۾ ڪيس چانديءَ جو تاج پارايو ويو. انهيءَ سان گڏ ڪيس بوسڪيءَ جي پڳ پڻ پارائي وئي. انهيءَ حوصلا افزائي اسان ميهڙ واسين جي عزت وڌائي. اهو اسان جي ميهڙ لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. محبوب ڏيپر هڪ عوامي سگهڙ شاعر هجڻ ڪري اسان جي قوم جو سفارتڪار آهي. اسان جي ايندڙ نسل لاءِ ايلچي جي حيثيت رکي ٿو. اسان جي ايندڙ نسل کي پنهنجي ابن ڏاڏن جي ۽ موجوده دور جي تاريخ سهڻن لفظن جي موتين جي صورت ۾ تاريخ جي مالها ۾ پروئي پنهنجي جيون کي ڪارائتو بڻائي ٿو. سندس شاعري ادب جي خدمت بيشڪ آهي پر انهيءَ سان گڏ تاريخ جا سونهري ورق آهي. محبوب جي شاعري اسان جي ماحول ۽ معاشري جي عڪاسي آهي. سچائي ۽ امانت داري سان پنهنجي دور کي قلم جي نوڪ سان قيد ڪرڻ جو ڪيس ڏانءُ عطا ٿيل آهي. انهيءَ کي ڏات ڇَوان يا ڏانءُ ڇَوان، خدائي ڏَين ڇَوان يا خدائي ڄار ڇَوان، پر محبوب جي محنت کي اهل علم و دانش مڃيو آهي.

شاعر ليکڪ جيان سماج جو نبض شناس هوندو آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي انهيءَ فرض کي احسن طريقي سان نڀائي رهيو آهي. هو پنهنجي سماج جو بهترين وڪيل آهي. محبوب پنهنجي عوام خاطر پنهنجي پرائي جي مت ڀيد کان مٿاهون ٿي سندرو ٻڌي ميدان ۾ ڪاهي پوي ٿو.

محبوب جي زندگيءَ تي ترڇي نظر

1998ع ۾ محبوب ڏيپر کي فيض اخبار جو ميهڙ لاءِ سٽي رپورٽر مقرر ڪيو ويو. پاڻ 1980ع کان فيض اخبار جو عوامي شاعر ٿي رهيو. سندس بيت، وايون ۽ شعر شاعري جي ميدان ۾ انفرادي حيثيت رکن ٿا. محبوب جون عوامي ۽ اصلاحي رباعيون انساني ترجماني ۾ دل آويز رهيون آهن. سندس هي رباعي (نظم) ڪرڪيٽ جي نالي سان فيض ۾ ڇپيو.

انگريز اٽڪل ويڙهائي نيٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
راند تي ٻڌا ٻار ويناهن
بازيون رکي پوتار ويناهن
ڦٽي ڪري ڪم ڪار ويناهن
هڪ ٻه نه هزار ويناهن
پيا سهٽا سهٽا ڪري سيٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
راند جو ٿو ويلو اچي
هوٽل تي ٿو ميلو مچي
گهر گهر ۾ پاتي هڪ نه بچي
ڪاج پرائي احمق نچي
پاڪستاني پنجاهه انڊيا ايٽ
گهر گهر ۾ آ ڪرڪيٽ
علم پڇايو ڪاٿي آهي

هر ڪو بيٺو لاهي پاهي
مڙس ٺاهي ته زال پئي ڊاهي
نياڻي پنهنجي مرضي چاهي
بازي ملايو پل پوءِ پيٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
ڊش ڪرڪيٽ آ ويل مچايو
ڪوٺن اهڙو ڪيل مچايو
هاجو کهڙي هيل هٽايو
انگريز هي ڪيل مچايو
بازي ملايون پل پوءِ پيٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
جواري ٽيم ٿا ٺاري ويهن
کير گهٽن جا ٿا ڪاري ويهن
پاڪستان انڊيا واري ويهن
هزار تنهن تي هاري ويهن
ڦريو ته والي بال هو نيٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
روزي نماز ڏي لاڙو ناهي
دين سان هي ير ڏاڙو ناهي
تڏهن پنهنجو چاڙهو ناهي
ون ٿو ٽري سيون ايٽ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
آزادي هن شان لٽيو آ

عزت آبرو مان لٽيو آ
اڄ جو ير انسان لٽيو آ
ڌوڪو ڏئي ڪنهن دان لٽيو آ
ڏيپر هلندي ڪيسين نيٺ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ
هٿ تي نياڻي معني چاهي
تون ئي ٻڌاءِ تہ نانا چاهي
ونڀي آئي چلو ڳانا چاهي
مليا مهڻا تعنا چاهي
محبوب اهي ڳالهيون هيٺ
گهر گهر ۾ آ بس ڪرڪيٽ

خيرپور ناٿن شاهہ جي ميلي ۾ سگهڙن جي ڪچهري ٿي. ڪچهري جي شروعات محبوب علي ڏيپر جي هن بيت سان ٿي.

پاءِ ڪان سير پلو، چئي ٿو اجان ٻڌاءِ ڪير پلو
ان ۾ جو آ ڪاسو پلو، هٿ ۾ آ سو پلو
دشمن ڪان پاسو پلو، يار جو آ دلاسو پلو
وراڻي آئي تہ
پرين جا پير پلو، اجان ٻڌاءِ ڪير پلو[49].

1982ع ۾ ٽي وي پروگرام ڪيائين. جنهن ۾ اعجاز عليم عقيلي ۽ سيد محمد صالح شاهہ هئا. 1983ع ۾ ريڊيو حيدرآباد تي پروگرام ڪيائين جنهن جو پروڊيوسر نصير مرزا ۽ هير هئا .

49. روزاني شام حيدرآباد، آچر 5 ڊسمبر 1999ع

محبوب ڏيپر جي پسنديده صنف بيت ۽ نظم آهي.

ڏينهون توڙي رات قلندر
تن ۾ تنهنجي تات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر
تنهنجي نگري پياري پياري
ڏسڻ سان جنهن دل آ ٺاري
رهن جنهن ۾ هاري ناري
نهڪي ٿي اڄ وڻ وڻ ٽاري
بيحد تنهنجي بات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر
لال سَتي لڄپال قلندر
پونءِ تي تنهنجا پال قلندر
مارو ڪر خوشحال قلندر
جيئن جڳمڳ شال قلندر
هو هو ۽ هيهات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر
تنهنجا شيدائي آيا سارا
ڪٺي گل عقيدت جا پيارا
نينهن جا بينا هڻن نعرا
ڳچيءَ پائي بينا ڳارا
ڏاهن جي ٻڌ ڏات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر
سنڌڙي جا او والي سائين

تنهنجو رتبو عالي سائين
سوالي نہ موٽي خالي سائين
ميلو تنهنجو مثالي سائين
نفس ماري ڪيو مات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر
سوني ڪلنگيءَ وارا سائين
پنجتن جا او پيارا سائين
جهڪن تو در سارا سائين
محبوب ڏيپر پارا سائين
آهي اعلىٰ تنهنجي ذات قلندر
ڏينهون توڙي رات قلندر[50]

سخي فضل فقير (راڌن اسٽيشن) جي ڇهين عرس مبارڪ تي لڳندڙ ميلي جي محفل موسيقي جي پروگرام ۾ بين فنڪارن، شاعرن ۽ سگهڙن سان گڏ محبوب ڏيپر بہ حصو ورتو. [51]

جنهن وقت لطيف ادبي سنگت ميهڙ جي صدارت محبوب ڏيپر وٽ هئي تہ پاڻ هڪ پروگرام ڳوٺ مرزا واهه ۾ مشاعري ۽ ادبي ويهڪ جو منعقد ڪرايائين.

لطيف ادبي سنگت ميهڙ طرفان ڳوٺ مرزا واهه ۾ شاعرن جو ميڙاڪو ٿيو. انهيءَ ميڙاڪي ۾ شريڪ شاعرن اديبن جي هڪ وڏي هجوم کي محبوب ڏيپر خطاب ڪندي چيو تہ: " لطيف جو

50. روزاني آفتاب اخبار، مجتا ڪارنر، اڱارو 20 جولاءِ 1999ع
51. روزاني ڪاوش شمارو 110، آچر، 21 نومبر 1999ع

پيغام ڳوٺ ڳوٺ پهچايو وڃي. سنڌ جي شاعرن کي گهرجي تہ هو لطيف جي وات وني لطيف جهڙي شاعري ڪن. لطيف جي فڪر تي عمل ڪرڻ سان سنڌ کي ڪوسو واءُ نہ لڳندو ۽ نہ ئي سنڌ تي ڪو ڏکيو وقت ايندو. سنڌ جي سمورن سڄاڻ ماڻهن ۽ شاعرن، اديبن ۽ دانشورن کي گهرجي تہ هو پنهنجا ويچا ڇڏي صرف سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي خدمت ڪن. شاهه لطيف جي ڏسيل راهه تي هلي لطيف جي پيغام کي ڳوٺ ڳوٺ پهچائن." انهي موقعي تي لطيف ادبي سنگت شاخ مرزا واهه جو يونٽ ڪوليو ويو. [52]

روزاني عوامي آواز حيدرآباد اخبار ۾ گلزار ڪلهوڙو پاتائي طرفان محبوب ڏيپر کان "سنڌي ٻولي کي بچائڻ ۾ سگهڙن جو بہ اهم ڪردار رهيو آهي" جي نالي سان محبوب ڏيپر سان ٽيل ڳالهه ٻولهه کي قلم بند ڪري ڇپرايو ويو.

محبوب ڏيپر کي سگهڙ محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ مليو.[53] سگا حيدرآباد شاخ طرفان سنڌي لينگويج اٿارٽي جي هال ۾ سگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائي وئي. انهيءَ ڪچهري ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، تاج جويو، محمد ابراهيم جويو، ديدار سيال، الهڏنو دايو، مينهل گوپانگ، گل بهار پنيرو، غلام حسين باجاري، پنجل شيخ، يوسف لاشاري، قاسم ڪلوڙ، حاجي ڪوسو ۽ رحيم بخش قريشي وغيره

52. روزاني سنڌ حيدرآباد، جمعو 28 جنوري 2000ع
روزاني عبرت حيدرآباد، ڇنڇر 21 جنوري 2000ع
روزاني الک، آچر 30 جنوري 2000ع
روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، ڇنڇر 29 جنوري 2000ع سال 54، شمارو 27.
53. عوامي آواز حيدرآباد، آچر، 8 ڊسمبر 2013ع

جهڙا نامور اديب شامل هئا. انهيءَ پروگرام ۾ محبوب ڏيپر ”پلي بيگم ڪر بهاري“ ۽ ”هي بہ تو عشق ڪمائي“ مزاحيہ شاعري ٻڌائي اديبن کي خوب کلايو.[54]

هن دور ۾ ٿي گهرجي امامت حسين جي
مظلوم کي ڪپي ٿي عدالت حسين جي
تو نہ مڃيو تہ ڇا ٿيو، دنيا مڃي رهي آ
ڪتابن ۾ پڙهي ڏس ڪرامت حسين جي
تيرن جي مينهن ۾ پيي سجده قضا نہ ڪيئين
دين مٿان ٿي ڪيڏي عنايت حسين جي
سڀ ڪجھ لٽائي ناني سان وچن ڪيئين پورو
بيحد وڏي آ رب پاڪ کي صداقت حسين جي
اڄ بہ در ساڳئي تي ساڳيو ئي سلسلو آ
هلندي اچي پئي اڄ پيي سخاوت حسين جي
سجدي ۾ سر ڪٽائڻ منظر اهو ڇا هوندو
پرکي نہ ڪوئي سگهيو ولايت حسين جي
سر ٻچن سوڌو ڏئي ميدان ويو ملهائي
ڇا صبر ۽ سخا ڇا شجاعت حسين جي
ذڪر حسين جو شام و صبح زبان تي
بي مثال آهي بيشڪ عظمت حسين جي
سانجهي صبح التجا آهي در خدا جي
هڪ دفعو مولا ڪرائي زيارت حسين جي

54. روزاني شام حيدرآباد، چنچر، 10 آگسٽ 2002ع، جلد 3، شمارو 336.

محبوب در سندن جو ئي غلام آهي
ڏيپر کي وڏي آ بيشڪ الفت حسين جي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي ”سيوا“ آفيس ۾ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) ۽ ڄامشورو شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران ڪونايل جاکوڙي سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاري جي ترتيب ڏنل انقلابي سگهڙ محبوب علي محبوب ڏيپر جي ٽئين لوڪ ادب شاعري جي مجموعي ”موتي محبوب جا “ جي مهورت تقريب ۾ ”قربن پري ڪچهري“ ۾ وڏي تعداد ۾ سگهڙن، اديبن ۽ شاعرن کي مدعو ڪيو ويو. انهي پروگرام ۾ محبوب ڏيپر جاگيردارن جا سور ۽ بيت ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو. [55]
ڪلام محبوب ڏيپر ۾ محبوب سماج ۾ ٿيندڙ زيادتين کي بي نقاب ڪيو آهي. [56]

ميهڙ جي هاء اسڪول ون ۾ مهراڻ آرٽ ڪلب پاران ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج اداڪاره شاهده صنم سان رهاڻ جي موقعي تي سنڌي اصلاحي ڊرامو ” قوم جو ويري“ پيش ڪيو ويو. ڊرامي شروع ٿيڻ کان اڳ موسيقي جو پروگرام ٿيو. انهيءَ پروگرام ۾ محبوب ڏيپر ”سستيون ساريون مهانگي ڪٽي“ نظم ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو.

سلات پاران لعلو رائنڪ ۾100 سگهڙ شاعرن جي مڃتا ڪانفرنس ٿي. انهيءَ پروگرام ۾ ڏات ڌڻين کي اڻ ٿڪ محنتن

55. روزاني جيجل حيدرآباد، اگارو، 15 سيپٽمبر 2015ع.
56. روزاني ڪاوش حيدرآباد، جمع 7 آڪٽوبر 2016ع جلد 27، شمارو 64.

عيوض چاندي جا تاج، بوسڪيءَ جون پڳون ۽ اجرڪ اوڙهايا ويا. انهيءَ پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ سگهڙ ۽ اديب کي مجتا ميڊل، ايوارڊ ۽ شاهه جو رسالو انعام ۾ ڏنو ويو. انهيءَ پروگرام ۾ ميهڙ جي هن مشهور مزاهمتي لوڪ شاعر ۽ سگهڙ، سگهڙائپ ۽ شاعري جي ميدان ۾ پاڻ مڃرائيندڙ محبوب ڏيپر کي تاج پهرايو ويو، انهي پروگرام ۾ محبوب ڏيپر سميت 15 سگهڙن کي بوسڪيءَ جون پڳون پارائيون ويون. انهيءَ پروگرام ۾ 200 ڪان وڌيڪ ڏات ڌڻي شامل هئا. انهيءَ پروگرام ۾ محبوب ڏيپر جي ڪتاب "ڪلام محبوب ڏيپر" جي مهورت پڻ ٿي. [57]

محبوب ڏيپر ٽي وي تي سيد محمد صالح شاهه سان ٻه دفعا ڪچهري پروگرام ۾ شريڪ ٿيو. ريڊيو تي فتح محمد خان سان ٻه دفعا ڪچهري پروگرام ۾ شرڪت ٻه ڪيائين.

محبوب ڏيپر جو ڪلام "وڃي ٿو وڃي منهنجو ساهه ٿو وڃي، پرين ڪيڏيون پاڙي منجهان ڳاهه ٿو وڃي، آڳي باقي ڪيڏيون منهنجا لاهه ٿو وڃي." ممتاز لاشاري جي آواز ۾ چيل ڪلام ڏاڍو مشهور ٿيو. محبوب جي پسند جا سگهڙ ملوڪ عباسي، ان جو پٽ ممتاز عباسي، منل جهتيال، لقمان ڪوڪر، شبنم ڪوڪر، روشن ڪوري ۽ دادن فقير آهن.

2016ع ۾ محبوب ڏيپر هڪ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پيو. ڪيس ڪاٻي ڄنگهه ۾ فريڪچر ٿي پيو ۽ اڪ ۾ ٻه ڪافي تڪليف

57. روزاني ارادو لاڙڪاڻو، سومر 7 نومبر 2016ع، **جلد** 3، شمارو 305

ٿيڻ لڳس. [58]

سنڌ ثقافت يا ڪنهن اداري سندس سار سنڀال نه لڌي، نه ئي ڪنهن سرندي واري سار لڌي. ڏکن ۽ تڪليفن سان جهيڙيندي پنهنجي غربت آهر علاج ڪرائيندو رهيو. ڪافي عرصو انهيءَ درد کي برداشت ڪندو رهيو. الله رب العزت جي فضل و ڪرم سان اڄ ماشاءَ الله تندرست ۽ توانو آهي.

محبوب ڏيپر جو ڇهون ڪتاب " ڏاتر مون کي ڏات ڏني" جي ڪتاب جي جائزي لاءِ ننڍڙو مهورتي پروگرام سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جي آفيس ساهڙ هائوس ميهڙ ۾ منعقد ڪيو ويو. انهيءَ ننڍڙي پروگرام ۾ پروفيسر عبيدالله لاڪير، اويس قرني، سائين شفيق چنه، الهوڙايو پتو، وفا عباس جتوئي، اصغر چانڊيو، منظور مولائي ۽ حماد الله لاڪير شامل هئا. [59]

محبوب ڏيپر ۽ خدمت

الله رب العزت هن سنسار جو خالق ۽ مالڪ آهي. هن پنهنجي عبادت لاءِ انسانن ۽ جنات کي پيدا فرمايو. پنهنجي لاتعداد مخلوقات کي انسان جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو. حضرت انسان کي

58. روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، اربع، 1 مارچ 2017ع، سال 50، شمارو .217
روزاني جهونگار ڪراچي، آچر، 22 جنوري، 2017ع، **جلد** 5، شمارو 183
وفاء سنڌ ڪراچي، اربع، پهرين مارچ 2017ع، **جلد** 3، شمارو 81.
روزاني جهونگار ڪراچي، اربع، پهرين مارچ 2017ع، **جلد** 5، شمارو 221
59. روزاني خبرون ڪراچي، اڱارو، 22 مئي 2018ع، **جلد** 15، شمارو 136.
روزاني محور ڪراچي، اڱارو، 22 مئي 2018ع.

عظمت ۽ اڪرام سان نوازيو اٿائين. انسان کي انسان ۽ انسانيت جي خدمت جو پڻ پابند بڻايو اٿائين. پنهنجي عبادت سان گڏ پنهنجي مخلوق جي خدمت کي به پنهنجي اهم عبادت ۾ شمار ڪيو اٿس. مالڪ ڪائنات ڪا به شيءِ بي فائده ناهي بڻائي. هر هڪ تخليق ڪنهن نه ڪنهن مقصد خاطر ٺيل آهي. هن دنيا منجهه ڪوئي به ناڪاره ناهي. اهڙي طرح هر ماڻهو معاشري ۾ پنهنجي هڪ اهميت جو حامل آهي. هر انسان منجهه الڳ الڳ مٽيا رکي اٿائين. هر ماڻهوءَ منجهه ڪا نه ڪا خوبي ڪمال جي رکي اٿس. انسانيت جي مدد، انسانيت جي خدمت، انسانيت سان همدردي، انسانيت سان چڱائي ۽ انسانيت جي فلاح و بهبود کي اسلام ۾ تمام وڏي اهميت حاصل آهي. آخرت جي ڪاميابي و ڪامراني ۾ حقوق الله سان گڏ حقوق العباد به هڪ لازمي عنصر آهي. اسلام رهبانيت جي مذمت ڪري ٿو ۽ معاشري ۾ رلي ملي رهڻ کي ساراهيو آهي. انسانيت جي خدمت پوءِ اها ڪهڙي به پهلو ۾ ڪئي وڃي پر اها قابل مدح آهي. انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيڻ به الله رب العزت طرفان هڪ عظيم نعمت آهي. هر مسلمان انسان جي عظمت ۽ انسانيت جي خدمت کان چڱيءَ ريت واقف آهي. ڪنهن ڪچهري ۾ هڪ دوست جيڪو ڪافي عرصي کان بعد ٻاهرين ملڪ منجهان موٽيو هو اچي حاضر ٿيو. سنگت سان حال احوال ڪندي اها ڳالهه ڪيائين ته اتي اسپتال جي اندر وارڊ ٻواءِ آهيان. ڪجهه تفصيلي گفتگو دوران جڏهن اها ڳالهه ڪيائين ته ادا مون کي ماڻهن خاص ڪري لاچار ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو شوق هوندو هو. جڏهن اسپتال ۾ مريضن جي خدمت

ڪرڻ جو موقعو مليو ته ان کي پنهنجي خواب جي تعبير سمجهي خوشيءَ سان سرانجام ڏيندو رهيس. تازو ڪورونا جي ڪري انهيءَ اسپتال کي ڪورونا جي قرنطين سينٽر جو درجو ڏئي ڪورونا جي زد ۾ آيل مريضن کي داخل ڪيو ويو. ايس او پيز تي عمل ڪندي خدمت ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. ڇاڪاڻ ته اهڙن مريضن کان سندن مالڪ به بيزاري يا مجبوري ظاهر ڪري ڪانئن پري ئي رهندا آهن. انهيءَ ڪري سندن الله کان بعد سهارو اسان اسٽاف وارا ئي رهياسين. انهيءَ ڪري اهڙن لاوارث بڻيل ماڻهن جي خدمت ڏاڍي جذبي سان ڪندو رهيس. مان سندس ڳالهيون ڏاڍي تعجب سان ٻڌندو رهيس. منهنجي حيرت جي انتها ئي نه رهي جڏهن اها ڳالهه فخر سان ڪندي الله رب العزت جو شڪريو ادا ڪرڻ لڳو ته الله جي فضل سان مون کي خوب خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. ايتري حد تائين جون ڪراڙن ضعيف مردن جا ڪپڙا تبديل ڪرڻ، هلڻ کان لاچار جي جسماني مڪمل صفائي به جذبي سان ڪندو رهيس. عجيب ماڻهو هو. حالانڪ ٻيا ماڻهو ان ۾ قباحت محسوس ڪندي بس ايترو ئي چوندا آهن ته اسان اتي اسپتال ۾ ملازمت ڪندا آهيون ۽ واقعي پرائي ماڻهو سو به مريض جي خدمت بس فارملٽي طور يا بي دليو ڪئي ويندي آهي. پر هن جوان ته انهيءَ خدمت ڪرڻ کي عبادت ئي سمجهيو. سلام آهي منهنجن جو سنڌ امڙ جي اهڙن جوڌن کي جيڪي بنا ڪنهن نسب ۽ نسل جي مجبور ماڻهن جي خدمت سچي لگن سان ڪري فخر محسوس ڪن ٿا. ماڻهو جڏهن واپس پاڪستان ايندا آهن ته اهو بانور ڪرائيندا آهن ته اسان اتي معتبر ٿي وڏي معيار سان رهيا آهيون. انسانيت جي وجود جو

اصل ڪارڻ حقوق الله آهي تہ ان سان گڏ حقوق العباد جي ادائگي پڻ آهي. محبوب ڏيپر هميشہ انهيءَ فڪر ۾ هوندو آهي تہ حقوق الله ۾ بہ ڪوشش ڪري پنهنجي فرائض ۾ ڪوتاهي نہ ڪجي ۽ حقوق العباد ۾ ڪجھ سرس ئي رهجي. ڇوتہ الله جي رضا سندس بندن جي دعائن ۾ پَنهان آهي. پاڻ انهيءَ معاملي ۾ اسان جي علائقي جي اديبن کان تمام گھڻو اڳتي آهي. ڪيس اهو ڪنهن بہ صورت قبول ناهي تہ ڪنهن جي بہ دل ۾ سندس لاءِ ڪا ننڍڙي بہ ڏک جهڙي ڳالھ باقي رَهَي.

محبوب هڪ منظر ڪش

قلم جي طاقت جو اندازو هر اهل علم کي بخوبي هوندو آهي. قلم ۾ تمام وڏي طاقت ٿئي ٿي. ان طاقت جو استعمال قلم ڌڻي تي منحصر هوندو آهي تہ هو ڪيئن ٿو قلم کي استعمال ڪري. قلم استعمال ڪرڻ جا بہ ٻہ پهلو ٿين ٿا. هڪ منفي ٻيو مثبت. اگر قلم کي مثبت پهلو ۾ استعمال ڪجي تہ انقلاب برپا ڪري سگهجي ٿو، نسل سنواري سگهجي ٿو، ايندڙ نسلن کي پنهنجي آبا و اجداد جو پيغام، انهن جا ڪارناما، انهن جا حالات، انهن جي زندگيءَ جو سمورو احوال پيش ڪري سگهجي ٿو، نسلن ۾ شعور اجاگر ڪري سگهجي ٿو، جوڌن جو جوش جاڳائي سگهجي ٿو، موجوده دور جي ماڻهن ۾ اتساھ پيدا ڪري سگهجي ٿو وغيره جهڙا انيڪ فائده قلم جي استعمال سان حاصل ڪري سگهجن ٿا. قلم جو هڪ استعمال شاعري پڻ آهي. شاعري سان عوام منجھ اتساھ پيدا ڪري سگهجي ٿو، ماڻهن ۾ ولولو آڻي

سگهجي ٿو، معاشري جي عڪاسي سان گڏ اصلاح ڪري سگهجي ٿي. محبوب ڏيپر انهيءَ ڳالھ کي هيئن ۾ هنڌائي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪندي نظر اچي ٿو. هو پنهنجي شاعري ۾ هر بري عمل جي مزاحمت ڪري ٿو. هر سُنائي جي ساراھ ڪري ٿو. پنهنجي احتجاج ۽ مزاحمت کي ڪڏهن سيريس لفظن ۾ شاعري جي روپ ۾ آڻي ٿو تہ وري ڪڏهن مزاح جو طريقو استعمال ڪري ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪڏهن دشمن کي للڪار ڪري ڪيس پنهنجي ڌرتي ۽ وسيلن تي قابض ٿيڻ جي خيال جو انجام ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ وري ڪڏهن پنهنجن جوڌن جو رت گرمائڻ جي محنت ۾ رڌل رهي ٿو. محبوب عوام جي هر عمل جو عيني گواھ بڻجي سُٺن جون سُنايون ڳڻائي ٿو تہ وري نيڪي جي چادر ۾ لڪيل وحشين جي پت وائکي ڪري ٿو. ظالم جي ظلم کي عيان ڪري اعلىٰ ايوانن تائين مظلومن جي فرياد رسيءَ لاءِ وڪيل بڻجي ميدان ملهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. محبوب ڏيپر چالاڪ لوڀي لونبڙين کي خوب ڄاڻي عوام اڳيان سندن اصل چهرو آڻي پنهنجي دانائي ظاهر ڪرڻ سان گڏ انهن کان بچڻ جا گس ڏيکاري پنهنجي حڪمت کي پڻ ظاهر ڪري ٿو. عوام اڳيان ڪوڙا واعدا وچن ڪري ڪين بيوقوف بڻائي سڪٽا اعلان ۽ دلاسا ڏيڻ وارن تان پردو پري ڪري عوام کي انهن ڏنن کان بچائڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿو. محبوب ڏيپر انسانن جي ڪردارن کان بخوبي واقف آهي. ڪيس خبر آهي تہ ڪيئن اسان جي سماج ۾ وڏيرا شاهي پنهنجي مال و ملڪيت ۽ ڏاڍ تي مست هاٿي بڻجي غريب عوام لاءِ آزار بڻيل آهي. ظالم وڏيرا غريبن جو الھ تلھ

ڀھاڻ جي چڪر ۾ پنھنجا سڀ ھربا ھلائن ٿا. غريب کي غريب تر بڻائي پنھنجا خزانا ڀريا، غريب کي جھالت جي اونداھ ۾ ڌڪيلڻ ۾ وسان گھٽايو ڪين اٿن. ظالم وڏيرا غريب ھارين جو رت پي انھن کي ۽ انھن جي نسلن کي پنھنجو غلام بڻائي رکڻ جي ڪوشش ۾ محو آھن. محبوب ڏيپر پنھنجي قلم ذريعي اھڙن پوتارن کي وائکو ڪري ٿو. انھن مظلوم غريب ماڻھن جي فرياد بڻجي ايوانن تائين واڪا ڪرڻ جا وس ڪري ٿو. غريب ۽ نوجوان نسل ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جا جتن ڪري ٿو.

محبوب ڏيپر جي شاعري ۾ اڪثر ڪري غريب مظلوم عوام، مزدور، محنت ڪش طبقو، ظلم جو ستايل مسڪين ۽ ماروئڙا ئي موضوع رھيا آھن. اھا ئي وجہ آھي جو کيس "عوامي سگھڙ شاعر" جو خطاب مليو آھي.

محبوب ڏيپر ڪنھن جي ڪاڻ نہ ڪڍڻ وارو، ڌوکي فريب کي وائکو ڪرڻ وارو، نڱ ۽ چاپلوس کي منھن تي چئي ڏيڻ وارو سچو ۽ کرو انسان آھي. انھيءَ باري ۾ پاڻ ئي چوندو آھي:

"ڀلي کو فني خان سڏائي، ھر کو پنھنجي گھران ٿو کائي" .[60]

سندس اھا ادا سستي شھرت پٺيان پنھنجو دين ايمان وڪڻن وارن کي بلڪل نہ وڻندي آھي جنھن ڪري پنھنجي دلي ڀڙاس ڪڍڻ لاءِ محبوب ڪھڙو شاعر آھي؟ محبوب ڪھڙو سگھڙ آھي؟ محبوب کي شاعري جي ڪا ڄاڻ آھي ئي ڪونہ. جھڙا موضوع ڇيڙي ان تي بحث ڪندا آھن. محبوب ڏيپر کي اللہ رب

60. محبوب ۽ ميھڙ، ص 14.

العزت تمام گھڻي عزت عطا فرمائي آھي. بلا شبہ سنڌي ادب جا شھسوار سندس ذات کان چڱيءَ ريت واقف آھن تہ ان سان گڏ ميھڙ ۽ آس پاس جا ننڍڙا ٻار بہ ھن بزرگ عوامي سگھڙ شاعر کي گھڻو سڃاڻندا آھن. محبوب حاسدن جي پرواھ نہ ڪندو آھي. بلڪ ھو انھن جي بحث جي باري ۾ ڳالھائڻ بہ پسند نہ ڪندو آھي. پاڻ چوندو آھي تہ :"مناقف جي ڀاڪر کان غيرت واري جي گار ڀلي آ.[61]

جوان جو پٽ ڏِسو ڪھڙا لفظ استعمال ڪري حاسدن لاءِ تاثر پيش ڪري ٿو. پاڻ چوندو آھي تہ :

"ڀلي سان ڀلائي تہ ھرڪو ڪري پر
برن سان ڀلائي وڏي ڳالھ آ"
"مان ادب اخلاق جو گھورو آھيان،
نہ ڪٽندو ڪنھن جو ٿورو آھيان."

ھن سچي ۽ کري انسان جي صبر کي بہ سلام آھي جو ماڻھن جي ڪَسي ڪَڙوي ڳالھين تي خاموش ئي رھندو آھي .

محبوب ڏيپر جي اھا بہ ھڪ خوبي آھي جو ھو پنھنجي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ اڪثر واقعن کي پنھنجي شاعري ۾ سھيڙي بيان ڪندو آھي. ڪٿي ڪنھن شھر، ڪنھن ڳوٺ يا ڪنھن علائقي ۾ ڪا خوشي جي ڳالھ ٿي، خوشي مليس، ڪنھن عزت و اڪرام ڪيس، ڪنھن کان کو ڏک مليس، ڪنھن نڱڻ جي ڪوشش ڪيس، ڪنھن دل ڏکايس، ڪنھن ڌوکو ڏنس، ڪنھن برو سلوڪ ڪيس، ڪنھن برو رويو اختيار ڪيس، ڪنھن کو طعنو ڏنس يا

61. ايضًا ص 15

ڪنهن اجايو لباڙ هنيس يا ڪا ڏکوئيندڙ خبر ٻڌائين، ڪو اڻ وڻندڙ واقعو ڏنائين يا ٻڌائين مطلب تہ پنهنجي زندگيءَ جي هر منظر کي پنهنجي شاعري منجهہ قيد ڪري ونئي ٿو. سندس ڪتاب پڙهڻ سان ساڻس پيش آيل اڪثر واقعن جي خبر پئجي وڃي ٿي. اگر سندس شاعري ۾ اهڙي منظر ڪشي ڪيل جا مثال ڏيڻ لاءِ سندس شاعري جا نمونا پيش ڪندس تہ ڳالهہ ڪجهہ واضع ٿي ويندي. اهڙا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا تہ جيئن پڙهندڙن کي ڳالهہ جو ثبوت پيش ٿي وڃي.

محبوب جو هنر

محبوب ڏيپر جي قلمي ذات ڪيس ڏيهن ۾ مشهور ڪيو آهي. پاڻ پنهنجي ذات سان ڪافي حد تائين سچو رهيو آهي. پاڻ پنهنجي ذات جو استعمال ڪرڻ جو هنر بہ ڄاڻي ٿو.

محبوب ڏيپر پنهنجي سادي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجا وڏا وڏا ويچار پيش ڪرڻ جو هنر خوب ڄاڻي ٿو. ڪيس الله رب العزت طرفان اهڙي ذات ميراث ۾ مليل آهي. سندس شاعري ۾ پنهنجي علائقي ٻولي جي سُونهن سمايل نظر اچي ٿي. سندس خيال عوامي آهن جن کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان پيش ڪندو آهي.

محبوب ڏيپر گهٽ تعليم هئڻ باوجود مليل ذات کي استعمال ڪري وڏن وڏن اهل علمن جيان علمي ادبي خدمت ۾ گوءِ ڪٽي چڪو آهي. پاڻ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ پنهنجي ذات کي عبادت سمجهي انهيءَ خدمت کي پنهنجي جيون جي سفلتا ٻڻائي جستجو ۾ مگن رهيو آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي غربت کي بہ

پنهنجي خدمت ۾ عذر ٻڻائي چپ ڪري نہ وينو بلڪ پنهنجي همٿ حوصلي سان توڪل بر خدا ڪري پنهنجي ٻين خواهشن جو ڳلو گهوٽي، زندگيءَ جي ڪافي مجبورين کي پٺ تي اڇلي پيٽ ۽ نفس کي بڪيو رکي ماروئڙن جي فرياد رسائڻ، سماج جي عڪاسي ڪرڻ، نسل جي اصلاح ڪرڻ، نصيحت جا گس ڏيکارڻ، نيڪي ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ پاڻ تي فرض سمجهي ان کي اوليت جي بنياد تي ادا ڪرڻ جو ارادو ڪيو. محبوب ڏيپر پنهنجي غربت کان مايوس نہ آهي. هو پاڻ کي عطا ٿيل هن ذات کي انهيءَ جو عيوض سمجهي شڪر ادا ڪري ٿو. پاڻ نيڪ نيت سان پنهنجي خدمت ۾ وڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ الله سائين طرفان ڪيس مدد دلي سڪون جي صورت ۾ نصيب ٿئي ٿي.

اها ڳالهہ ڪندي سندس هڪ شعر ذهن ۾ اچي ويو. اهو منهنجي هن ڳالهہ جي ڪجهہ عڪاسي ڪري ٿو. اهو شعر قارئين جي خدمت ۾ حاضر آهي.

سنئي ڪنهن دعوت تي مون کي پي گهرايو
ڪائي پيٽ پريان اهڙو ڊؤ ڪرايو
ڪڪڙ ڪوفتا ۽ ڪڙهايون کي آٽيو،
هيڏي هوڏي توهان چا لاءِ تا تاٽيو
ڪائي مزو تن جو ناهي مون ڪو ماٽيو،
ڳالهہ منهنجي کي توهان نہ تا يار ڄاٽيو،
جي وٽيو تہ چوندس هتڙو وڏايو،
ڪائي پيٽ پريان اهڙو ڊؤ ڪرايو
”ڏيپر“ چئي ڏونگن مان ڪاٽي پيٽ پربو،

ڪڏي وياهون پيٽئون هاڻي ڪو نہ مربو،
ڪائبو اڻ ميو نڪي ڏيان ڏربو،
اڳي يا پوءِ آخر پوئتي وربو،
محبوب مٿان ديڳيون ڪي سِيري جون ورايو،
ڪائي پيٽ پريان اهڙو ڏؤ ڪرايو[62]

محبوب ڏيپر جا شاگرد

محبوب ڏيپر کي الله رب العزت عمرو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. پاڻ هڪ عمرو ڪيو اٿائين. پاڻ دبئي جو چڪر بہ لڳائي آيو.ڪيس دبئي ۾ سندس گهاٽن دوستن محترم عبدالرسول سولنگي، حاجي شاهہ محمد گاڏهي ۽ حاجي اشرف گاڏهي زور ڀري گهمڻ لاءِ گهرايو. اتي هنن دوستن ڪيس دل جي چاهت سان پاڻ وٽ رهايو، خدمت چاڪري ڪئي ۽ دبئي جو سير ڪرايو.

محبوب ڏيپر جا ڪيترائي شاگرد رهيا. پاڻ بنا ڪنهن فرق جي هر شاعر جي اصلاح ڪرڻ ۽ شاعري جي فن جا گر ۽ صنفون سيکارڻ ۾ ڪافي سخي رهيو آهي. پاڻ هر ڪنهن جنهن سندس اصلاح قبول ڪئي هجي کي شاگرد نہ چوندو آهي بلڪ منهنجو دوست ئي چوندو آهي. باقي جيڪي سندس شاگردي قبول ڪري ڪيس پنهنجو استاد مڃن ٿا انهن ۾: الهورايو پٽو، وفا عباس جتوئي، محمد عمر تيوٽو، بشير چانڊيو، احمد رضا آڳرو، فاروق ملاح ۽ عبدالله ملاح شامل آهن. محبوب ڏيپر سنڌي، سرائڪي ۽

62. ڏاتر مون ڪي ڏات ڏني، ص 126.

اردو زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي.

محبوب ڏيپر جي پسند

پسند جا شاعر: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، استاد بخاري، اسحاق راهي، ناظم منگي، نشتر ناٿن شاهي، انور جوکيو ۽ علي دوست عاجز آهن.

پسند جي موسم: جهڙالي موسم، سنهڙي وسڪاري سان گڏ هوا گهلي تہ اجان وڌيڪ وڻندڙ آهي.

پسنديده شخصيت: رسول الله صلي الله عليہ وسلم

پسنديده ڪتاب: قران مجيد

پسنديده سياسي شخصيت: مرحوم قاضي شفيق احمد مهيسر ۽ مرحوم رفيق احمد مهيسر

پسنديده رنگ: سفيد (اڇو)

پسنديده کاڌو: دال، پلي

پسنديده شربت: لسي

پسنديده شهر: ميهڙ

پسنديده شاعر: حاجي غلام نبي مهيسر ۽ مخدوم طالب المولىٰ

پسنديده فنڪار: ممتاز لاشاري

پسنديده فنڪاره: عابده پروين ۽ صنم ماروي

پسنديده گل: گلاب

پسنديده لباس: شلوار، قميص، اجرڪ، ٽوپي، پڳڙي

پسنديده اداڪار: سٽير

پسنديده مزاحيہ فنڪار: قادر بخش منو

پسنديده ميھڙ جي شخصيت: شمس الدين بلبل

پسنديده ميھڙ جي زندھ شخصيت: پروفيسر عبيدالله لاڪير

پسنديده پنھنجو شعر :

پاوَ ڪان سير پلوءِ چئي ٿو اجان ٻڌاءِ ڪير پلو

محبوب ڏيپر تي اھل قلم جي رقم طرازي

محبوب علي "محبوب" ڏيپر جي محنتن کي مان ڏيندي ڪجھ قلم ڌڻين پنھنجي لکڻين ۾ ڪيس شامل ڪيو آھي. انھن جو ذڪر ھن ريت آھي.

ڪارونجھر تحقيقي جرنل

محبوب ڏيپر ادب ۾ جيڪا خدمت ڪري رھيو آھي اھا اسان ميھڙ وارن جي لاءِ عزت جي ڳالھ آھي. اسان محبوب ڏيپر جي محنت تي ناز ڪري اھو فخر ڪري سگھون ٿا تہ اسان جي ميھڙ اجان بہ اھڙا سپوت پيدا ڪري رھي آھي جيڪي سنڌي ادب ۾ نالو ڪمائي اسان ميھڙائين جو ڳاٽ اونچو رکن ٿا. تحقيقي جرنل ۾ ڇپيل تحقيقي مضمون ۾ ڪنھن بہ ماڻھوءَ جو تذڪرو، سندس ڪلام جو تذڪرو، ڪنھن بہ قول کي بطور دليل پيش ڪرڻ ۽ سندس ڪنھن بہ ڪتاب جو دليل ڏيڻ يا حوالو ڏيڻ ان ماڻھوءَ جي علم ۽ قدڪاٺ جي اھميت کي ظاھر ڪري ٿو. اسان ميھڙ واسين لاءِ محبوب ڏيپر قابل فخر شخصيت آھي. بيشڪ ميھڙ جي ماڻھن وٽ محبوب ڏيپر جي محنت کي اھو مان ۽ مرتبو پلي نہ بہ مليو ھجي پر اھل علم قدردانن وٽ محبوب واقعي مان ماڻي چڪو آھي. محبوب ڏيپر جو تذڪرو Higher Education

Commission طرفان Recognize ٿيل جرنل اندر ڪنھن مضمون ۾ ٿئي يا سندس ڪتابن جو تذڪرو ٿئي يا سندس ڪتابن جو حوالو پيش ڪجي تہ اھو اسان ميھڙ واسين لاءِ بہ ھڪ وڏو اعزاز آھي. محبوب ڏيپر جي ڪتابن جو تذڪرو ڪارونجھر تحقيقي جرنل جلد 6 شمارو 11 ڊسمبر 2014ع اندر ڇپيل ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو صاحب جو مضمون "سنڌي لوڪ ادب تي 1970ع کان 2013ع تائين ٿيل تحقيق جو جائزو" " An Analysis of Research on Sindhi Folklore (1970-2013)" ۾ 1970ع کان 2013ع تائين مختلف سگھڙن جي ڪتابن جو ذڪر ڪندي محبوب ڏيپر جي ٻن ڪتابن "پنھنجي شاعري پنھنجو رنگ" ۽ "مٺا ٻول محبوب جا" جو ذڪر بہ ڪيو آھي. ھنن ڪتابن کي سگھڙن جي ڪتابن جي لسٽ ۾ 38 نمبر تي "پنھنجي شاعري پنھنجو رنگ" ۽ 63 نمبر تي "مٺا ٻول محبوب جا" لکيا اٿائين. ڪارونجھر تحقيقي جرنل جي صفحي نمبر 35 ۽ 36 تي ڪتابن جي لسٽ ۾ محبوب ڏيپر جا ھي ٻہ ڪتاب بہ شامل آھن. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو صاحب اسان جي سنڌي ادب ۾ سَندَ جي حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر صاحب محبوب ڏيپر جي محنت کي مڃيندي سندس ڪتابن کي سگھڙن جي ڪتابن ۾ لسٽ ۾ شامل ڪيو آھي. ھي اسان ميھڙ واسين لاءِ قابل فخر ڳالھ آھي.

ميھڙ جو مڃيادار سگھڙ محبوب علي محبوب ڏيپر

محبوب ڏيپر جي فن فڪر ۽ شخصيت تي ھي جامع مضمون ميھڙ جي سڃاتي اديب محترم زاھد ابڙو جو لکيل آھي. ھي مضمون حيدرآباد منجھان نڪرندڙ ماھوار ھزار داستان ڊسمبر

2018ع، سال/جلد 30، شمارو 2 ۾ رسالي جي صفحي نمبر 120 ۽ 121 تي ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ محترم زاهد ابڙو محبوب ڏيپر جي زندگي ۽ خدمتن کي هن مختصر مضمون ۾ ڏاڍو جامع انداز سان سهيڙيو آهي. هن مضمون ۾ ڏاڍي عمده پيرا ۾ محبوب جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات مهيا ڪئي اٿائين. هن مضمون ۾ ڏاڍي عمده پيرا ۾ محبوب ڏيپر جي زندگي ۽ خدمتن بابت لکيو آهي. هي مضمون آهي تہ مختصر پر لکڻي جامع ۽ سولن لفظن ۾ لکي محبوب جي زندگي ۽ محنتن جو احاطو ڪيو اٿائين. هي مضمون محبوب ڏيپر جي باري ۾ ڪافي معلومات مهيا ڪري ٿو.

محبوب جي ڳجهارت:

جيڪي ٻولي ڪري ٻولي ڪن،
تن کي ڪهڙا مال جا پيا،
جيڪي هائو ڪري نہ ڪن.

ڀڃڻي: تن کي ڪهڙا گهوڙا پيا[63].

جيون سفر سِڪَ جو

ميهڙ جي عظيم مفڪر، دانشور، علمي، ادبي شخصيت، محسن قوم، ٻين جو درد دل ۾ رکڻ واري مهان سپوت محترم سائين الهرکيو ڳورڙ صاحب پنهنجي يادگيرين کي قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو. ان ڪتاب جو نالو "جيون سفر سِڪَ جو" رکيائين. هن ڪتاب ۾ پنهنجيون يادگيريون لکندي زندهہ علمي

63. ماهوار هزار داستان، ڊسمبر 2018ع، جلد / سال 30، شمارو 2، ص 121.

ادبي شخصيتن تي رقم طرازي ڪندي محبوب ڏيپر متان بہ قلم هلائيندي هڪ ننڍو پر جامع مضمون لکيو اٿائين. هن مضمون ۾ محبوب ڏيپر جي زندگيءَ جو سرسري احوال ڏنو اٿائين. هي مضمون ڪتاب جي صفحي نمبر 456 ۽ 457 تي ڇپيل آهي. هن مضمون جي آخر ۾ محبوب جو لکيل مولود آندو اٿائين. اهو مولود هن ريت آهي.

مديني هل مدينو ڏس گهمي هتڙي رهيو ڇا هي!
ادا ڏس روضو عربي جو ڇمي هتڙي رهيو ڇا هي[64]!

وڻ وڻ ٽاري

هي ننڍڙو ڪتاب ميهڙ جي مشهور شاعر ۽ اديب محترم انور جوکيو صاحب جو تصنيف ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ مختلف اديبن شاعرن جا سوانحي خاڪا ۽ شاعريءَ جا ڪجهہ نمونا ڏنا اٿائين. هن ڪتاب تي صفحا نمبر ڏنل ناهن. هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر تي هڪ صفحي تي مشتمل سوانحي خاڪو لکيل آهي.

هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر جو ڪلام الڳ جاءِ تي پوري صفحي تي مشتمل ڇپيل آهي. اهو غزل هن ريت آهي.

وهوا ميهڙ تنهنجا رنگ
بصر گوبي واڱڻ هتڙي آهن يار پٽاٽا
پالڪ پينديون ٻِهہ ڪريلا ميها لال چماٽا
آهن موريون مُگ ۽ جوئر ساريون مَڪئي سَنگ

64. ڳورڙ، الهرکيو، جيون سفر سِڪَ جو، ص 456، حيدرآباد، پارس پرنٽرز گاڏي کاتو 2011ع.

وھوا ميھڙ تنھنجا رنگ[65]

آواز سنڌ

حيدرآباد منجھان نڪرندڙ رسالي آواز سنڌ جي ڊسمبر 2019ع جي شماري 9 ۾ ڊاڪٽر نديم ابڙو جو لکيل محبوب ڏيپر جي سوانح ۽ خدمات تي مشتمل مضمون ڇپيو. ھي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 34 تي ڇپيل آھي. ھي مضمون زاھد ابڙو جي مضمون جھڙو آھي.

سوينيئر 2015ع ھاءِ اسڪول ون ميھڙ

محترم سائين مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري ھاءِ اسڪول وَن ميھڙ جي ڪجھ تاريخ ڪي سھيڙي ڪتابي شڪل ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. ھن سوينيئر ۾ ميھڙ جي بہ ڪافي تاريخ محفوظ ڪئي وئي آھي. ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 21 تي ميھڙ جي زندھ شاعرن جي فھرست ۾ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جو نالو بہ شامل ڪيو اٿائين.

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

ھي ڪتاب باڊھ جائي سنڌي ادب جي بھترين ۽ قابل صحافي، اديب، نثر نويس ۽ شاعر دوست ديدار شاد گوپانگ جو ترتيب ڏنل آھي. ھي ڪتاب سنڌ جي ھڪ سؤ مشھور شاعر حضرات جو مختصر تعارف ۽ ڪلام جو نمونو پيش ڪري ٿو. ھن

65. جوکيو، انور، وڻ وڻ ٽاري، ڪي اين شاھ، لاکير پريس 1999ع.

ڪتاب جي صفحي نمبر 256 ۽ 257 تي محبوب ڏيپر جا ڇؤ سٽا ”تنھنجي پيءُ جي بستي ناھي“ ۽ ھڪ گيت ” گھر ڏٽي ڪي مھمان دٻائي“ شامل آھن.

سنڌ ڪٿن ڪا سستي ناھي
تنھنجي پيءُ جي بستي ناھي
سنڌ مان حصي جي دعويٰ ڪري
ڏس ھيءَ تو مستي ناھي

سنڌ جو پاٽي ٿو ڦري غير، اجان چئين ٿو چاچا خير
وقت اھو ٿو آيو پائو، ڪات ڪھاڑا لاھيو پائو
ڊيم ھتي جنھن ناھيو پائو، سسي تنھنجي لاھيو پائو
پليت پاتو ھتڙي پير، اجان چئين ٿو چاچا خير[66]

ڏيئا جرڪيا ڏيھ ۾

ھي ڪتاب بہ ديدار شاد گوپانگ جو مرتب ڪيل آھي. ھي ڪتاب گڏيل شاعري تي مبني آھي. ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 80 تي محبوب ڏيپر جو ھڪ صفحي تي تعارف ڏنل آھي ۽ ڇھ (6) صفحن تي سندس شاعري جو نمونو پيش ڪيو اٿائين. شاعري جي نموني ۾ پنج ڪافيون ”راتيون ۽ ڏينھن ساڳيا ماحول ڇو مٽيو آ“، ”امڙ جي نانءُ“ ، ياءُ ياءُ لاءِ نٿو ڪجھ ڪري“، ” ھڪ ٻئي تان پٽ پيءُ جي پڄي پت پئي آ“،”ڏئي تعليم قوم جا ٻچڙا سداريو“، بہ

66. گوپانگ، ديدار شاد، سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو، ص 256، 257، ڄامشورو، موسي پبليڪيشن 2018ع.

نظم "دنيا وڏي پئي ڳالهہ صحيح آ"، "ڪو لاش اڄي هٽ ٻوريءَ ۾ پيو"، ٻہ غزل" زندگيءَ جو فلسفو آ پيار ۾"،"دل سڄي رات بي فڪر ننڊ ۾"، ٻہ ڪلام" منهنجو نالو سامهون ايندو هوندئي، ضمير بجا ڏيندو هوندئي" ۽ "چانهہ وارن پيي ريٽ ڪي چاڙهيو" شامل آهن.[67]

سنڌ سلامت فورم

ميهڙ تعلقي جي سماجي تنظيم "سنڌ سلامت فورم" جي ڪارڪردگي ۽ سماجي جاگرتا سرگرمين بابت 2021ع ۾ هڪ ڪتاب ڇپرايو ويو. انهيءَ ڪتاب جو نالو "سنڌ سلامت فورم" رکيو ويو. هن ڪتاب جي آخر ۾ محبوب ڏيپر جو سنڌ سلامت فورم جي خدمت بابت لکيل هڪ طويل نظم "هي فورم زندهہ آباد رهي" ڪتاب جي صفحي نمبر 61 کان 63 تائين ڇپيل آهي. ان طويل نظم جو هڪ شعر پيش خدمت آهي.

هر هنڌ رنگ رچائڻ وارا
محفلون خوب مچائڻ وارا
ڪنهن جي ورسي رهاڻ بہ ڪن پيا
هاري پورهيت ڪي ساڻ بہ ڪن پيا
جتو جوڙي هي هليا سارا
ڪنيَئُون چوندي ماڻهو پيارا پيارا
تن جو سڀ سان ٿو اتحاد رهي

67. گوپانگ، ديدار شاه، ڏيئا جرڪيا ڏيهہ ۾، ڇاپو پهريون، ص 87، حيدرآباد، سمبارا پبليڪيشن 2019ع.

هي فورم زندهہ آباد رهي[68]

Dadu at a Glance

هي ڪتاب دادو ضلعي جي سابق ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر نياز علي عباسي صاحب لکيو. هي ڪتاب انگريزي زبان ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ دادو ضلعي جي جاگرافي، جائين، ماڳن، بيهڪ، شخصيتن، شهرن، ادارن مطلب تہ دادو ضلعي جي پوري تعارف تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر جي باري ۾ لکيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ محبوب جي باري ۾ هيئن لکيل آهي.

Folk poet Mahboob Ali son of Muhammad Sadiq Depar was born in 1947 at village Qadir Bux Depar near Radhan. He is creating poetry from 1975. His one book is published.[69]

ڊاڪٽر نياز علي عباسي صاحب ڪان ڳوٺ قادر بخش ڏيپر نزد راڌڻ جي غلطي ٿي آهي. ڇو تہ ڳوٺ قادر بخش ڏيپر ميهڙ شهر جي اولهہ ۾ واقع آهي ۽ راڌڻ ميهڙ جي اوڀر ۾ ۽ ٻنهي جي درميان تقريباً 35 کان 40 ڪلو ميٽرن جو فاصلو آهي.

صراط الهدیٰ

اداره علوم اسلامي شانتي نگر ڪراچي منجهان پروفيسر مولانا غلام عباس قادري صاحب جي سرپرستيءَ ۾ نڪرندڙ

68. سنڌ سلامت فورم، ص 62، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.

69. Abassi, Niaz Ali, Doctor, Dadu at a Glance, p 271, Dadu, District administration, 2011.

ماهوار رسالو صراط الهدیٰ جي خصوصي نمبر "حضرت علامہ مولانا ڪريم بخش مگسيؒ" جي صفحي نمبر 27 ۽ 28 تي محبوب ڏيپر جو مفتي ڪريم بخش مگسي رحمت الله عليہ جي شان ۾ چيل نظم لکيل آهي. انهيءَ نظم جو عنوان "سو سائين ڪريم بخش مگسي يار" آهي. انهي نظم جو هڪ بند قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

جوانيءَ کان وٺي پيريءَ تائين
پير نہ پوئتي ڪيائين سائين
خدمت هيءَ چا تو پائئين
ويھي ڪيو جنهن وِرد وينجهار
سو سائين ڪريم بخش مگسي يار[70]

هن رسالي جي صفحي نمبر 26 تي محبوب ڏيپر جا ٻہ چؤسٽا پڻ موجود آهن. اهي چؤسٽا هي آهن:

سدا سائين وڏن جي تي ميھڙ جڻ ڪائي
لڳي ڪنهن جي نظر وئي اچانڪ الائي
نہ ٿو اهڙو مان محسن سگهان پائو ڀُلائي
"محبوب" راڄ رلائي علم ڪاڻ عجيب ويو

علم ڪاڻ عجيب ويو هتي وڏو ڪيو وَس

70. قادري، مولانا غلام عباس، ماهوار صراط الهدي، ص 27، سلسلو 33، ڊسمبر 2006، ڪراچي، احمد پرنٽنگ پريس.

اچي راهہ حقيقيءَ جو غازي ڏسيو گس
ورد ڏسي وحده جو لاهي قلب تان پيو ڪَس
"محبوب" انهيءَ ڪي جس جنهن ڏسي راهہ رسولﷺ جي

پرينءَ جي پچار

سيد حافظ فقير محمد شاهہ صاحب جي تصنيف ٽيل بخاري بزرگن جي سوانح حيات ۽ شاعري تي مشتمل هن ڪتاب جي ٻن صفحن تي مشتمل محبوب ڏيپر جي منقبت لکيل آهي. انهيءَ منقبت جو هڪ بند هن طرح آهي.

عاشق رسول هئا سارا سائين، ولي خدا جا پيارا سائين
هنيائون حق جا نعرا سائين، اچن اوري پري وارا سائين
سيني مريدن لاءِ اندر ٺارا
مرشد نوري درگاهہ وارا[71]

تنهنجي سهڻي سار

ميھڙ جي اولهہ اتر طرف ٿورڙي فاصلي تي پِپري مهيسر جو مشهور ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ جي عظيم علمي شخصيت سائين مولانا الهہ بخش مهيسر ۽ سندس فرزند ارجمند مفتي محمد مهيسر صاحب علم جي اهڙي تہ جوت جلائي جو هر طرف نور ئي نور جون لاٽون روشن ٿيون. انهيءَ علمي ڳوٺ جي شاعر محمد صديق "نماڻو" مهيسر پنهنجي شاعري جو مجموعو بنام " تنهنجي

71. فقير محمد شاهہ بخاري، مولانا، حافظ، پرينءَ جي پچار، ڇاپو پهريون، ص 89، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز2016ع.

سهڻي سار "، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد منجهان جنوري 2010ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ به اکر بنام "نماڻي جو نينهن" محبوب ڏيپر طرفان لکيل آهن. محبوب ڏيپر جو هي مضمون ڪتاب جي صفحي نمبر 37 کان 42 تائين پنجن صفحن تي مشتمل آهي. محبوب ڏيپر هن مضمون ۾ نماڻي مهيسر جي شاعري جو احوال ۽ سندس ذاتي تعارف وغيره لکڻ سان گڏ تعارف پنهنجي شاعري ذريعي به لکيو آهي. سندس لکيل نماڻي مهيسر جي ڪتاب ۾ ذاتي تعارف ڪي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو.

نالو جنهن جي ڪتاب جو آ "تنهنجي سُهڻي سارَ"،
محمد صديق ذات مهيسر آ ماڻهو منو يار،
ڄائو گهر محمد عثمان جي قرب ڪيو ڪلتار،
جنم اُوڻيهه سو ستهتر ۾ ٿيو پيدا سدورو ٻار،
سائين ناظم گوهر ڏنس سيئي اختيار،
تخلص نماڻو رکي تنهنجو ڪَيَئون اظهار،
ڏهون مهينو تاريخ ڏهين ٿيو سومر سدورو وار،
تعليم انٽر پاس ڪري هي نڪري ٿيو نروار،
سدا رهي باغ بهار "ڏيپر" ساري ڏيهه ۾.[72]

موهيا نه ڪنهن مال

هي ڪتاب ميهڙ جي عظيم علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي

72. مهيسر، محمد صديق، تنهنجي سُهڻي سار، ص 37، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر 2010ع.

شخصيت حضرت مولانا سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي مبني آهي. هي ڪتاب ميهڙ جي علمي خاندان جي علمي فرد مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ سيد علي اڪبر شاهه صاحب ڪي محبوب ڏيپر طرفان پيش ڪيل منظوم خراج تحسين ڪتاب جي صفحي نمبر 274 ۽ 275 تي ڇپيل آهي. محبوب جي انهيءَ شاعري جو نمونو پيش خدمت آهي.

عمر سخا ۾ جنهن هئي گهاري
الله الله ٻي وائي نه واري
چنڊ جيان چمڪي صورت ساري
منڪر نبيﷺ جي کان عاري
سڀ ڪي ڏسي جنهن حق جي راهه
جيئي جيئي سائين علي اڪبر شاهه[73]

سدائين سفر ۾

ميهڙ جي مشهور سماجي ۽ ادبي شخصيت جنهن پنهنجي جيون جو مقصد ئي ٻين جي ڀلائي سمجهيو ۽ پنهنجي پوري زندگي ٻين جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ ۾ گذاري، سائين حاجي عبدالڪريم ٻگهيو پنهنجي ڪتاب "سدائين سفر ۾" ڪتاب جي صفحي نمبر 102 تي محبوب ڏيپر جي باري ۾ هن طرح رقم طراز

73. ڏيرو، حبيب الله، حضوري، موهيا ڪنهن نه مال، ڇاپو پهريون، ص 274، ميهڙ، سيد حاجي علي اڪبر شاهه يادگار ڪاميٽي ميهڙ ضلع دادو 2000ع.

آهي. ”سگهڙ محبوب ڏيپر جهڙو نالو تهڙو ماڻهو واقعاتي شاعري جو شاهه، ڪاريگر ۽ نج عوامي شاعر آهي. سندس هڪ گيت ”لسي سپ ڪي ماري وئي“ تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول ويو.[74]

سڄڻ ڏنو جن

ميهڙ جي مشهور علمي ۽ سماجي شخصيت سائين الهرکيو ڳورڙ تي لکيل مضمونن ۽ تاثرات تي مبني هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر طرفان سائين الهرکيو ڳورڙ صاحب کي پيش ڪيل منظوم پيٽا ڪتاب جي ٻن صفحن تي مشتمل آهي. سندس نظم جو عنوان ”سائين الهرکيو جوان هو“ آهي. انهي منظوم پيٽا جو هڪ بند هن ريت آهي.

سڏي سپ ڪي سڌاريو سائين
پير نہ پوئتي واريو سائين
ٻڌندن کي ٻہ تاريو سائين
هنيانءُ سپ جو ٺاريو سائين
دادو ميهڙ جو شان هو
سائين الهرکيو جوان هو.[75]

مَهان ماڻهو ميهڙ جا

هي ڪتاب راقم الحروف جو تحقيقي ڪتاب آهي. هي

74. ٻگهيو، حاجي عبدالڪريم، سدائين سفر ۾، ص 102، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ پريس 2012ع.
75. ڳورڙ، اعجاز، جڻ ڏنو جن، ص 125، ڪراچي، بشارت پبليڪيشن 2014ع.

ڪتاب ميهڙ تعلقي جي 110 سياسي، سماجي، ادبي ۽ علمي شخصيات جي سوانحي مضامين تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي پهرين ڀاڱي جي صفحي نمبر 284 کان 287 تائين چئن صفحن تي محبوب ڏيپر جي سوانح، فن، فڪر ۽ شخصيت جي باري ۾ لکيو اٿم. منهنجو هي ڪتاب شاد پبليڪيشن طرفان جنوري 2021ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو.

محبوب جي محنت

محبوب ڏيپر جي شاعري ڪافي ٻين ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي. انهن جو مختصر احوال هن ريت آهي.

آس

هي ڪتاب ميهڙ جي الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ جي 2016ع ۽ 2017ع جي ڪارڪردگي تي مبني آهي. هن ڪتاب اندر مختلف مضمون ۽ شاعري ٻہ ڏني وئي آهي. هن ڪتاب جي صفحي نمبر 187 ۽ 188 تي محبوب ڏيپر جو مهانگائي تي لکيل نظم بنام ”هيڏي مهانگائي“ ڇپيل آهي. محبوب ڏيپر جو هي نظم ستٽيهہ 37 سٽن تي مشتمل آهي. هن نظم جا ٻول آهن:

ڪيڏي مهانگائي هلي سال
ڪيئن ڪندا ڏس ٻچڙي وال[76]

76. چنو، شفيق احمد، آس، ص 187، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2017ع.

وڻ وڻ ٽاري

محترم انور جوکيو صاحب جي تصنيف ٽيل هن ڪتاب جي شروع ۾ محبوب ڏيپر جو لکيل ميهڙ جي باري ۾ تعارفي مضمون بنام" ميهڙ پنهنجي موتين داٽا" لکيل آهي. محبوب ڏيپر جو هي مضمون پڙهڻ سان ايئن محسوس ٿئي ٿو جڻ ميهڙ کي گهمي رهيا هجون يا پنهنجي اکين سان ڪنهن وڏي اسڪرين تي ميهڙ جو مشاهدو ڪندا هجون. محبوب جو هي مضمون ميهڙ جي جاگرافي، تاريخ، شخصيات، زراعت، بيهڪ ۽ نظارن کي خوب چڱي ريت بيان ڪري ٿو. هي مضمون ڪتاب جي ڏهه 10 صفحن تي مشتمل آهي. محبوب جو هي مضمون واقعي پڙهڻ جهڙو آهي. هي مضمون محبوب جي نثري صلاحيت کي ظاهر پڻ ڪري ٿو.

سرهاڻ جا گيسو

هي ڪتاب ميهڙ جي نوجوان سماجي شخصيت مرحوم حاجي عبدالشڪور ٻگهيو جي وفات کان پوءِ مٿس لکيل مضمون، ڪالم، شاعري ۽ تاثرات جو مجموعو آهي. هن ڪتاب جي آخر ۾ حاجي عبدالشڪور ٻگهيو جي شان ۾ محبوب جي شاعري ڇپيل آهي. ان جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

مهراڻ جو موتي هيو حاجي عبدالشڪور
سنڌ جو سرمد هيو حاجي عبدالشڪور
سنڌ پريس ڪلب جو پڻ روح روان،

حق فائونڊيشن جو هو چيئرمين[77]

سنڌ سڄاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري

سلات "سنڌي لوڪ ادب تنظيم" طرفان سنڌ جي سگهڙن جي مختصر تعارف ۽ شاعري جي نمونن تي مشتمل هڪ ڊائريڪٽري ڪتابي صورت ۾ آغا نورمحمد پناڻ جي نگراني ۾ 2005ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آئي. هن ڪتاب ۾ ميهڙ جي محبوب "محبوب" ڏيپر جو مختصر تعارف سندس تصوير سان گڏ، شاعري جو نمونو ۽ خط و ڪتابت جي ائڊريس ۽ رابطو نمبر ڪتاب جي صفحي نمبر 43 تي ڇپيل آهي. هن مختصر تعارف ۾ محبوب جي ڄمڻ جو سال 1952ع لکيل آهي. اها ليکڪ کان سَهو ٿي آهي. محبوب ڏيپر جي ڄمڻ جو سال 1947ع آهي. هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر جي شاعريءَ جو پيش ڪيل نمونو پيش ڪجي ٿو.

جائو جڏهين پاڻ پيغمبر سوئي سدورو وار ڇوان،
بگڙيل باغ ۾ موسم منڙي آئي ان کي بهار ڇوان،
نظر آيون ٿي شام جون ماڙيون دنيا روشن روشن ٿي وئي،
ظاهر ٿيو آ نور نبيءَ جو ديدن لئہ ديدار ڇوان،
درود صلواتون دم دم ڏيپر دل سان پڙهجن دائم قائم،
تو کان ٿو "محبوب" گهري ڪو مدني پيارو پيار ڇوان[78].

---

77. چانڊيو، ساجد، سرهاڻ جا گيسو، ڇاپو پهريون، ص 176، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو 2020ع.

78. پناڻ، آغا نورمحمد، سنڌ سڄاڳ سگهڙ ڊائريڪٽري، ص 43، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي 2005ع.

ھاءِ ڪيڏو پري ويو آھين

مشتاق بخاري طرفان مرتب ٿيل سنڌ جي مشھور شخصيت مرحوم اشرف الزمان پير چنداميءَ جي شخصيت تي مختلف ماڻھن طرفان لکيل مضمونن، ڪالمن ۽ تاثرن تي مبني ڪتاب ” ھاءِ ڪيڏو پري ويو آھين“ ۾ محبوب ڏيپر جي طرفان محبت جي پيٽا شاعريءَ جي روپ ۾ ڪتاب جي صفحي نمبر 41 تي ڇپيل آھي. انھيءَ منظوم پيٽا جو ھڪ بند قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:

ھن جي غم ۾ سارا ڏٺم،
پائر پائٽيا پيارا ڏٺم،
ڳوٺ ۽ تر وارا ڏٺم،
محبوب ڏيپر پارا ڏٺم،
ٿي ادب جو ڪيڏو ويو نقصان،
ھو مرد مجاھد غازي جوان[79].

غزل رنگ

ھي ڪتاب حيدرآباد ۾ رھندڙ باڊھ ڄائي مشھور اديب، شاعر، نثر نويس، ڪالم نگار ۽ صحافي ديدار شاد گوپانگ جو مرتب ڪيل آھي. ھي ڪتاب شاد پبليڪيشن حيدرآباد طرفان ايس ايم ڊجيٽل پرنٽنگ حيدرآباد منجھان 2022ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آھي. ھي ڪتاب سنڌ جي 51 شاعرن جي غزلن تي مشتمل آھي.

79. مشتاق بخاري، ھاءِ ڪيڏو پري ويو آھين، ص 41، لاڙڪاڻو، بخاري پبليڪيشن 2022ع.

ھن ڪتاب ۾ راقم کي پڻ شامل ڪيو ويو آھي. ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 105کان110 تائين 6 صفحن تي محبوب ڏيپر جا غزل ڇپيل آھن. شروع ۾ محبوب ڏيپر جي تصوير سان گڏ ھڪ صفحي تي مشتمل سندس تعارف ڏنل آھي. انھن غزلن جا عنوان ”مان تہ رنس ڀيا پيي رنا دل راڄن کي آ روئاري وئي، دشمن آھين ٻٽيو وڏيرا، دنيا ڇڏي ھزارين سڪندر ھليا ويا، قرب ڏئي تا ڪھن ماڻھو ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻولي پاڪ پياري زنده آباد“ آھن[80].

سنڌي ادبي سنگت سنڌ

ميھڙ جي مشھور علمي ادبي شخصيت محترم سائين عبدالستار ”عبد“ مگسي طرفان ضلعي رابطہ سيڪريٽري دادو (عبد مگسي) جي ڪارڪردگي رپورٽ ڪتابي صورت ۾ بنام سنڌي ادبي سنگت سنڌ سيپٽمبر 2021ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. انھيءَ ڪتاب جي صفحي نمبر 8 تي پھرين نومبر 2020ع بروز آچر اسپيڊ آفيس، ساھڙ ھائوس ميھڙ ۾ سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم پاران نعتيہ مشاعري ۾ محبوب ڏيپر جي شرڪت جي ڳالھ ڪئي وئي آھي. ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 21 تي 5 فيبروري 2021ع بروز جمع اسپيڊ آفيس ۾ مشاعرو ٿيو. انھيءَ پروگرام ۾ محبوب ڏيپر جي شرڪت جي ڳالھ پڻ لکيل آھي. ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 24 تي 21 فيبروري 2021ع بروز آچر تي العباس ھوٽل ميھڙ ۾ راقم الحروف جي ڪتاب ”مھان ماڻھو ميھڙ جا“ جي مھورتي تقريب ٿي. انھيءَ پروگرام جي ميزباني محبوب ڏيپر ڪئي جي

80. شاد، ديدار گوپانگ، غزل رنگ، ص 110، حيدرآباد، ايس ايم ڊجيٽل پرنٽنگ 2022ع.

ڳالھ لکيل آھي[81].

منل ماڳ وسن

لاڙڪاڻي ضلعي جي بھترين شاعر فقير محمد منل جھتيال جي شاعري جي مجموعي " منل ماڳ وسن"، ۾ سنڌ جي ڪجھ مشھور سگھڙن، شاعرن ۽ فنڪارن جون تصويرون ڏنل آهن. انھن تصويرن منجھ، ڪتاب جي صفحي نمبر 59 تي محبوب ڏيپر جي تصوير نالي سان گڏ شامل ڪئي وئي آھي.

نيڻ پرينءَ جي آسري

ھي ڪتاب ميھڙ جي شاعر محترم سائين اويس قرني مھيسر جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر جا ٻہ اکر بنام " قرني گھورو قرب جو" شامل آهن. ھي ٻہ اکر ھن ڪتاب جي صفحي نمبر 18 ۽ 19 تي ڇپيل آھن. ھن مضمون ۾ محبوب ڏيپر اويس قرني جي فن تي بھترين مضمون لکيو آھي. ھن مضمون ۾ پنھنجو ھڪ شعر اويس قرني لاءِ لکيو اٿائين اھو ھي آھي.

اکيون وجي اکين سان اويس جون تہ اڙيون
پرين جي تہ پسڻ لئہ ڪيس روح رڙيون
تن ڪي يار تڙيون تہ ڏئي نہ سگھيو ڏيپر ڇئي[82]

---

81. مگسي، عبد، عبدالستار، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، ص 24، حيدرآباد، سنڌ راڻي پبليڪيشن 2021ع.

82. مھيسر، اويس قرني، نيڻ پرينءَ جي آسري، ص 19، حيدرآباد، سحر پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو 2013ع.

عقيق مئگزين چوھڙ جمالي منجھان نڪرندڙ ماھوار عقيق مئگزين ۾ محبوب جي شاعري شامل آھي.

محبوب جي غير محفوظ شاعري

محبوب ڏيپر ميھڙ جي ڪيترن ئي ادبي پروگرامن، رھاڻين، مھورتن ۽ ملھايل شامن جي باري ۾ شاعري ڪئي آھي، جيڪا انھيءَ پروگرام جي پمفليٽ يا دعوت نامن ۾ ڇپيل آھي. پاڻ اھڙي شاعري ڪي سنڀاليو بہ ڪونہ اٿائين. اھڙي شاعري جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

راقم جي پھرين ڪتاب "مَھان ماڻھو ميھڙ جا" جي مَھورتي پروگرام جيڪو "سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم ميھڙ" طرفان 21 فيبروري 2021ع تي العباس ھوٽل ميھڙ ۾ منعقد ڪيو ويو. انھيءَ پروگرام جو سمورو خرچ ڪرڻ وارو ۽ پروگرام منعقد ڪرائڻ وارو محبوب ڏيپر ئي ھو. محبوب ڏيپر انھيءَ پروگرام لاءِ ھڪ وڏو پينافليڪس ٺھرايو ھو. انھيءَ پينافليڪس تي ڪتاب بابت سندس ھي شعر لکيل ھو.

ڪتاب مَھان ماڻھو ميھڙ جا اھو اعجاز آندو ڪالھہ
جدوجھد سان جاڪوڙيو آھي سوڍر بہ ٿي سال
ميڙي چونڊي گڏ ڪيا جنھن ھيرا موتي لال
پلي تنھن تي پال ڏاڍا ڪياھن "ڏيپر" چئي

7 جولاءِ 2019ع تي دم چينل جي ريجنل بيورو چيف محترم پير بخش مينگل سان "سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي ميھڙ" طرفان رھاڻ ملھائي وئي. انھيءَ پروگرام جي دعوت نامي تي

محبوب ڏيپر جو ھي شعر لکيل ھو.

سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي ميھڙ يارن جي آ يار
رھاڻ پير بخش مينگل سان ملھايون پيا منار
اسان اديب اھل قلم وارن جي سڏي لھون پيا سار
اھي ميڙاڪا ھزار پيا ”محبوب“ کيون ميھڙ ۾

27 جنوري 2019ع تي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميھڙ طرفان ميھڙ جي اديب ۽ صحافي مرحوم پاويل جوڻيجو سان ادبي رھاڻ ملھائي وئي. انھيءَ پروگرام جي دعوت نامي ۾ محبوب ڏيپر جو ھي شعر لکيل ھو.

سنڌي ادبي سنگت شاد رھي
سٽي ميھڙ زندھ آباد رھي
ھي محبت ”محبوب ڏيپر“ جي
پلي يارن کي سدا ياد رھي

”سنڌ سلامت فورم“ طرفان ميھڙ جي ليکڪ، محقق، تاريخدان ۽ صحافي مرحوم پاويل جوڻيجو جي چاليھي جي بنسبت ھڪ يادگار ”تعزيتي ميڙاڪو“ 13 فيبروري 2022ع تي بروز آچر پرائمري اسڪول ڳوٺ گھاڙي ۾ منعقد ڪيو ويو. انھيءَ پروگرام جي پينافليڪس ۽ دعوت نامي تي محبوب جو ھي ٽي سٽو لکيل آھي.

موت مُڙئين ڪِين ڪِي ماري وِڌئي مِير
پاويل مرد مجاھد ھو ڪند ۾ گويا ڪير

جيءَ کي ڏئي جھير ڏاڍو وئين تون ڏيپر کي.

محبوب جي ٻيڙي تَوڪل تي

محبوب ڏيپر پنھنجي معاشي فڪر کي الله رب العزت مٿان ڇڏي ڏئي ٿو. پاڻ چوندو آھي تہ ” ادا رازق رحمان پاڻ آھي، ڏکيو سکيو رزق اسان تائين ضرور رسائي وڃي ٿو. اھا الڳ ڳالھہ آھي تہ لذيذ ۽ مزيدار کاڌا قسمت سان نصيب ٿين ٿا. پر اھو بہ شڪر آھي تہ ڪڏھن ڪڏھن ئي سھي پر نصيب تہ ٿين ٿا. الله سائين جا ڪجھہ اھڙا بندا بہ آھن جن کي ٻن ويلن کاڌڻ جي وسعت بہ ڪونھي، انھن کي اھي طعام جيڪي اسان کي ڪڏھن ڪڏھن نصيب ٿين ٿا پر انھن کي تہ اھي بلڪل نصيب ئي ڪونہ ٿين ٿا. اھي بہ رکي سکي کائي الله سائين جو شڪر ادا ڪن ٿا تہ اسان کي بہ پنھنجي خالق ۽ رازق جو شڪر ڪرڻ گھرجي جو اسان کي پنھنجن ڪيترن ئي بندن کان وڌيڪ سکيو رکيو اٿائين. ادا الله سائين جا احسان آھن، صحت جھڙي انمول نعمت نصيب آھي. انھيءَ جو صحيح قدر اھو ٻڌائي سگھندو جيڪو انھيءَ کان وانجھيل ھوندو. مون مٿان وري بہ پنھنجي مالڪ جا اڻ ڳڻيا احسان آھن. الله سائين جو اھو بہ ڪرم آھي جو مون کي اولاد بہ صالح عطا ڪيو اٿائين. ٻچڙن جي طرفان بہ بلڪل مطمئن آھيان. نہ تہ توھان پنھنجي سماج جي طرف ئي نظر ڊوڙائي ڏسو تہ توھان کي اڪثر ابن جي اکين ۾ لڙڪ نظر ايندا، امڙيون روئندي ملنديون، پينرن جو پوٽيون ڳوڙھن سان پنل ملنديون، پاءُ پاءُ جو ويري ملندو. الحمدلله مون کي منھنجي گھروارن طرفان اطمينان

حاصل آهي. اهو به رب ڪريم جو هڪ وڏو احسان اٿم. بس پنهنجي آخرت جو ڪجهه ٿمر جوڙي وڃان ۽ ڪجهه محنت موت کان بعد به ٿورڙو وقت ڪتابن جي صورت ۾ جيئڻ ٿو چاهيان. رزق جي حاصل ڪرڻ جي گهڻي لالچ به نه ڪندو آهيان. بس جيترو نصيب آهي اهو ته هر حال ۾ ملي رهندو پوءِ ڇو ان تي پنهنجون صلاحيتون صرف ڪيان؟ جنهن جو ضامن رب ڪريم آهي." محبوب ڏيپر واقعي جيڪا ڳالهه ڪري ٿو انهيءَ تي عمل پيرا پڻ آهي.

محبوب ڏيپر نينهن نيائي ٿو

ماڻهن جي طبيعت مختلف ٿيندي آهي. هر هڪ جو پرکڻ جو پئمانو به مَٽ هجي ٿو. ڪنهن جي نظر ۾ ڪو سهڻو آهي ته ٻئي جي نظر ۾ ٻيو. يعني نظر نظر جو ڦير آ. ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن جي ڪا ادا وڻي ٿي ۽ هو مٿس موهت ٿي پوي ٿو. اهڙي طرح لازم ناهي ته ساڳيو ماڻهو سڀني جي نظر ۾ واقعي سهڻو هجي. اها به انساني فطرت آهي ته جڏهن ڪنهن سان محبت ٿي پوندي آهي ته پوءِ معشوق منجهه صرف خوبيون ئي خوبيون نظر اينديون آهن. عاشق کي پنهنجي معشوق جي هر خامي به خوبي ئي نظر ايندي آهي. مشهور آهي ته ليلىٰ رنگ جي سانوري هئي، سندس چهري جا نين نقش به ڪي خاص نه هئا. ڪنهن مجنون کان پڇيو: اي قيس! ڏي خبر! ليلىٰ نه ايتري گوري رنگت واري آهي، نه ئي ايتري سهڻي ۽ منهن مهانڊي واري آهي. منجهس ڇا نظر آيئي جو پاڻ سردار، سردار جو پٽ تي پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي پيءُ

کي ملڪن ۾ خوار ڪيو اٿئي؟ اهو ٻڌي قيس وراڻيو ته: ادا ليلىٰ ليلىٰ آهي! سامهون ليلىٰ هجي ۽ ڏِيدَ توهان جي هجي. ليلىٰ توهان کي خاڪ نظر ايندي! سامهون ليلىٰ هجي ۽ نظر منهنجي هجي پوءِ ڏسو ليلىٰ، ليلىٰ نظر ايندي، پوءِ خبر پوندي ته ليلىٰ ڇا آهي! سو ٻئي جي معشوق منجهان آسانيءَ سان ڪميون ڪوتاهيون ڪڍجي سگهجن ٿيون. اها ئي ساڳي ڳالهه هتي به نظر اچي ٿي. محبوب ڏيپر جي حق سچ جي خوبي ڪجهه طبقي کي خامي نظر اچي ٿي. هو محبوب کي چٽُ، شاعري کان بي خبر، اچيس ڪجهه ڪونه ٿو وغيره جهڙا طعنه ٺُنڪا ڏئي پنهنجي دل کي تسلي ڏيندا آهن. ڪين صرف محبوب سان ئي عداوت ناهي، بلڪ پاڻ تي قِياس ڪري ٻين به اهل علم قلم ڌڻين جي باري ۾ اهڙو گمان رکن ٿا. ڪجهه اهي جيڪي پاڻ ادب ۾ به اُڌارا هوندا آهن، يعني سندن ڪا خدمت نه هوندي آهي پر علم جي پهاڙن مٿان تنقيد جا پٿر پيا اڇليندا آهن، مگر اهي علمي ساگر پنهنجن موجزن لهرن سان اهڙي تنقيد کي پُٺ تي اُڇلي پنهنجي منزل طرف روان دوان هوندا آهن. مون جڏهن سائين حبيب حضوري جي سوانح ۽ خدمات تي مشتمل ڪتاب آندو ته مون کي به ڪجهه اهڙن ادب کان اَلرجِي کائيندڙ ماڻهن جا تنقيدي جملا ٻڌڻا پيا. ڪجهه جا اخلاق کان ڪِريل الفاظ ڏاڍي امتحان منجهان گذرڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا. آخر جڏهن سائين مولانا جوهر بروهي صاحب سان اها ڳالهه ونڊيم ته سائين فرمايو ته بابا! اهي ادب کان خالي کوکِلا اٿئي. انهن کان پاڻ ادب ۾ به سِٽون به لکڻ ڪونه ٿيون پڄن. سو ويچارا ٻين تي محض تنقيد ڪري پنهنجي دل خوش ڪن ٿا. جڏهن ڪو اهڙي ڳالهه ڪري

تہ کيس کتاب کولي چئو تہ چڱو مان نہ ٿو لکان تون ڀلا لکي ڏيکار! اگر عقل وارو هوندو تہ ٻيھر تنقيد نہ ڪري سگھندو باقي اگر بي نڪو هوندو تہ بابا اهڙا هر دور ۾ ملندا آهن. سو اهڙن جي پرواھ ڪرڻ بنا پنھنجن محنت جاري رک. مون کي اها حوصلا افزائي جيڪا سائين جوهر بروهي صاحب ڏني بلڪل اهڙي طرح محبوب علي “محبوب” ڏيپر بہ تسلي ڏني. حالانڪ پاڻ محبوب ڏيپر مٿان جيڪا ڪَڙوي ڪَسي تنقيد ٿيندي آهي انھيءَ کي انهن ماڻهن جي بيماري ۽ مجبوري سمجهي نظر انداز ڪري پنھنجي منزل طرف روان دوان رهي ٿو. پاڻ اهڙن ماڻهن جي حسد ۽ ساڙ جي پرواھ ڪرڻ بنا پنھنجي حصي جي محنت سان نينهن نڀائيندو پيو اچي.

محبوب ڏيپر سچ چئي ڏيڻ جو عادي آهي. ٻہ نمبر ۽ مڪروھ ڪردار جي بہ پٽِ وائکي ڪندو رهي ٿو. ڪٽن ڪرتوتن وارن کي سندن ڪردار جو مڪروھ چھرو پنھنجي شاعري جي آئيني ۾ صاف ڏيکاري کين احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. کين شرمسار ڪري سنو بنجڻ جي ترغيب پڻ ڏئي ٿو.

محبوب پنھنجي سماج جي ڪٽن ڪردارن کي وائکو ڪندي اهڙي تہ حقيقي ۽ سچي ترجماني ڪري ٿو جو پڙهندڙ گويا پنھنجي اکين سان اهي منظر ڏسي رهيو هجي.

نروار ٿي اڄ نينهن پيو آ
گدڙ بڻجي شينهن پيو آ
ڏس ڪاٽي مڇي جو مينهن پيو آ
هر خطرو بڻجي ڏينهن پيو آ

اهو ئي من کي مونجهارو آ
اڄ ڪلر ۾ ڪنجر جو وارو آ
ٻڏي سچ جو ٻيڙو رهيو آ
ڪير نہ ڪنهن سان پيڙو رهيو آ
دشمن ويڙهي جو ويڙهو رهيو آ
سدا ڪوڙ ۾ سچ جو جهيڙو رهيو آ
چوندا ڏيٺو ڪنهن کي ڏارو آ
اڄ ڪلر ۾ ڪنجر جو وارو آ
ڪنجر ڪيئن ٿو اڏي ڏسو
سچ کي ڪيئن ٿو ٽڏي ڏسو
ٿو سچ جو ٻيڙو ٻڏي ڏسو
ڪوڙ ٿو هر هنڌ ڪڏي ڏسو
وتو چال بازن هي چارو آ
اڄ ڪلر ۾ ڪنجر جو وارو آ
بي نقاب ڪوڙا سارا ڪيا
ظاهر محبوب اڇا ڪارا ڪيا
الڳ پنھنجا هي چارا ڪيا
در مولا جي ڳچيءَ ڳارا ڪيا
ڏيھ ڏيپر جو ٿيو مارو آ
اڄ ڪلر ۾ ڪنجر جو وارو آ[83]

83. ڏيپر، محبوب علي، ڏاتر مون کي ڏات ڏني، ص 94، 95، 96، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2018ع.

پئسي پويان ٿو پڄي ھر ڪو
الله سائين ھاڻي ڪرم ڪر ڪو
ماڻھو ٻٽجي پيو آ ڄرڪو
ويو انسانن جو ارڪو ترڪو
آ تيل ڇاڙھي جن ماحول بگاڙيو
ھر ڪنھن پنھنجو ريٽ آ ڇاڙھيو
آھي سچ ڇوڻ ڪان سڀ ڪي ٻرو
ناھي ڪنھن ڏي ڏيان ڪو ذرو
ڪن ديس پاڻي جو سودو ڪرو
ڇون اکين اڳيان مسڪين ٿرو
وير الائي تن ڪھڙو ڀاڙيو
ھر ڪنھن پنھنجو ريٽ آ ڇاڙھيو[84]

غداري جو لڳي ويو اٿئي ڇٽو
سنڌ مان تنھنجو روز آ ڪٽو
ھاڻي حرامي ڦٽو ڦٽو
وجھندئي مٿي ۾ ھاري ڪٽو
خوب جوتن جا وجھندئي ھار
مر تہ پنھنجا ڪي ڪدئي پار
ماڻھو ڪھائي مور چڙيا تو
پونءِ جا ڪدي پور چڙيا تو

84. ڏاتر مون ڪي ڏات ڏني، ص 97.

ڪري وحشي ظالم گور چڙيا تو
در تي نچائي نور چڙيا تو
تر ڪي تن تانگھہ ۾ تار
مر تہ پنھنجا ڪي ڪدئي پار[85]

ھيراڪ سدائين نوٽن جو تون
پاسو سدائين ڪوٽن جو تون
دشمن ساري ڳوٺن جو تون
حقدار آھين سوٽن جو تون
تر ۾ فخر جي عادت ڪتان آئي
تون ملڪ شودا وئين ايئن ڪائي[86]

پلي ڏوڙ ڪو وينو پائي، ڏس نہ
ڪنھن ڏي ڪنڌ ورائي
ھرڪو قبر پنھنجي چڙائي،
محبوب پويان ڪو مچ مچائي
شعر ڏيپر جو تي ويو ٻن
نہ ٿو پڄائي ڪو ڪنھن ڪي اَنّ[87]

اسڪول مال جو واڙو ڪيئي

85. ڏاتر مون ڪي ڏات ڏني، ص 107، 108.
86. ايضًا ص 117.
87. ايضًا ص 124.

محروم تعليم کان پاڙو ڪيئي
دبئي انڊيا لاڙو ڪيئي
سنڌ سان هيڏو ڏاڙو ڪيئي
پو پي چڏي نہ اڪ پڪائي اٿئي
واهہ جي حرام پائي اٿئي
اهو نہ هلندئي انڌ وڏيرا
ڪيڏو ڪيو اٿئي گند وڏيرا
کهڙو ڪٽندي ڪنڌ وڏيرا
پري نہ اٿئي ڪو پنڌ وڏيرا
ڌرتي اهڙي تپائي اٿئي
واهہ جي حرام پائي اٿئي[88]

سنڌس انهيءَ خوبي سبب ڪانئس ڪيترائي اهڙا ماڻهو پاسيرا رهندي سندس مخالفت ۾ ڪو موقعو وڃائيندا نہ ڪين آهن. هن بزرگ جي قلم کي سلام آهي جو حق جي راهہ هلندي سندس قلم ڪنهن مرد مجاهد کان گهٽ ڪين آهي. سندس شاعري ڪڏهن سڌا تير تي لڳن ٿا. سندس ڪلام پڙهندي اهڙي ويڌن جي ور چڙهيل مسڪين ماڻهوءَ جي اکين ۾ پاڻي تري ضرور ايندو هوندو . ڪڏهن وري پنهنجو پاڻ کي چئي بڌائڻ وارو سندس انداز پڙهندڙن جا سر جهڪائي وجهائي ٿو. جيئن:

ڏارين کي ڏڳ پاڻ ڏسياسين،
واٽون چارا اڳ ڏسياسين،

88. ڏاتر مون کي ڏات ڏني، ص 131.

گهٽ گهيڙ ۽ وڳ ڏسياسين،
لڪل سارا سڳ ڏسياسين،
هن سوچ صفا آ ليڙو ڪيو،
ڪنهن بہ نہ کهڙو کهڙو ڪيو.

محبوب ۽ مجاز

محبوب مجازي شاعري بہ ججهي مقدار ۾ ڪئي آهي. انهيءَ جو سبب بہ اهو آهي تہ جيئن انسان چاهيندو آهي تہ پنهنجي دل جي ڳالهين کي قلم ذريعي ڪاغذ تي تحرير ڪري دل جو ڪجهہ بار هلڪو ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ محبوب ڏيپر جي قلم هيٺ ڪيترائي ڪلام، ڪافيون ۽ شعر ڪتابن جي زينت بڻجي ويا. محبوب مجازي شاعري بہ تمام گهٽي ڪئي آهي. انهيءَ ۾ ڪوشش ڪندو آهي تہ تهذيب، ادب، احترام ۽ عزت کي بہ ملحوظ رکي. مجاز ۾ محبوب سُونهن کي ساراهي ٿو تہ وري اصل سونهن ۽ سندرتا سيرت کي بہ مڃي ٿو. محبوب ڏيپر مجاز ۾ لکندي اهڙي تہ طرز اپنائي ٿو جيئن بقول پروين شاڪر جي:

"اس شرط پہ کھیلوں گی پیا پیار کی بازی، جیتوں تو تجھے پاؤں، ہاری تو میں تیری"

يعني هو پنهنجن فتح کي بہ پنهنجو فائدو سمجهي ٿو تہ وري هارائڻ کي بہ پنهنجي لاءِ فائدي وارو سمجهي ٿو. محبوب مجازي شاعري ۾ بہ ٻين کان گوءِ کٽي چڪو آهي. سندس ڪلام انهيءَ جا ثبوت آهن. پاڻ ڪلام جي فن ۾ بہ سٺي مهارت رکي ٿو. سندس ڪلامن ۾ موسيقي ۽ ردم نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ چاهت جي چريائپ، ڪلفت جا ڪلور، من جو مونجهارو، دل جو

درد، اندر جا اُڌما، حسرتون، ندامتون، دل جون دانهون، اندر جون آنهون ۽ مجبوريون بہ ملن ٿيون تہ وري سندس ڪلام ۾ فتح جي خوشي، نيڪي ۽ ڀلائيءَ جو سرور، وصل جو مزو، الفت جو اظهار، قرب جو قيد ٿيڻ، ادائن مٿان فدا ٿيڻ، چاهت جي چاشني، ديوانگيءَ جو درد، محبت جي مناس ۽ پيار جو پيغام پڻ شامل آهي. محبوب جا دوهيڙا ڪلام منجهہ وڏيڪ رس ۽ چس پرين ٿا.

محبوب ڏيپر سماج جي ڪُٽن ڪرتوتن خلاف لکندي مهذب ٻولي ڪي مد نظر رکڻ جو مخالف آهي. اهڙن ڪردارن بابت لکندي مهذب زبان استعمال ڪرڻ کي منافقي سمجهندو آهي. سندس نظريو آهي تہ چٽ ۽ ڦٽ جو علاج ڀادرن سان ڪرڻ گهرجي. اهڙا ماڻهو عزت و احترام جي لائق نہ ٿو سمجهي.

محبوب پنهنجو مَٽ پاڻ

محبوب ڏيپر جي شاعري ادبي تخليق آهي جيڪا عوام جي دلين جي ترجماني، احساسن، جذبن، اميدن، امنگن، اندر جي اڌمن، درد پيڙائن، ذهني خلفشارن، سماجي چاهتن ۽ قلبي فريادن جي ترجماني ڪندڙ هجي ٿي. عوام کي سندس شاعري منجهہ انهن جا اولڙا ۽ عڪس نظر اچن ٿا. پاڻ اهل الله ۽ اهل علم جو پرستار آهي. ڪيس اهڙين سيرت جي سندرتا سان سجيل شخصيتن سان عشق آهي. پاڻ ڪنهن وڏيري يا آفيسر جو درباري ثناگر ٿيڻ کي غيرت جو سودو سمجهي ٿو. اهڙن ڪڌن ڪردارن جي پٽ وائکي ڪرڻ کي ساراهي ٿو. سماجي ڪريل ڪردار کي ننڊڻ سنو ڪم سمجهي ٿو. محبوب ڏيپر سڌي راهہ کان ڀٽڪيل ماڻهن تي

تنقيد ڪري ڪين شرم و حياءُ ڏياري سڌي راهہ رسڻ لاءِ ترغيب ڏئي ٿو. پاڻ جڏهن مزاحمت ڪري ٿو يا ڪنهن تي ڪا تنقيد ڪري ٿو تہ ان جي اصلاح لاءِ طنز ومزاح وارو رويو اختيار ڪري ٿو. معاشري جي مذموم ڪردار جن ۾ ڦر، ڌاڙو، اغوا برائي تاوان، ناجائز قبضو، ظلم، زيادتي، رشوت، بي ايماني، ڌوڪو، فريب، ٺڳي، بيجا وڏاءُ، لالچ، لوڀ، حرام پائي، ملاوٽ، مجبوري جو ناجائز فائدو، هترادو ريٽ وڌائڻ، بليڪ ميلنگ، بي حيائي، زنا، شراب نوشي، جوا، وياج، لچائپ، لوفرائپ، ڀتاخوري، غيرت جو سودو، ڪرپشن، پرائو حق غصب ڪرڻ، ڇچوروپن، رستا روڪڻ، رستا تنگ ڪرڻ، حد دخلي، غير اخلاقي حرڪت، ملڪ سان غداري، قوم سان ڌوڪو، وحشي پن ۽ هروڀرو جهيڙو جهڳڙين خامين لاءِ محبوب ڏيپر ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ڪندو آهي. بلڪہ اهڙن ماڻهن لاءِ هو نازيبا الفاظ استعمال ڪرڻ کي جائز سمجهي ٿو. اهڙن ڪردارن کي حرامي ۽ ڪنجر ڪوئيندي پنهنجي شاعري ۾ لکي ٿو. پاڻ اهو سڀ عمل اصلاح جي نيت سان ئي ڪري ٿو.

محبوب ڏيپر پنهنجي مالڪ جي وڏائي بيان ڪرڻ، توحيد جو درس ڏيڻ، رب ڪريم جي حمد بيان ڪرڻ، پنهنجي مالڪ اڳيان پنهنجي نماڻائي، نهنائي، نوڙت، عاجزي ۽ انڪساري پيش ڪندي پنهنجي هر ڪتاب جي بلا ناغہ شروعات ئي حمد سان ڪندو آهي. "بنا حب حبيب ﷺ جي بندگي بيڪار آهي" کان بہ چڱيءَ ريت واقف آهي. هونئن بہ پاڻ آقا صلي الله عليہ وسلم جن جو پروانو ۽ ديوانو آهي. پاڻ پنهنجي هر ڪتاب منجهہ الله رب العزت

جي حمد کان بعد آقا نامدار صلي الله عليہ وسلم جن جي شان ۾ نعت نہ بلڪ نعتون شامل ضرور ڪندو آهي. الله رب العزت سندس انهيءَ محبت ۽ عقيدت کي پنهنجي درٻار ۾ قبوليت جو شرف بخشي. آمين.

محبوب ڏيپر سماج سڌارڪ شاعر آهي. ڪيس سماج کي سڌارڻ جو ڏاڍو اونو هوندو آهي. هن بزرگ سان جيڪا صحبت نصيب ٿي آهي انهيءَ منجهان سندس دل منجهہ پوري جهان جي لاءِ درد سمايل سمجهہ ۾ ايندو اٿم. هي بزرگ جيترو ٻاهران مضبوط نظر اچي ٿو اندران اوترو ئي نرم ۽ معصوم آهي. ساڻس ڪچهري دوران جڏهن سماج ۾ موجود لوڀي لونبڙين جي ڳالهہ نڪرندي آهي تہ سندس چهري تي غصي ۽ ڪاوڙ جا آثار نمايان نظر ايندا آهن. وري جڏهن مظلومن مٿان تبصرو ڪندي سندن اهنج بيان ڪندو آهي تہ سندس اکيون نم ٿي ويندي يون آهن. پاڻ چوندو آهي تہ:

" ادا اسان بہ ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏئي عزت ۽ غيرت سان زندگي گذاري چڪا آهيون. اڳتي بہ رب کي پارت آهن تہ باقي زندگي بہ عزت ۽ غيرت سان گذاري. پاڻ کان سواءِ ڪنهن مخلوق جو محتاج نہ بڻائي. اڄ جي دور ۾ روز روز جون تبديليون ڏاڍو خوف ڏيارن ٿيون. وقت جي گذرڻ سان جدت جي نالي تي اسان جي سماج منجهان روزانو عزت، احترام، غيرت، شرم ۽ حياءَ جا جنازا ڪڇي رهيا آهن. اسان جو نسل پاڻ کي Modern ۽ Fashionable سمجهڻ جي بيوقوفيءَ ۾ مبتلا ٿي پنهنجي اباڻي تهذيب، تمدن ۽ اهڃاڻن جو قتلام ڪن ٿا. انهن جو وقت جي بي رحم موجن ۾ لڙهي وڃڻ جو خوف ستائي ٿو. اڄ فيشن جي نالي تي نيم برهنا

بلڪ عريان چوان اسان جون نياڻيون سربازار گهمن ٿيون، اڌ اگهاڙا جسم سرعام نمائش لاءِ پيش ڪجن ٿا، نياڻين کي ناچ ڪرائڻ، ناچ سيکارڻ، بي حيائي سيکاري ابن ڏاڏن جي عزتن خلاف بغاوت لاءِ اڪسايو وڃي ٿو. اڄ پٽ پيءُ جي سامهون ٿئي ٿو، بلڪ ڪٿي ڪٿي تہ وڙهي بہ ٿو، ڌيءُ ماءُ کي ڌڪا ڏئي ٿي، پٽ ماءُ کي مار ڏئي ٿو، ڌيءُ پيءُ کي دڙڪا ڏئي ٿي. اڳ ۾ ئي اسان روئڻ ۾ راتيون گهاريون ٿا ويتر جو هي جدت جو طوفان برپا آهي، اهو اسان جي نسلن کي الائي تہ ڪهڙي ڪناري رسائيندو."

محبوب جا الفاظ ڏاڍا نصيحت ڀريل هوندا آهن. سندس عمر جي تقاضا آهي تہ هو هاڻي هر ڪم ڪار کان واندو ٿي آرام ڪري ۽ پنهنجي آخرت سنواري لاءِ محنت ڪري. مگر محبوب پنهنجي عاقبت جو ثمر ناهڻ لاءِ سماج جي عڪاسي ڪري ڪڏن ڪردارن جي پت وائکي ڪرڻ ۽ مظلومن جي فرياد رسائڻ لاءِ شاعري جو سهارو بہ وٺي ٿو.

محبوب ڏيپر پنهنجي شاعري ۾ پنهنجي رب ڪريم سان عشق جو اظهار بہ ڪري ٿو، حبيب ڪائنات جي حب کي بہ واضع ڪري ٿو تہ اولياء ڪرامن سان عقيدت جو بہ اظهار ڪري ٿو. محبوب پنهنجي وطن جي حب کي بہ شاعري جي مالها ۾ بہ پوئي ٿو تہ وطن جي ماڻهن، وطن جي مٽي، وطن جي ذخيرن، وطن جي نظارن، وطن جي وسيلن ۽ وطن جي رکوالن سان محبت جو اظهار پڻ ڪري ٿو.

محبوب جو رويو

محبوب ڏيپر ماڻهن سان ملڻ ۾ ڏاڍو محبوب رويو اختيار ڪندڙ انسان آهي. محبوب طبيعت جو شفيق ۽ نرم دل آهي. محبوب پنهنجي جنم ڀومي ۽ ڌرتيءَ جو سفارتڪار آهي. پنهنجي مادري ٻوليءَ جو سفير آهي. پنهنجي ابن ڏاڏن جي طور طريقن، رسم و رواجن، ثقافت ۽ اخلاق جو بيباڪ عاشق ۽ پنهنجن جو پروانو شاعر آهي. محبوب موجوده دور جي ترقيءَ سبب قوم جي زوال کان بہ ناواقف ناهي. هو جديد دور جي جديد وندر، ذرائع ابلاغ، خبر رساني جي ادارن، سماج جي ڪردارن کي موڙ ڏيڻ وارن ذريعن ۽ موجوده ايجاد کان باخبر رهي انهن جي غلط استعمال سبب ٿيندڙ زوال ۽ تباهي کان عوام کي هوشيار ڪندو رهي ٿو. محبوب ڏيپر حق جو حامي، مظلوم جو ساٿي، غريبن جو هڏ ڏوکي، ماروئڙن جو وڪيل، سانگين جو مداح، ظلم جو مخالف، سماجي برائين جو مزاحمت ڪندڙ ۽ ڏاڍن خلاف فريادي بڻجي پنهنجي قلم کي جنبش ڏيندڙ باغي شاعر آهي.

محبوب ڏيپر جي شاعري لوڪ ادب جي شاعري آهي. محبوب پنهنجي شاعري منجهہ عوام جي رواجي زندگي، ريت رسم، عادت، حالت، ڪرت، چال ڍال، اٿڻي ويهڻي، رنگ ڍنگ، وندر، سوچ، ذهني لاڙو، سماجي ڪارڪردگي، معاشي حالت، نظام زندگي، سياسي حالات ۽ طور طريقا وائکا ڪري پيش ڪري ٿو. محبوب ماڻهن جي خدمت ۽ نيڪي کي چٽو ڪري پيش ڪري ٿو تہ ان سان گڏ برائين کي پڻ نمايان ڪري پيش ڪري ٿو. محبوب

جي لکڻي ڪيس پنهنجا لفظ توري تڪي پيش ڪرڻ لاءِ محنت ڪرائي ٿي. پاڻ بہ اهو ئي چاهي ٿو پنهنجن لفظن کي تڪي توري اهڙي طرح پيش ڪجي جو عالم ۽ اڻ پڙهيل منهنجي ڳالهہ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي. محبوب جي شاعري منجهہ دانائيءَ جا نقطا پنهان هوندا آهن. سندس شاعري ڪنهن مصلحت، حڪمت، نصيحت ۽ سبق تحت ٺهيل هوندي آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي شاعري منجهہ سانگيئڙن جا سُور بيان ڪندي انهن جي بک، بدحالي، اهنج، بي روزگاري، بد امني، هٺ ڌرمي، لاپرواهي، لاچاري، اڪرام، احترام ۽ منجهن لڪيل حرامي فردن کي ظاهر ڪري ٿو. محبوب جتي پنهنجي ماروئڙن جي ثقافت، سچائي، تهذيب، تمدن، مهمان نوازي، ايمانداري، الفت، اڪير، محبت، ميناس ۽ ٻي وسي بيان ڪري ٿو اتي سندن آساني سان ڏوکو کائي وڃڻ، ٻن منٺڙن ٻولن اڳيان سر گهوري ڏيڻ، واڳن جي ڳوڙهن مٿان مست ٿي پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائي ويهڻ ۽ حريفن هٿان آسانيءَ سان ٺڳجي وڃڻ جي ڳالهہ بہ ڪري وٺي ٿو تہ جيئن ٻڪريءَ جي کل اوڙهيل ٻگهڙ جي سڃاڻپ ڪري سندس چالبازي ۽ لڪيل ناپاڪ ارادا ڄاڻي خبردار رهجي .

سگهڙ جو مطلب سليقہ شعار، سيبتو، گهر داري جو ماهر، معاشري ۾ رائج حقيقتن کان آشنا، عقل دانائيءَ سان ڀريل ۽ هوشمند هجڻ آهي. محبوب ڏيپر واقعي ۾ سگهڙ آهي. سندس سگهڙائپ ۽ شاعري منجهہ اهي خصلتون ۽ خوبيون مضمر آهن. محبوب جي ڪلام منجهہ سريلو پڻ، ڏاهپ جون ڳالهيون، حڪمت ڀريون نصيحتون، دانائي سان ڀريل گفتا ۽ سبق آميز قصا موجود

آھن. محبوب جي شاعري عام فھم ھئڻ ڪري بلڪل سادي ٻھراڙيءَ واري زبان سمجھ ۾ اچي ٿي، پر منجھس ڏاھپ ۽ دانائي موجود آھي. سندس ھر شعر منجھان ڪو نہ ڪو سبق ملي ٿو.

محبوب ڏيپر جي شاعري ڪن غيرتمند پٽن جي غيرت کي سلام آھي تہ ڪن ڪڌن ڪرتوتن لئي شمشير بي نيام آھي، ڪن لاءِ سڌرڻ جو سبق آھي تہ ڪن لئي ڪردارن جي ڦٽڪار آھي، ڪن جو حوصلو ۽ ھمٿ آھي تہ ڪن لئي ڇاتيءَ منجھ تير آھي، ڪن لاءِ سڪون جو سبب آھي تہ ڪن لاءِ شرم وچان ڪنڌ جھڪائڻ آھي. جتي پاڻ ھميشہ حق جو حامي رھيو آھي تہ اتي مسڪين ماروئڙن جي دردن لاءِ مرھم پڻ بڻجي ٿو. سندس سھانو سپنو مارئڙن جي فرياد رسي ۽ انھن جي اھنجائين جو سھنجائين ۾ بدلڻ جو آھي. پاڻ انقلاب جي اميد رکي دل کي تسلي ڏيندو رھيو آھي تہ نيٺ تہ سويرو ٿيندو. مطلب تہ محبوب جي شاعري حوصلو پيدا ڪندڙ آھي تہ وري ڪڌن ڪرتوتن لاءِ بغاوت پڻ آھي. محبوب ڏيپر پنھنجي شاعر ذريعي معاشري جا ٻئي رخ چٽا ڪري ٿو تہ وري ماڻھن جي دل بھلائڻ لاءِ بہ لکي ٿو.

محبوب جي شخصيت

محبوب ڏيپر شاعري کان ھٽي شخصيت جي اعتبار سان عمده ڪردار جو انسان آھي. پاڻ سڌو سادو منش آھي. منجھس ٻھراڙيءَ واري سگھڙائپ ۽ دانائي موجود آھي. پاڻ شعور سان سجيل بزرگ آھي. پنھنجن وڏڙن واريون ريتون جيڪي اڄ جي نوجوان کي ماضيءَ جا قصا ڪھاڻيون محسوس ٿينديون آھن انھن

جو زندھ مثال آھي. پاڻ پنھنجي ثقافت سان عملي عشق ڪري ڏيکاري ٿو. پاڻ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو پروانو آھي. اھو صرف مان نہ ٿو چوان پر اھل علم و دانش اھڙو اقرار پنھنجن زبان ۽ قلم سان ڪري چڪا آھن. اگر محبوب ڏيپر کي سنڌي ثقافت جو ليجنڊ (Legend) عامل چوان تہ غلط نہ ٿيندو. ھي بزرگ اسان سنڌين جي سُونھن ۽ فخر آھي. اسان جي اباڻي ٻوليءَ جو رکوالو آھي، اسان جي ايندڙ نسلن جو سفير آھي، اسان جي معاشري جو سچو عڪاس آھي، اسان جي ميھڙ جو مان ۽ شان آھي، ڏات جي ڏيھ جو جاکوڙي ڪردار آھي، سنڌي ٻوليءَ جو سونھون، سنڌي ثقافت جو دلداده ھي عشاق اسان لاءِ رب جي رحمت جو سايو آھي، ھي اسان لاءِ قابل فخر شخصيت آھي. اڄ جي دور ۾ جڏھن انسان تمام گھڻو مصروف ٿي چڪو آھي انھيءَ دور ۾ ٻين جي ڪارڻ پنھنجو پاڻ کي ٽڪائڻ ماڻھو گوارا نہ ٿو ڪري، اتي ھي ضعيف بزرگ پنھنجي جسماني ھيڻائي، عمر جي تقاضا جي ضعف جو عذر پٺ تي اڇلي ميدان ملھائڻ لاءِ ھر وقت ھڪليو حاضر ٿئي ٿو. اھڙن نعمتن جو اسان کي وقت کان پھريان قدر ڪري وٺڻ گھرجي. بعد ۾ حسرت و ندامت جا ڪفِ افسوس ملڻ اجايو آھن. وقت جي تقاضا سمجھي اھڙن ڏات ڌڻين منجھان جيترو ممڪن ٿي سگھي استفادو ڪري وٺون، سندن حياتيءَ کي غنيمت سمجھي دانائيءَ وارا موتي ميڙي وٺون، اھڙن جي صحبت اختيار ڪري پنھنجي زندگيءَ لاءِ مشعل راھ بڻائي سگھون. آءٌ ھن ڪتاب ذريعي قارئين کي اھو عرض ڪندس تہ اڄ جي دؤر ۾ جڏھن ھيءَ عظيم نعمت اسان وٽ موجود آھي تہ ان جو قدر ڪري وٺو، ھي اسان لاءِ ابر

رحمت آهي. هن جو سايہ شفقت اسان کي اسان جي زندگيءَ جي ڪافي اهنجائين کان بچائي سگهي ٿو، اسان کي آسان گس رسائي سگهي ٿو، اسان کي زندگيءَ جي ڪافي موڙن تي صحيح فيصلا ڪرڻ ۾ معاون بڻجي سگهي ٿو. اڄ اسان وٽ نعمت آهي تہ قدر ڪونهي پر جڏهن اها نعمت کسجي ويندي تہ سواءِ ڪفِ افسوس ملڻ جي ٻيو ڪجهہ اسان کي نصيب نہ ٿيندو.

محبوب ڏيپر پنهنجي سماج جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ اجارو رهيو آهي. سندس هن وقت تائين ٻارهن (12) ڪتاب ڇپجي چڪا آهن پر پوءِ بہ سندس اڄ اجهامي ئي ڪونہ ٿي. پاڻ پنهنجي مقصد جو پياسو آهي. جيسين مقصد حاصل نہ ڪري وني تيسين سندس اُڃ اجهامي نہ ٿي سگهي. پاڻ هيترا سارا ڪتاب سنڌي ادب کي ارپي بہ اُڃارو رهيو آهي. پاڻ کي سنڌ جيجل جو مقروض سمجهي قرض لاهڻ ۽ فرض ادا ڪرڻ لاءِ بي چين رهي ٿو. محبوب ڏيپر اڄ ضعيف العمر آهي پر پوءِ بہ بي همٿ ناهي بڻيو. پاڻ اڄ بہ مستعد ۽ متحرڪ ماڻهو آهي. هن داناءَ جي ديوانگيءَ کي سلام پيش ڪجي ٿو.

محبوب ڏيپر جو ڪلام سنڌي ثقافت جي سڃاڻپ يعني ڪچهري جي محفل کي مچائڻ، ماڻهن جي چاهت کي وڌائڻ، نصيحت حاصل ڪرڻ، مُرڪ سجائڻ، سماجي حالات کان واقف ٿيڻ ۽ ڪچهري کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ اهميت جو حامل آهي. سندس شاعري ۾ طنز و مزاح وارو عنصر نوجوان نسل لاءِ سبق آموز هجي ٿو، جنهن ڪري شريف نفس سندس ڪلام کي پڙهڻ جو چاهہ رکي ٿو. ايئن بہ هرگز ناهي تہ پاڻ شوخ قسم جو انسان هجي، پر

پاڻ ڪل مک ۽ دل ۾ محبت و شفقت رکڻ وارو انسان آهي. انهيءَ جو ئي اثر آهي جو پاڻ مجازي شاعري بہ ججهي ڪندو آهي ۽ مزاحيہ شاعري ڪري دل لُڀائيندو آهي. محبوب حقيقت شناس شاعر آهي. محض لباڙ هڻڻ وارو بہ ناهي. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ ڇڇوري پن کي شامل ڪرڻ کان نفرت ڪري ٿو. پنهنجي مجازي شاعري منجهہ بہ ادب و احترام کي ملحوظ رکي ٿو. محبوب ڏيپر جي صحبت ميهڙ جو مانُ ٻڌيل شاعرن جن ۾ ناظم منگي، اسحاق راهي، دادن فقير ۽ حاجي غلام نبي مهيسر سان ڪافي رهي. اهو ئي سبب آهي جو محبوب ڏيپر جي شاعري مذڪوره محسنِ قوم شاعرن جي شاعري جو سنگم نظر اچي ٿي. سندس شاعري منجهان انهن عظيم مفڪر شاعرن جي سوچ، ڪلام ۽ مقصد جي خوشبوءِ اچي ٿي.

آءٌ تہ اهو ئي چوندس تہ محبوب ڏيپر اسان ميهڙ واسين لاءِ الله رب العزت طرفان هڪ خوبصورت تحفو ۽ ڏَين آهي. هن بزرگ جي شاعري منجهان جيڪو سبق ملي ٿو ان مطابق هو گناهن ۾ گارت پنهنجي عوام جي اصلاح لاءِ تمام گهڻو فڪرمند آهي. ڪيس سماج جي ڪريل ڪردار کي سڌي واٽ رسائڻ جو ڏاڍو اُونو آهي. سماج منجهان ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ ناانصافي ختم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. ان لاءِ پاڻ پنهنجون صلاحيتون صَرف ڪري ٿو. محبوب ڏيپر جي محنتن کي زمانو صدين تائين ياد رکندو. ڪيس تاريخ بهترين لفظن ۾ ياد رکندي. اسان وٽ سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ اسان پنهنجي سماج جي اهڙن سرماين جو قدر سندن زندگيءَ ۾ نہ ڪري بعد ۾ پڇتائيندا آهيون. باقي زندگيءَ ۾ اسان جا هي سرمايا بي

يارو مددگار پٽڪندا رهن اسان ڪي ان جي ڪا به پرواهه نه هوندي آهي. اسان سنڌين جي ڪچهري واري ثقافت اسان جا وڏڙا ڏاڍي فخر سان بيان ڪندا رهيا آهن ۽ اسان انهن منجهان محظوظ ٿيندا رهيا آهيون، پر انهن ڪچهرين جي مورن جيڪي انهيءَ ثقافت جي باقيات آهن ڪان بي خبر ۽ لاپرواهه آهيون.

محبوب ڏيپر پابند شاعر نه آهي. پنهنجي مرضيءَ موجب جيڪو وڻيس سو لکندو رهي ٿو. پاڻ انهيءَ باري ۾ ٻڌائي ٿو ته ”منهنجو خيال آهي ته ماڻهو پابند شاعري نه ڪري. ٻاهر ميدان ۾ نڪري اچي، پوءِ جيڪو ٿيو. انهيءَ ڪري منهنجي لکڻيءَ جو انداز به پنهنجو آهي. ڪڏهن پنهنجي ڌرتيءَ تي، ڪڏهن ظلم تي، ڪڏهن مهانگائي تي، ڪڏهن واڻن چارن تي ته ڪڏهن پنهنجن پيارن تي لکندو رهيس. مون ڪي ته خواب خيال به نه هو ته آءٌ ڪو اهڙو شاعر بڻجي ويندس ۽ ماڻهو مون ڪي ايتري عزت ڏيندا. پر اهو سڀ رب سائين جي مهرباني آهي جنهن مون ڪي هن شاعري جهڙي ڏات سان نوازيو جو منهنجي سمجهه ڪان مٿي آهي. پوءِ ته مون پيي انهيءَ عطائي ڏات ڪي اهڙو ته ٻک هنيو جو سمجهيم ته منهنجي هر چيز مال ملڪيت اٿڻ ويهڻ اهو آهي. مون ڪي اهو سڀ انهيءَ ڏات ئي سيکاريو آهي.“ [89]

محبوب ڏيپر سگهڙائپ ۽ شاعري جي تقريبًا هر صنف ڪي قلمبند ڪيو آهي. هن حمد، نعت، منقبت، بيت، ڏور، پهاڪا، سينگار، ڏٽ پرولي، ڳجهارت، گلدستا، گرچيلا بيت، قطعا، غزل،

89. ڏاتر مون ڪي ڏات ڏني، ص 20.

ڪافيون، نظم، وايون، آجياڻي جا بيت، يادن جا ڪلام، ڪانگل، ڪبوتر، هفتي جا ڏينهن، مهينا، وچوڙي جون راتيون، وصل جون وايون، معاشري جي عڪاسي، ظلم خلاف، مظلوم جي حمايت، انصاف جي صدا، غيرت جي للڪار، مذهب جي پڪار، تقليد، اصلاح، مزاحمت، تنقيد، طنز، مزاح، درس، عبرت ۽ ڪردار تي ججهو لکيو آهي. لکيو ته گهڻو ڪجهه اٿائين پر انهيءَ تي عمل به ڪيو اٿائين.

محبوب سچ جو ساٿاري آهي. هن هميشه سچ ڪي ساراهيو ۽ ڪوڙ ڪان نفرت جو اظهار ڪيو آهي. مفاد پرستن جو مخالف انصاف پرورن جو حامي رهيو آهي. سچ جو آئينو سامهون رکي معاشري ڪي چانچڻ جي دعوت ڏئي ٿو. محبوب پنهنجي قوم جو سچو جيالو آهي. پيار جو پرستار، ميهڙ جو محب، سرزمين جو سرفروش، محبت جو مهڪائيندڙ، سنڌي ٻوليءَ جو پروانو، ديس جو ديوانو، پريت جو پرچارڪ، قلم جو قيدي، دلين ڪي کٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو، ڏک سک ونڊڻ وارو، خوددار ۽ خود داري سيکارڻ وارو، ادب، احترام ۽ اخلاق سان سجيل شخصيت آهي. محبوب ڏيپر ڪئي سال اعتڪاف ۾ ويهي پنهنجي رب جي رضا جو متلاشي پڻ رهيو آهي.

ڏات، ڏانوَ ۽ عطا قدرت جي انمول نعمت آهي. جنهن ڪي ڪنهن به قيمت نه خريد ڪري سگهجي ٿو نه ئي وري ڪڏهن چورائي سگهجي ٿو. اهي عطائون فطري طور انسان ۾ پيدائشي موجود هونديون آهن پر انهن عطائن ڪي ڳولهي استعمال ڪرڻ جو هنر هر ڪنهن وٽ نه هوندو آهي.

محبوب ڏيپر ريڊيو تي ڪافي پروگرام ڪيا آهن. پاڪستان ٽيليويزن تي تقريبًا ڏهن ڪان مٿي پروگرام ڪيا اٿائين. ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي ۽ ايم ايف ريڊيو لاڙڪاڻو ۽ ايم ايف ريڊيو نوابشاهه تي به پروگرام ڪري چڪو آهي .

محبوب ڏيپر جي شاعري روزاني آفتاب، روزاني مهراڻ، عبرت مئگزين، روزاني عبرت، هفتيوار سنڌ آواز دادو، روزاني سنڌ نيوز، ماهوار صراط الهدي ۽ ٻين ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي.

محبوب ڏيپر جا ڇپيل ڪتاب

محبوب ڏيپر پنهنجي غربت سان جنگ وڙهندي پنهنجي پورهئي کي قلمبند ڪري ڪتابي ضورت ۾ محفوظ ڪري سنڌي ادب ۾ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ تاريخ جو اهم حصو محفوظ ڪيو آهي. سندس ٻارهن ڪتاب ڇپجي منظر عام تي آيا آهن. انهن ڪتابن جو مختصر تعارف ڪجهه هن ريت آهي.

1. منا ٻول محبوب جا

محبوب ڏيپر جو هي پهريون ڪتاب بنام "منا ٻول محبوب جا" سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات) پاران الرزاق پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد منجهان مارچ 2010ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب جي ترتيب محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب ڏني آهي. هي ڪتاب 248 صفحن تي مشتمل آهي. محبوب پنهنجي هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي امڙ جي نانءُ ڪئي آهي. هن ڪتاب جي شروع ۾ محبوب ڏيپر جي محمد ملوڪ

عباسي، عبدالحليم سومرو، محمد صالح سومرو ۽ علڻ فقير سان تصوير ۽ آصف منياڻوي سان گڏ تصوير شامل آهي. ورق جي ٻئي پاسي احمد خان مدهوش، صحافي رياض چانڊيو، نياز پٽي ۽ محرم بروهي سان محبوب ڏيپر جو گروپ فوٽو ۽ محبوب ڏيپر جي پوٽن جو گروپ فوٽو شامل آهي.

هن ڪتاب ۾ پير ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين جا تاثرات، قاضي مقصود گل جو مضمون " تن جو صرافن اڻ توريو اگهايو"، جوهر بروهي جو مضمون "محبوب شاعري"، مولانا حافظ بدرالدين آڳرو جو مضمون "محبوب مهڪ ميهڙ جي"، نشتر ناٿن شاهي جو مضمون "محبوب ڏيپر جو فن ۽ فڪر"، انور جوکيو جو مضمون "محبوبن سان ڪهڙا ليکا"، لياقت علي بن محبوب ڏيپر جو مضمون "منهنجو بابا منهنجو استاد" ۽ عاجز رحمت الله لاشاري جو مضمون "مرتب پاران" شامل آهن. هن ڪتاب ۾ محبوب ڏيپر طرفان "منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني" ۽ "ڏونگر پيا ڏار" پڻ شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ ٽي (3) حمد، ٽيهه (30) نعتون، سر ڪيڏارو جا ٻارهن (12) اشعار، مختلف ويهه (20) شخصيتن جي باري ۾ منقبتون، امڙ تي لکيل ڪلام، پاءُ تي لکيل ڪلام، رمضان مبارڪ جي حوالي سان پنج (5) غزل، اناويهه (28) شعر، مجاز تي ٽيهه اکري، ٽي (3) ٻاراڻا گيت، ٽي (3) سنڌ تي قومي گيت، معاشري جي عڪاسي ۾ ويهه (20) ڪلام، ميهڙ تي لکيل چار (4) ڪلام، ارڙهن (18) ڪافيون ۽ ست (7) غزل شامل آهن. هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل آزاد انور ڪانڌڙو جو لکيل آهي.

"مُنا ٻول محبوب جا" ڪتاب ۾ شامل شاعري جو نمونو پيش خدمت آهي:

پارت ٿئي رب پارت هن اولاد ساري جي پارت ٿئي
دوست دلي ۽ ڳوٺ جماعت پاڙي پياري جي پارت ٿئي[90]

مان رات رهان مان ڏينهن رهان
مان تو سان نڀائيندو نينهن رهان
من سڌري منهنجا چال پون
تنهنجا ڳوٺ ڳليون ۽ چارا ڏسان
تنهنجا نوري سيئي نظارا ڏسان
ٿي آس پوري في الحال وڃي[91]

سنڌ سونهاري زنده آباد
منهنجي پياري زنده آباد

پٽ جو شاهه ڀلارو هتڙي،
سچل سامي پيارو هتڙي
جملي جيءُ جيارو هتڙي،
حق جو وريو وارو هتڙي
هر ڳالهه موچاري زنده آباد
منهنجي پياري زنده آباد

90. ڏيپر، محبوب، مُنا ٻول محبوب جا، ص 41، حيدرآباد، الرزاق پرنٽنگ ايجنسي 2010ع.
91. مُنا ٻول محبوب جا، ص 55.

ماڪيون مکڻ چاڻا هتڙي،
شاعر سگهڙ سياڻا هتڙي
موتين جا هن داڻا هتڙي،
راڄن جا ڪي راڻا هتڙي
نوري ناري زنده آباد
منهنجي پياري زنده آباد[92]

زال سڀ ڪجهه گهر پئي آڻي، مڙس وينو گهر موجون ماڻي
نيمڪ مڙس جو ڪڍيو ناڻي، ڪيئن ڪچي ڏس مولا ڄاڻي
سو زال تي کڙو رعب جمائي
ٻڌي ڍڪڻ ۾ ڍڪ سو پائي
عزت رهي ناهي ڏيپر، شعر ڀلي چڱ ٺاهي ڏيپر
تو وٽ ڀلا چاهي ڏيپر، هرڪو دنيا چاهي ڏيپر
ٻڌايو محبوب سڀ ڪي ڳائي وڃائي
ٻڌي ڍڪڻ ۾ ڍڪ سو پائي[93]

محبوب ڏيپر لسي تي هڪ غزل لکيو. جڏهن اهو محفل ۾ پڙهيائين ته سڄي محفل ۾ واهه واهه ٿي وئي. ان غزل کيس ڪافي شهرت بخشي. اهو غزل ڪافي مشهور ٿيو. رسول بخش پليجو صاحب جهڙو ماڻهو به پڇندو هو ته ميهڙ جو لسيءَ وارو شاعر خوش آهي؟[94]
محبوب جو اهو غزل قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

92. ايضًا ص 151، 152.
93. مُنا ٻول محبوب جا، ص 161.
94. ايضًا ص 31.

جڳ جو جيءُ جياري وئي
لسي سپ کي ماري وئي

چانهہ اتي چلي ڪانہ، بوتل هڪ بہ هلي ڪانہ،
شربت بہ دل جهلي ڪانہ، هي جي دل ڌوتاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

لسي پيئڻ وارا خوش، هاري جيءَ جيارا خوش،
وڏا ننڍا سارا خوش، ٺائيم هاري جو ٺاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

سياٽو نہ گهر ۾ چاڙهي چانهہ، اندر کي ٿي ڪاڙهي چانهہ،
سارو جسم ٿي ساڙي چانهہ، گهر گهر ٻارڻ ٻاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

لسي هنياءَ ٺار اسان جو، مکڻ آهي يار اسان جو،
ياڳيو آ پوتار اسان جو، هي برف هنياءَ تي هاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

لوڏ پلي هٽي لسي، سپ کي ٿي وٽي لسي،
هجي جيڪر مٽين لسي، جا سٺو وقت گذاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

چانهہ جيڪي پيئن ٿا جام، اسپتال وڃن صبح و شام،
کهڙن جا مان لڪان نام، جيرا تن جا ڳاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

غربت جو ڪري خيال لسي، سپ سان ڪري پيال لسي،
وٺندا سي ڪري سوال لسي، ائين ئي دل ڌوتاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

سپ سان آهي چاهُہ لسي جو، مکڻ آهي پاءُ لسي جو،

هجي جيڪر واهُہ لسي جو، جا گهڙيون خوشيءَ جون گهاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

چيلو ڪڪڙ بہ وقت طور، دال پلي ان ڪان اور،
ملڪ ۾ بصر گهمي گهور، هي صحن پاڳين جا سينگاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي

پلي جڳ ۾ جيئي لسي، ننڊو وڏو پيئي لسي،
سارو ملڪ ٿيئي لسي، جا ڏيپر جي دل ٺاري وئي،
لسي سپ کي ماري وئي[95]

مال پرائي تي لوڏ هٽي ٿو، پاڻ کي يارو ڪين وٽي ٿو،
ڪلهي ڪهاڙي روز ڪٽي ٿو، ڳالهہ نہ ڪنهن جي يار ڳٽي ٿو،
روز ڪهاڙي وينو لاهي
هرڪو پنهنجي گهران ٿو ڪائي

ويهي خلق ۾ لاٺ هٽي جو، ڳالهہ نہ ٻي ڪا يار ڳٽي جو،
لکن واري لوڏ هٽي جو، قسم ڪوڙا روز ڪٽي جو،
هڪ جي ويڙو ٻي ٻُڏائي
هرڪو پنهنجي گهران ٿو ڪائي[96]

ڪن جو مال يارو چوڙايان پيو،
ڪنهن جو هٿ سان ٻيڙو ٻوڙايان پيو
پٽر دل تي ڪن کي ٿوڙايان پيو

---

95. ٽہ ماهي مهراڻ، جلد 7، شمارو 4، آڪٽوبر - ڊسمبر 2020ع، ص 148، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
96. مٿا ٻول محبوب جا، ص 176.

ڪن تي ڪيس ڪوڙا جوڙايان پيو
ويڙھايان تن کي پيھر ٿو ناھيان
اجان چئو تا شريف ناھيان[97]

بازارون دڪان ھتي ھن، ماڻھو خاني خان ھتي ھن،
اديب عاليشان ھتي ھن، مرد سيئي مھان ھتي ھن،
تن جي پاڻ ۾ ياري آ
ميھڙ ڏاڍي پياري آ

حڪيم حڪمت وارا ھتي، سيئي ماڻھو پيارا ھتي،
ساڳيا سانوڻ سيارا ھتي، نينھن جا لڳا ھن نعرا ھتي،
ھتي بھتر ڪارگذاري آ
ميھڙ ڏاڍي پياري آ[98]

ميھڙ ۾ ايڏو ريڙھو آ
جڻ ھوسڙي وارو ميڙو آ
بند گھمڻ جا چارا ھتي، پنڌ ۾ سورن وارا ھتي،
ھٽن واپاري نعرا ھتي، چئو تہ ڦوٽارن تارا ھتي،
ڦني خان ھتي ھيو کھڙو آ
جڻ ھوسڙي وارو ميڙو آ
اڇي ٿو ويگن وارو وڃي، بند سجو تي چارو وڃي،

97. ايضًا ص 195.
98. ايضًا ص 206 ۽ 210.

ڏينھن لڳي ٿو سارو وڃي، ڳڻتي ڪنيون ٿي يارو وڃي،
چئو تہ ٻوٽ ئي ٽيڙو آ
جڻ ھوسڙي وارو ميڙو آ
محبوب آزادي ونجي ڪيئن، سک جو ساھ پٽجي ڪيئن،
ڳڻتي اھا بہ گھٽجي ڪيئن، ڏيپر ماحول مٽجي ڪيئن،
اڄ گھٽ نہ جھڙو تھڙو آ
جڻ ھوسڙي وارو ميڙو آ[99]

2. پنھنجي شاعري پنھنجو رنگ

محبوب ڏيپر جو ھي ٻيو ڪتاب ميھڙ جي مشھور علمي ادبي شخصيت محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب جو ترتيب ڏنل آھي. ھي ڪتاب ”سنڌ سگھڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)“ طرفان راحيل ڪمپوزس فريد اسٽريٽ ڪوڪر محلا گاڏي کاتو حيدرآباد منجھان سن 2013ع ۾ ڇپرايو ويو. ھن ڪتاب جي شروعات ۾ مرحوم سردار علي حسن خان ڏيپر جي وڏي تصوير ۽ سردار منٺار علي خان ڏيپر، ڪمال خان ڏيپر، رحيم ڏيپر ۽ لياقت بن محبوب ڏيپر جو ڏيپر اتحاد اجلاس دوران ورتل تصوير ڇپيل آھي. انھيءَ ورق جي ٻئي پاسي مختلف گروپ فوٽن کان علاوه مرحوم محمد اسحاق راھي، مرحوم ناظم منگي ۽ پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جون تصويرون پڻ ڏنل آھن. ھي ڪتاب 240 صفحن تي مشتمل آھي. ھن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محترم

99. منا ٻول محبوب جا، ص 211، 212.

علي انور جوڪيو، حافظ بدرالدين آگرو ۽ ڊاڪٽر صفدر نواز بن م-ن محزون پٽني طرفان محبوب جي باري ۾ تاثر لکيل آهن. هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي والد محترم محمد صادق ڏيپر ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ حاجي گل محمد ڏيپر جي نالي منسوب ڪئي اٿائين. هن ڪتاب ۾ فهرست شامل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ عاجز رحمت الله لاشاري جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ علي دوست عاجز جا ٻه اکر بنام " ڏنئين ڏهوٽا ڏاج" لياقت بن محبوب ڏيپر جا بنام "منزل ماڻڻ مقصد پنهنجو"، ديدار شاد گوپانگ جا بنام "خوبصورت لفظن جو سگهڙ"، غلام حسين خاصخيلي جا بنام "ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو"، ذوالفقار هيسباڻي جا بنام " محبوب ڏيپر هڪ سنو سگهڙ"، عبدالستار ميراڻي جا بنام" ميهڙ جو محبوب سگهڙ" ۽ محبوب ڏيپر طرفان لکيل پنهنجي پاران شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ حمد، ڇهه (6) نعتون، التجا، پڪار، امام حسين رضي الله عنه جو رتبو، عدالت حسين (رضي الله عنه) جي، بيت جن ۾ نئين سر سنڌ کي ناهه قلندر، سينگار بيت، ڏهس جو بيت، ڀهاڪي جا بيت، ڏور بيت، ڀهاڪي جا بيت، ڏور بيت، بيت موهيڙي تي، بيت مومل راڻو، بيت بگيءَ تي، بيت، شهيد راڻي (نظم)، امڙ جي نانءُ، معصوم نياڻيءَ جي ياد ۾، جيئي جيئي اوڏڻ مائي، هٿ سان پيءُ ماءُ ڪاري آ، سائي ڪاري سڌبي آهي، ڇئبو ته عزت واريون ناهن، اها ڪهڙو گهر هلائيندي، الائي ته نياڻي چا ٿي چاهي، پٽڪو لٿو پر عزت بچي، هٿ شاديءَ تان ڪٽي ويس يار، پوءِ ته خدا پيو ڪري خير، عزت منهنجي چا ٿو پائنين، نه اهڙي چري هان، پاڻ سان پاڻ آ مون تعدي ڪئي، هر ڪو پنهنجو گهر سنڀالي،

تو ڪي اهو ير ڪهڙي ڏسيو، سدائين پنهنجي مرضي هلي، ڪهڙو شرم شرع ۾، تون ته نه ڪاري ڪري مار، هن ڌرتيءَ کي آزاد ڪيو، ڪاڏي ڀلا ڏس ويندي تون، هوشيار ٿيو، پنهنجن پٽڪو لاهي رکيو، هنن تي لکيو ٿم، هنن تي لکان ٿو، نظم (سر گهور)، غاصب لاءِ صلاح، باغي ٿيندس، گهر گهر ماڻهو باغي ٿئي، آهي سنڌ ۾ امن امان، نظم، وطن لاءِ گيت، متاثر ماڻهو ٻچڙا مال، واجهائيندي ڏٺا ويچارا، وطن ڪارڊ ته ماڻيوسين، فراڊي پينو جو وريو وارو، پري ٻيڙيءَ ۾ واڻيو ڳورو، ضمير بجا ڏيندو هوندئي، مون کي نه هرگز سولو سمجهه، ضمير جو آواز، هڪ سڄڻ سئو ويري، هٽ نه لاءِ جو ڦٽيا پيا هون، تڏهن ڪيون ٿو وتان بهاري، انصاف وڪاڻي ناڻي تي، پٽڪو تڏهن بنڊ تي آهي، صحيح ڪرڻ ڪان نپ جواب، سستيون ساريون مهانگي ڪٽي، ٻار ڦري ٿو ڪيان چٽ، سو ٻه سڏائي پيو عاشق جاني، انڌن جا ويا چري چيڪ، جيل فريادي پاڳيو گهر، مولا سڀ جي عزت بچائي، تو ڪي اجان ننڊ وڏيرا، چا ۾ ڏسيو ڪمزور هان، رُلائي پيٽ ٿو، نانگ مري ۽ لٺ بچي پئي، گهر ۾ محفوظ ناهيان سائين، عيد ادا مون ڪانه ڪئي آ، عيد چڏي مون ائين گذاري، تو دبئي ڪري دنگ چڏيا، ڪيبل لاهي چڏيو ڪم، وقت کي سيڪو ڪري سلام، سچ تي ڦاهي ڪوڙ تي پگ، ڏائڻ ماکي، ڪوڙ ته ڪنهن جي پيءُ جو ناهي، منهن تي بجو زال تي گار، ڏاڙو ڦر يا ڪجي چوري، اچو ته گڏجي ڳوٺ سڌاريون، پٽ ڪالهه پيءُ کي ماري پٽي ويو، اچي ڪتي جي وات ۾ وياهون، اچو ته عيد جو ياڪر پايون، ڏنار جي اپيل، اهو حڪومت جو ٿئي حال، پيءُ پيو هٿ سان پٽڙا ماري، سارين جو

انجام ساڳيو ريٺ، لٽا سکي تي لاهن تا، کسئون تا پيا، هو هو جي ٽي آهي ڪار، هيروئن ڪان بچو پائو، ريل سان وجي لڳي ريل، نصيحتي چوٽيون، منهنجي دل آ نرندي يار، ڪو ڏاڙيلن سان ڏاڙو ڪر، ڪهڙو زماني جو آ ڏوهه، دين سان ڏاڙو، رشوت جو ٽي پيو آ ڏؤر، ڏاڙو ڦر يا ڪجي زوري، انصاف ڪاٽي ڳولهيون، مون لال مينديءَ ۾ ڏاڙهي ڪئي، روز ڪرائي تي پٽڪي ڏاهه، هي ڀي ٿو سائين عشق ڪمائي، گڏهه ساڳيو آٽر مٽ، ملاوٽ جا ماهر، نوان نوٽ ڏسو وجي هارن ۾، ڦر مار بئنڪن جي، مون کي هڪڙو ياڪر پائيندين، بشني پائرن جو مرڪز مورو، وسن شل هي اوطاقون اباڻيون، رات ڏينهن جهيڙو رڳو مال تي آ، غزل، نظم (ميان عبدالعزيز تي) ۾ ست (7) ڪافيون شامل آهن.

سستيون ساريون

هي قوم پري ٿي ڪهڙي چٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي

جنهن لاءِ ٻيڙا ٻار پيا لوڙن، هيرن جهڙيون جنسون جوڙن
نسري پوک تہ خيما کوڙن، لسي لپ تي روزا چوڙن
درد انهيءَ آ دلڙي ڦٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي

ڪيت ڏکيا پيا ڪيڙن هاري، چٽنين سان پيا ميڙن هاري
ارهہ سان گاڏو گيڙن هاري، ڪنڌ نہ ڪاڏي ڦيرن هاري
پڙهي نہ جي تا جاڻن پٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي

مِلن وارن قرآن ڦيرايو، ساريون سؤ ڪان هيٺ ڪيرايو
هارين ڪي نہ ائين هيرايو، ڳڏجي منايون وير ورهايون
ٻڌو ڏيپر پٽا ۽ پٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي[100]

لٺ سان سوري ڏينس ماني
سو بہ سڏائي پيو عاشق جاني
پنهنجي گهر نہ ڪني چاڙهي، واٽ خدا جي ٽڪر تاڙي
سچ تي ڪٽي پيو دوڏا ڦاڙي، چپ چوري چڻ پيو ڏاڙهي
در در پنائي پنهنجي ناني
سو بہ سڏائي پيو عاشق جاني
رولو فورس جو هي اڳواڻ، هر هنڌ وينو پڏائي پاڻ
منهن تي وٽيندا اٽس واڻ، اجهو محفل ۾ آيو جاڻ
چئي ڏيپر ڏسندين وڏو لافاني
سو بہ سڏائي پيو عاشق جاني[101]
نہ شريعت جو پابند ڏسان ٿو، اعلان پيار جو هر هنڌ ڏسان ٿو
ڪيڏو تہ ٿيو آ گند ڏسان ٿو، ڪي دين ماڻهو چند ڏسان ٿو
مذهب هر ڪو وينو مٽائي
مولا سڀ جي عزت بچائي

100. ڏيپر، محبوب، پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، ص 132، حيدرآباد، راحيل ڪمپوزرس فريد اسٽريٽ ڪوڪر محلا گاڏي کاتو 2013ع.
101. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، ص 134، 135.

محبوب سڀ کي ڍڪي مولا، منهنجو هنياءُ ٿو ڏکي مولا
غير ٿو هر هر تڪي مولا، ٻاڪو مٿان ٿو ٻڪي مولا
سني راهہ تي ڏيپر کي رب هلائي
مولا سڀ جي عزت بچائي[102]

دور دجالي ڏسان ٿو، ظلم ستم جو زور ڏسان ٿو
ظالم وحشي گور ڏسان ٿو، ملڪ جو سو ئي مور ڏسان ٿو
چوٽ چڙهيا ڪيئن لاهيان سائين
گهر ۾ محفوظ ناهيان سائين

محبوب سڏي ساري وينو، ڏيپر هنجون هاري وينو
مونجهہ انهيءَ کي ماري وينو، اوٽار اهيو ٽاري وينو
وائڙن جيان پيو وايان سائين
گهر ۾ محفوظ ناهيان سائين[103]

شيطان حرڪتون هڙئي ڇڏي ويو، ٻڌي ٽپڙ ويچارو واپس لڏي ويو
توهان ڪٽيو ڇئي واڪي وڏي ويو، هر وحشي جي دل ۾ باقي گهر اڏي ويو
ڪيڏو نہ نازڪ هئو رشتو ٽٽي ويو
پٽ ڪالهہ پيءُ کي ماري پٽي ويو

ڏئي شيطان ڪن کي ويو هي اشارو، ڏنو لوڪ ساري بيهي سڀ نظارو
هيڏهون گولي گن ڪري ڇا ماٺهو ويچارو، ٽٽي ڪيڏو رشتو وڃي ٿو پيارو
ڪيڏي پيءُ پٽ جي ملهائي ڇني ويو
پٽ ڪالهہ پيءُ کي ماري پٽي ويو[104]

102. ايضًا140 ، 141.
103. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، 149، 150.
104. ايضًا ص 171، 172.

سرخي پوڊر تي لکڻ سولو، ڪنهن جو وٽيو ڪنهن کي چولو
ٻريو عشق جو دل ۾ شعلو، اڄ پئو نہ ڪنهن کي پولو
ڳاهہ جيان ثقافت ڳاهن ٿا
جڻ لٽا سڪي تي لاهن ٿا

ڏيپر ڏکيو وقت اچي ويو، بي حيائي جو مچ مچي ويو
در تي آهي نور نچي ويو، ڪري محبوب وقت جي ڳالهہ سچي ويو
ڪي دلبر جي در دانهن ٿا
جڻ لٽا سڪي تي لاهن ٿا[105]

ڪهڙو آهي دؤر اچي ويو، زور وارن کي زور اچي ويو
چورن مٿان مور اچي ويو، در تي جڻ ڪو نور اچي ويو
سڀ جي هنياءَ تي هيٺو تور
اندر پاڳيو ٻاهر چور[106]

ٻاهہ آ ٻئنڪن وارن ٻاري، پلي نوٽ نئين لئي سِڪن هاري
هي پيا نيائن پنهنجي ياري، نئين ڪيش مٽي ڏين تن کي ساري
ڪيش نئين پيا ورهائن يارن ۾
نوان نوٽ ڏسو وڃي هارن ۾[107]

3. موتي محبوب جا

محبوب ڏيپر جو هي ٽيون ڪتاب 2015ع ۾ **ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد** منجهان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جي

105. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، ص 183.
106. ايضًا ص 198.
107. ايضًا ص 211.

ارپنا حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ثناخوانن کي ارپي اٿائين. محبوب جي هن ڪتاب منجهه فهرست شامل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ميهڙ جي علمي ادبي شخصيت سائين عبد الستار عبد مگسي صاحب پاران لکيل آهي. هن ڪتاب جو مقدمو ”محبوب چوان يا مجنون.....“ جي عنوان سان پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب، پيش لفظ ”سماج سڌارڪ ادبي سرواڻ!!“ جي عنوان سان ايڊووڪيٽ محترم لياقت بن محبوب ڏيپر، ۽ اڪر ”سونهن ۽ سندرتا جو شاعر محبوب ڏيپر“ سهيل عباسي صاحب، مرتب پاران ” جديد سگهڙائپ وقت جي ضرورت“ جي نالي سان عاجز رحمت الله لاشاري صاحب ۽ محبوب ڏيپر طرفان پنهنجي پاران شامل آهن. هي ڪتاب 112 صفحن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب کي ميهڙ جي مشهور علمي ادبي شخصيت محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب مرتب ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل محبوب ڏيپر جي شاعري ۾ ٻہ سئو اوڻٽيهه 229 بيت ۽ ٽيهہ اکري جا ٽيهہ بيت شامل آهن. سنڌس انهن بيتن جو موضوع الله تعالي جا پاڪ نالا بيتن ۾ بيان، رسول اڪرم ﷺ جن جا بيتن ۾ نالا، رسول الله ﷺ جن جي آمد، قرآن مجيد جي ٽيهہ سيپارن جا نالا بيتن ۾، هڪ سؤ چوڏهن سورتن جا نالا بيتن ۾، 9 سورتون 9 بيت، ذاتين بابت بيت، سر عمر مارئي، سر مومل راڻو، موهيڙي بابت بيت، مچرن ۽ هوا جو مناظرو، مهاڻي ۽ واڳون جو ٽڪر ۽ ٻگيءَ تي بيت شامل آهن. هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محبوب ڏيپر جي ٽن ڪتابن جا ڦوٽو، محبوب ڏيپر جو شعر :

پنهنجي ٻني پاڻ ڪندو هان، لُلُو پنجو هاري ناهيان،
سچ چوڻ جي عادت آ، جو چمچي خور درٻاري ناهيان.

محترم عبد مگسي صاحب، پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب، ايڊووڪيٽ لياقت بن محبوب ڏيپر صاحب، سهيل عباسي صاحب ۽ عاجز رحمت الله لاشاري صاحب جا ٻہ چار جملا محبوب ڏيپر جي شاعري بابت ڇپيل آهن ۽ محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب جي تصوير پڻ ڏنل آهي.

4. ڪلام محبوب ڏيپر

محبوب علي محبوب ڏيپر جو هي چوٿون ڪتاب بنام ڪلام محبوب ڏيپر سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم سلات سنڌ / بلوچستان طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان آگسٽ 2016ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب کي محترم عاجز رحمت الله لاشاري صاحب ترتيب ڏنو آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي هن ڪتاب جي ارپنا قلندر شهباز، سچل سرمست، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، رئيس شمس الدين بلبل، رفيق احمد، ناظم منگي ۽ اسحاق راهي کي ڪئي اٿائين. هي ڪتاب 256 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي مرحوم سائين شمس ابن ضياء ابن بلبل، پروفيسر عبيدالله لاکير، سهيل عباسي، لياقت بن محبوب ڏيپر ۽ سائين شفيق احمد شفيق چنا جا محبوب ۽ سنڌس شاعري بابت مختصر تاثرات لکيل آهن. بيڪ ٽائيٽل جي اندرئين طرف مڙيل حصي تي لياقت بن محبوب ڏيپر جي پنهنجي

ياءُ مرحوم عابد حسين عرف شوڪت علي جي وڇوڙي جي ڏک ۾ لکيل شاعري مرحوم عابد علي جي ننڍي تصوير سان ڇپيل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ميهڙ جي عظيم علمي شخصيت مرحوم شمس ابن ضياء ابن بلبل بنام " هڪ جرئتمند، انقلابي ۽ اصلاحي شاعر"، محترم عاجز رحمت الله لاشاري جا ٻہ اکر بنام " ذات ڏٽين ڪي تبديليءَ جو سڏ "، محمد اسلم اسراڻ جا ٻہ اکر بنام " سدا بهار ماڻھو......"، محبوب جو لکيل مضمون پنھنجي پاران بنام "دل جو حال......! "، ظفر علي لاکير جا لکيل ٻہ اکر بنام " ماڻھو ڏاڍو تہ خوب آهي، محبوب سڀ جو محبوب آهي" ۽ پروفيسر عبيدالله لاکير جا ٻہ اکر بنام " محبوب ڏيپر هڪ مڪمل شاعر" شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ حمد، ڏهہ (10) نعتون، حضرت علي ڪرم الله وجهه جي شان ۾ منقبت، ٻہ قصيدا، چوونجاهہ (54) ڪافيون، هڪ سرائڪي ڪافي، مثنوي منظوم جيڪا 311 ٻہ سٽا شعرن جي صورت ۾ آهي، پنجٽيھہ (35) بندن تي مشتمل بيت، ٽيھہ اکري، ستر (70) چوسٽا، نوَ (9) ٽي سٽا، ذهن اهڙي ڪي ڪڏ ۾ هڻ تون، سنڌ گدڙ ڪائي ويا (نظم)، ٻاراڻو نظم " ٻچڙا الله واهي ٿئي"، ٽيوشن تي ٿو پڙهايان ٻار (نظم)، تون ٻہ سجاڻين، مان ٻہ سجاڻان (نظم)، ويھہ تہ توسان ڪريان ڳالھہ (نظم)، سُنڌو تو ۾ منهنجو ساهہ (نظم)، دل چيو مزدور هاري تي لِک (نظم)، انٽرنيٽ ڪيو آزار (نظم)، هٽ جو گلر ٿو هٽ ڪي ڪائي (نظم)، مَرَي پَرُ ۽ پٽنجي هيل (نظم)، واهہ جي اجوڪي ياري آ (نظم)، ماڻھن جا جيئن وات پٽايان (مزاحيہ نظم)، منڙا مهدي موتي آ (نظم)، خوشحال ڌرتي (نظم)، سنڌ صدين ڪان رهي آباد (نظم)، ٻہ مناقبا، ٽيٽيھہ (33) غزل ۽ هڪ ڪلام "شهر

محبتن جو" شامل آهن.

5. محبوب ۽ ميهڙ

محبوب ڏيپر جو هي پنجون ڪتاب "محبوب ۽ ميهڙ" ميهڙ جي عظيم علمي ادبي شخصيت، محقق، اديب، دانشور ۽ ادب سان بيحد چاهہ رکندڙ شخصيت پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جي طرفان مرتب ٿيل آهي. هي ڪتاب ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان جولاءِ 2017ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب جي قيمت 250 روپيہ مقرر ڪئي وئي. هن ڪتاب جي ارپنا خلفاءِ راشدين، پنج تن پاڪ ۽ ٻارنهن امامن ڪي ٿيل آهي. محبوب جو هي ڪتاب سندس ميهڙ سان محبت جو هڪ دليل آهي. محبوب ميهڙ جو ديوانو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب لکيو آهي. ٻہ اکر بنام "محبوب ڏيپر: سنڌ جو عوامي سگهڙ شاعر" ڊاڪٽر خادم سومرو صاحب، "محبوب ڏيپر: عوامي سگهڙ شاعر" سهيل عباسي ۽ "سگهڙ شاعر ٻولي" ۽ "ثقافت جا پاسدار" ايڊوڪيٽ لياقت ٻن محبوب ڏيپر لکيا آهن. محبوب ڏيپر پنهنجي پاران " لکان نہ هان پر لکڻو پيو" لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ حمد، ست (7) نعتون، چوويھہ (24) غزل، چوويھہ (24) نظم، پنج (5) وايون، هڪ سؤ ايڪونجاهہ (151) بيت، سٺ (60) ڪافيون، چوڏهن (14) ڇهہ سٽا، ڏهہ (10) شعر، اٺ (8) دوهيڙا، ٽي (3) قومي گيت، هڪ گيت ۽ پنج ڳجهارتون شامل آهن.

هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي وفا عباس جتوئي، غلام قادر گهايل، شمس ابن ضياء ابن بلبل جا محبوب ڏيپر جي باري ۾

تاثراتي شعر ۽ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو جا محبوب جي باري ۾ تاثر لکيل آهن.

محبوب ڏيپر ميھڙ جي باري ۾ لکي ٿو:

محبوب شهر ميهڙ جو مڙني کان آ مور
مشهور مائي ميندي ۾ ظاهر آهي زور
خوشبو هن جي ڳليءَ ڳليءَ امبيرن کان اور
گهمي گهٽي گهٽي ڏسو غازي ڪري غور
هن جو پٽر پور آ محبوب مٺي مرجان کان

6. ڏاتر مون کي ڏات ڏني

محبوب علي محبوب ڏيپر جو هي ڇهون ڪتاب " ڏاتر مون کي ڏات ڏني " "سنڌ سجاڳ شاعر تنظيم سنڌ ۽ سوسائٽي فار پيپلز ايجوڪيشن اينڊ انوائرونمنٽ ڊولپمينٽ (SPEED) دادو" طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان جنوري 2018ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هي ڪتاب 176 صفحن تي مشتمل آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي ڏاڏا، ڏاڏي، والدين، پائر، پينرن، ڌيئرن ۽ پاٽين کي ڪئي آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي مشهور محقق پروفيسر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو(ڊين لئنگويجز وفاقي اردو يونيورسٽي، عبدالحق ڪئمپس ڪراچي) لکيو آهي. هن ڪتاب تي ٻه اکر "بي قابو جذبات کي شاعري جو روپ ڏيندڙ شاعر" جي نالي سان پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب، ٻه اکر " ڏاتر مون کي ڏات ڏني " جي نالي سان ميهڙ جي مشهور اديب ۽ محقق محترم شمس الدين ابن ضياء ابن

بلبل جا لکيل آهن. انهي کان پوءِ هن ڪتاب ۾ محبوب طرفان پنهنجي پاران ٻه منظوم لکي اٿائين. هن ڪتاب جي شروع ۾ ڪتاب جي نالي سان شعر لکيو اٿائين.

هن ڪتاب ۾ حمد، چوڏهن (14) نعتون، ٻه منقبتون، پنج (5) قصيدا، رمضان مبارڪ جي حوالي سان ٻه غزل، ٻٽيھ (32) غزل ۽ ڪافيون، ستاويھ (27) چوسٽا، پنج (5) ٽي سٽا، سترهن (17) نظم، پندرهن (15) بيت، هڪ ٻاراڻو گيت، ڇھ (6) ڇھ سٽا، ست (7) اٺ سٽا، اٺ (8) سهرا يا لاڏا ۽ پندرهن (15) پنج ڪڙا شامل آهن. هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي علي اصغر چانديو (قاضي عارف)، الهورايو پٽو (ميهڙ) ۽ سهيل عباسي (ميهڙ) جي محبوب جي ڪتابن بابت شاعري ڇپيل آهي.

محبوب ڏيپر جي ڪتابن ۾ هڪ ڳالھ جنهن جي مون کي کوٽ محسوس ٿيندي آهي اها هيءَ تہ سنڌس اڪثر ڪتابن ۾ فهرست شامل هوندي ئي نہ آهي. پوءِ انهيءَ فهرست جي نہ هجڻ جو ڪارڻ ڪجھ بہ هجي پر فهرست هجڻ ڪري سنڌس ڪتاب جو مڪمل تعارف صرف ٻن ٽن صفحن ۾ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ نئون ڪتاب جڏهن هٿن منجھ ايندو آهي تہ سڀ کان پهرين انهيءَ جي ٽائيٽل تي نظر پوندي آهي ۽ ماٺهو انهيءَ ڪتاب جي سڀ کان پهريان فهرست ئي کولي ڏسندو آهي. جيئن تحقيقي آرٽيڪلن منجھ(Abstract يا Summary) جي اهميت ۽ عمل آهي ڪتاب ۾ بہ فهرست اهڙي ئي ڪارگر آهي. فهرست ڏسڻ سان ئي ڪتاب منجھ موجود ساري مواد جو اندازو ٿي ويندو آهي.

7. نعتون نانءِ حبيب جي

محبوب ڏيپر جو هي ستون ڪتاب بنام ”نعتون نانءِ حبيب جي“ سنڌي ادبي سنگت شاخ ستي ميھڙ طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان جنوري 2019ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. محبوب جو هي ڪتاب 128صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي مٺ مائٽ ۽ دوستن کي ڪئي اٿائين. هن ڪتاب تي بہ اکر پروفيسر عبيدالله لاکير طرفان بنام ”مداحي محبوب جا“ ۽ مهاڳ راقم الحروف جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ هڪ حمد، اناسي (88) نعتون، نوَ (9) منقبتون ۽ پنج (5) قصيدا شامل آهن. هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل مورساگر جو لکيل آهي.

8. مون جيئن ڏٺو محبوب کي

محبوب ڏيپر جو هي اٺون ڪتاب ”مون جيئن ڏٺو محبوب کي“ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان سنڌي ادبي سنگت شاخ ستي ميھڙ طرفان سيپٽمبر 2019ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. محبوب جو هي ڪتاب 256 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي شاعري ۾ سنڌ ڌرتي جي سورمن، بزرگن، جوڌن، شاعرن، فنڪارن، سانگيئڙن، ڌرتي ماتا جي گلين، چوڪن، سنڌو درياهہ وغيره کي ڪئي اٿائين. هن ڪتاب جو مهاڳ ميھڙ جي عظيم علمي هستي مرحوم سائين اقبال احمد لاکير صاحب لکيو آهي. هن ڪتاب تي بہ اکر ”مون جيئن ڏٺو محبوب کي“ جي نالي سان سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ۽ لياقت بن

محبوب ڏيپر يعني سندس فرزند طرفان ”خود ثنا جو باغي بابا“ جي نالي سان لکيل آهن.

هن ڪتاب ۾ حمد، ڇهہ (6) نعتون، هڪ قصيدو، هڪ منقبت، ٽيهہ (30) نظم، سترهن (17) گيت غزل، سٺ (60) ڪافيون، ڇهہ (6) اٺ سٽا، يارهن (11) قطعہ، ڇاونجاهہ (56) چوسٽا، اٺتيهہ (38) بيت، چوويهہ (24) شعر ۽ ٻٽيهہ (32) ڏيڍ سٽا شامل آهن. هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محبوب طرفان لکيل حمد ڇپيل آهي. هن ڪتاب جي شروعات ۾ ارپنا بہ هڪ نظم جيڪو چوڏهن سٽن تي مشتمل آهي ۾ ڇپيل آهي ۽ ان جي ٻئي صفحي تي ڪتاب جي نالي رکڻ جو احوال بہ منظوم پيش ڪيو اٿائين. سندس هي ڪتاب بہ سندس ذات جو جيتو جاڳندو ثبوت آهي.

هر ماڻهو سوا سير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو
دوست دلي يار ڏٺا مون
مائٽ رشتيدار ڏٺا مون
پوڙها پڪا ٻار ڏٺا مون
ڪاچي ڪچي پار ڏٺا مون
حال محرم بہ غير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو
دولت وارو هر هنڌ ڪڏي
ڌرتي ڪان پيو مٽي اڏي
غريب هيٺي ڪي پيو ٽڏي
ڪوڙ ٿو هندورن ۾ لڏي

ايڏو هٽ قند قير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو
سڏي لهن پيا سار ڏسان پيو
ٻانهون ڪندي هار ڏسان پيو
ٻيا توڙي ٻار ڏسان پيو
ڪوڙ اهڙا ڪي يار ڏسان پيو
تن جي من ۾ مير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو
هٽ هٽ ۾ ڏئي هلن ماڻهو
مرڪي ٺهڪي ٽلن ماڻهو
اهي بہ اندر ۾ جلن ماڻهو
پلائي جو نہ تن ۾ پير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو
ملي ٿا چيٽو پورن ماڻهو
ڪي باهہ ۾ ڪاني سورن ماڻهو
حال اهڙو پيا اورن ماڻهو
جڻ ساهہ ٿا هاٽي گهورن ماڻهو
سي ڪنهن جو نہ گهرندي خير ڏسان ٿو
نہ پٽ تي ڪنهن جو پير ڏسان ٿو

بي ڏوهي ٽاٽي ۾ ٿو ڪٽجي
فريادي جي ڏاڙهي تي پٽجي
جو ٿو اسري سو ٿو سٽجي

شان شرافت جو ٿو لٽجي
ويو سچ دنيا مان ڪري وصال
هي بہ سمجهو ڳرو سال
پاڙي جو آ پاڙو دشمن
رستو دشمن لاڙو دشمن
هيٺو دشمن مارو دشمن
ٻول رهي ٿو ٻاڙو دشمن
جيئڻ تي پيو آهي جنجال
هي پي سمجهو ڳرو سال

پيءُ ڪان پٽ اڄ تي ويو زور
انسان هاڻي ڪر ڪو غور
پنهنجن ۾ ٿيو پيدا شور
هرڪو جهيڙي جو آ مور
ياءُ چڏي ٿو ياءُ تي چوهہ
ڪهڙو زماني جو آ ڏوهہ

شيطان سان ياري آهي
انسان تي پيو خواري آهي
ماڻهو ماڻهو جو ماري آهي
توبہ توبہ زاري آهي
سڄڻ ڪان پي ٿي پيو دوهہ
ڪهڙو زماني جو آ ڏوهہ

ناهي ان ۽ پاٽي جاتي،
اچي رب تي ساٽي تاتي،
اڳي نہ اسان ٻڌو ڪاتي،
ڪاڏي بندو وڃي بدڪار
ڏيھ تئون سائين لاھ ڏڪار

رازق رحم جي نظر ڦيرائين،
ڪنڌ ڪٺئون اسان کھڙو سائين،
صدقي رسول جي پنھنجو پائين،
ناهي ڏکن ڪان واندو وار،
ڏيھ تئون سائين لاھ ڏڪار

تڏي آئي ڪي پيو ٻانهون هار پائين
پراون ڪي پنھنجو ڪري پيو تون پائين
لفظ چوندي ڪاٿئون آٿيان تو لئي سائين
هلندو سلسلو ادب جو آيو اڄ تائين
پوي مار موت ڪي جو تو ڪي ويو ٺڳي
تون هئين تہ ڪيڏو مزو هو اڳي
ٻسو بلبل هائوس لڳي پيو تو هاٽي
اجان پوري الفت سگھياسين نہ ماٽي
لٽو دل تان ناهين خدا پاڪ آٽي
تو جهڙا محبوب ٻيا رب ڪي آٽي

وينو ڏيپر جي آهين پر ۾ ايئن ٿو لڳي
تون هئين تہ ڪيڏو مزو هو اڳي

9. اسان پٺ هاريءَ جا

محبوب ڏيپر جو هي نائون ڪتاب " اسان پٺ هاريءَ جا" ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجھان جون 2020ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هي ڪتاب 191 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي ارپنا مزدور ۽ هارين ڪي منظوم صورت ۾ ڪئي اٿائين. هن ڪتاب جو مهاڳ بنام ”پورهيت طبقي جو وڪيل شاعر“ سائين محمد اقبال لاڪير صاحب لکيو آهي ۽ ٻہ اکر بنام ”پنهنجي غربت تي ناز ڪندڙ سگهڙ شاعر“ پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جا لکيل آهن. هن ڪتاب جي شروعات ۾ ڪتاب جي نالي سان ٻہ بيت لکيا اٿائين.

هن ڪتاب ۾ حمد، ٽي (3) نعتون، چار (4) قصيدا، چار (4) منقبتون، ويهہ (20) نظم، اٺاويهہ (28) بيت، چوٽيهہ (34) ڪافيون، ست (7) قومي گيت هارين لاءِ، سترهن (17) چار سٽا، حاجي رسول بخش ڏيرو جي ياد ۾ نظم، ڇهہ (6) اٺ سٽا، ٻہ (2) ڇهہ سٽا، هڪ ڪلام، پنج (5) گيت، ٻہ (2) شعر، پنج (5) قومي گيت، هڪ نظم، ڏهہ (10) غزل ۽ چار (4) نظم شامل آهن. هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محبوب جو لکيل هڪ حمد ۽ سندس نو (9) ڪتابن جا فوٽو ڏنل آهن.

اسان پٽ هاريءَ جا ۾ موجود شاعري جو نمونو:

تون هي تون جي تات ٻڌي مون
وائي نہ ڪا ٻي وات ٻڌي مون
مال وندن ماروئڙن وائي اها ورجائي آ
تنھنجي رحمت وسي سائين ٿي سڀ ڪي مالا مال ڪري
ڪي ٿيا پٽائي ڪي ٿيا سچل ڪنھن ڪي ٿي لالئون لال ڪري
سيني چيو محبوب ڏيپر ڪئي ڳالھ پلي تو پائي آ

مديني مان ويندس مديني ۾ رهندس سڪڙي مون ڪي سردار جي آ
اتي ئي مان گھاريان دلڙي پيو ٺاريان تات مني منٺار جي آ
جاتي خدا جو حبيب رهي تو ماٺھو اتي خوش نصيب رهي تو
لڳل لوري يار ازل ڪان مون ڪي پرين جي پار جي آ

کھڙا پاڙين تو ويري وير
ڪارو منھن ٿئي نيرا پير
خودڪشي حملا زوران زوري
ڪانہ ڇڏي تو چمچا خوري
ڳالھ اهڙي ۾ ڳڻجي آئين
ڪرسي جو مالڪ ٻڻجي آئين
غير ڪڏھن نہ سچو ٿيندو
حرامي حلالي نہ ٻچو ٿيندو
ٻڌئي ڪتي ٻبرن ڏنا ٻير
ڪارو منھن ٿئي نيرا پير
ڪنڌ ۾ پايون شال وتين تو

ميڙيندو مڏيون مال وتين تو
مقصد اهڙو ناهي ونبو
پٽڪو تنھنجو لاهي ونبو
جاڳي پورهيت سارو اٿندو
هٽي سنڌ جو نعرو اٿندو
پاڙين جا پوءِ لاهبا پير
ڪارو منھن ٿئي نيرا پير

هي قوم پري تي کھڙي چٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي
جنھن لئي ٻيڙا ٻار پيا لوڙن
هيرن جھڙيون جنسون جوڙن
نسري پوڪ تہ خيما ڪوڙن
لسي لپ تي روزا چوڙن
درد انهيءَ آ دلڙي ڦٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي

ڪيت ڏکيا پيا ڪيڙن هاري
ڪنڌ نہ ڪيڏي ڦيرن هاري
چيٽين سان پيا ميڙن هاري
ارھ سان ڳاڏو گيڙن هاري

پڙهي نہ تا جاڻن پٽي
سستيون ساريون مهانگي ڪٽي[108]

جَهار ڪندي آ پوڪ ڪي پٽ
هاريءَ جو آ پورهيو چٽ
جَهار ڪائي ڪندي آ ڏٽ
تي ويا دل تي درد هزار
هو هو جي تي آهي ڪار[109]

ياءُ ڪري تو ياءُ سان ٻوهہ
کهڙو زماني جو آ ڏوهہ
پيءُ ۽ پٽ جو جهيڙو آ زور
انسان ڪر ڪو هاڻي غور
پنهنجن ۾ ٿيو پيدا شور
هر ڪو جهيڙي جو آ مور
ياءُ چڏي تو ياءُ تي چوهہ
کهڙو زماني جو آ ڏوهہ
شيطان سان ياري آهي
انسان تي پيو خواري آهي
ماڻهو ماڻهو جو ماري آهي
توبہ توبہ زاري آهي

108. اسان پٽ هاريءَ جا، ص93.
109. ايضًا ص 92.

سچڻن ڪان پي تي پيو ٻوهہ
کهڙو زماني جو آ ڏوهہ
محبوبن جو ڪر ڪو بيان
شاهي جن جو آهي شان
الفت جو آ رکڻو مان
نظرن جو هر سهبو ڪان
هي ڏيپر ڪندو آ ڏهاڙي ڪوهہ
کهڙو زماني جو آ ڏوهہ

دل تي درد هيڏا هن سنا مون
ڪُسندي ابهم اڪين سان ڏٺا مون
روئي روئي دل تي چري پئي آ

ڏسو قاضي بہ وٽ ڪان چڙهي ويو
چڏي واٽ حق جي لڙي ويو
ڏسي هاجان هيڏا دل ڏري پئي آ

گهر ويني ڪسي ويو ڪو جوڙو آ
تي انصاف پيو گونگو ٻوڙو آ
ماءُ سچ جي جڻ تہ مري پئي آ
اسي تي ڪلو پلي ورتم رعايت نہ ڪيئون ڪائي
پيندبون توريون پالڪ ۾ ڪانہ چڏيئون ڪا پائي

تور ۾ پيي تپ ڏئي تن مسڪين ماري سيئي ڇڏيا

هڪ بحران بجليءَ جو ٻيو يار مهانگائي ماري ڇڏيو
محبوب ڏيپر ڪي ڳڻتي انهيءَ ٻارڻ دل ۾ ٻاريو آ
ظالمن پنهنجا مظلومن ڪان پلؤ پراٽا وني ڇڏيا

دشمن آهين ٻٽيو وڏيرا
تو ڪي ماءُ ڪيئن ڄڻيو وڏيرا
لاشن تي تون ڏند ڪدين ٿو
ناهين مون ڪي وڻيو وڏيرا
شيطاني هر وصف آ تو ۾
وينو سورين مڻيو وڏيرا

وِڪ وِڪ تي ڏي يار نہ سُور
جهوري ۾ جيءُ آهي جُهور
تنهنجي سورن پيڙهي پيڙهي
هڏ هڏ ڪيو آ چڪنا چُور
اٿندي ويهندي تنهنجو دلبر
مون ڪي پل پل آهي پُور
لڪ چپ ۾ پيي تون نہ ڳالهائين
ايڏو تي وئين سهٽا مغرور

10. مون پيي نور نچوڙيو

محبوب ڏيپر جو هي ڏهون ڪتاب ”مون پيي نور نچوڙيو“ سيپٽمبر 2020ع ۾ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جي ارپنا الله رب العزت ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن کي ڪئي اٿائين. هن ڪتاب ۾ ٻہ اکر راقم الحروف طرفان لکيل آهن. ٻہ اکر بنام ”محبوبہ جهڙي محبوب شاعري“ مرحوم پاويل جوٽيجو جي طرفان، ٻہ اکر بنام”محبوب ڏيپر ۽ سندس نور نچوڙيل“ پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب طرفان ۽ ٻہ اکر بنام ” محبوب مانُ ميهڙ جو“ عبدالجبار اونو (ٽنڊو الهيار) طرفان لکيل آهن. هن ڪتاب جي شروع ۾ بيت _ ڪتاب جو ۽ ڪتاب جو نالو بيت ۾ شامل آهي.

هن ڪتاب ۾ حمد، چار (4) نعتون، ست (7) قصيدا، مشوري وارن بزرگن جي شان ۾ هڪ منقبت، سترهن (17) قومي نظم جن جا عنوان ” پنهنجي ايڪتا زندہ آباد، نوان سال تنهنجي آجيان ڪيون ٿا، ڪهڙي آزادي آهي يار، ڪٿو ٻڙچون پالا سنڌي، گهر گهر مٿان ڪڙهي آ، ڪير نہ گهري ٿو ڪنهن جو خير، هتي قوم اڇي وئي ويل ۾ آ، دؤر ميڊيا جي ماري ڇڏيو، خبر اٿئي تہ گهٽي ويهين سؤ آ، اهڙو مذهب ناهي ڪار، تو ڪي ڇئجي ڇا سرڪار، ٻڌايو انصاف ڪاٿي ڳولهيون، ٻولي بچايو، سوئي ڇئبو ڪنو آهي، ويهي حڪيمن ڪيا نٺ ۽ هي اڄ جا ننڍڙا ٻار ڪندا “ آهن، اڻاويهہ (28) غزل، قومي گيت ”مون ڪي روئڻ ڏيو“، پنجيتاليهہ (45) ڪافيون ۽ ستاسي 87 شعر (بيت) شامل آهن. هي

ڪتاب 192 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل محترم نياز پتافي لکيو آهي.

اجرڪ پٽڪو شان اسان جو
ڌرتي پنهنجي مان اسان جو
هر ڪو خاني خان اسان جو
اڄ مرڪي پيو ايوان اسان جو
ٿي پيو پونءِ جو ڀاڱ ڀلارو
پنهنجي ايڪتا زنده آباد

ڌرتي پنهنجي پياري پياري
جنهن ۾ تا گهارن مزدور هاري
يار نيائن ڪيئن پيا ياري
تهذيب سنڌ جي سهڻي ساري
سڀ کي چئو ڏئي اهو اشارو
پنهنجي ايڪتا زنده آباد[110]

بک ۾ ٻڌا ٻار ڏسان ٿو
سورن ۾ سنگهار ڏسان ٿو
ڪو روئندي زارو زار ڏسان ٿو
ويل وڏا هٿ يار ڏسان ٿو

110. ڏيپر، محبوب، مون ڀي نور نچوڙيو، ص 47، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.

ڀوءِ ٻه آهن ڏمڪيون ڏار
ڪهڙي آزادي آهي يار

سچ سان وڏو ويل آ هتڙي
ڪوڙا ڦٽڪا جيل آ هتڙي
ڪوڙن جي لئي ڪيل آ هتڙي
سچ برو ڇڻ فعل آ هتڙي
اهڙا هلن تا هٿ وهنوار
ڪهڙي آزادي آهي يار[111]

ماڻهو ڪني هٿ سارا ڪيو
ٽوپي اجرڪ وارا ڪيو
بند غيرن جا چارا ڪيو
نروار پنهنجا نعرا ڪيو
چو نيڻ ڏسيو تا آلا سنڌي
ڪٿو ٻڙچون ڀالا سنڌي[112]

نہ دين ڏي ڪنهن جو ڌيان رهيو آ
ڪيڏو تي نقصان رهيو آ
ڇا هٿ پنهنجو مان رهيو آ
هر ماڻهو ان جو زيان رهيو آ

111. مون ڀي نور نچوڙيو، ص 52، 53.
112. ايضًا ص 56.

سپ ڪي اڇي وئي ٻڙي آ
جو گھر گھر مٿان ڪُڙھي آ[113]

ويرين سان گڏ واڙي ۾ تون
پھريون دشمن پاڙي ۾ تون
ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾ تون
رستن واٽن لاڙي ۾ تون
آنڌي مانجھي سردي ۾
توکي لعنت آ انھيءَ وردي ۾[114]

آڌيءَ جو ڪنھن در کڙڪايو
اوپرو ماڻھو ڏسڻ ۾ آيو
چئي اسان ٻنھي گڏ ھو ڳايو
ملڻ جو ڪري آيس سايو
ونئي تنھن کي نه وچ ۾ ويھار
اھڙو مذھب ناھي ڪار[115]

چوندي سنڌ جا گھوٽ ڪُنا تو
ماڻھو سپ اڻ موٽ ڪُنا تو
سنڌ جا سارا ڳوٺ ڪُنا تو

113. ايضًا ص 59.
114. مون پيي نور نچوڙيو، ص 61.
115. ايضًا ص 75.

اتر جي سپ اوٽ ڪُنا تو
ھيڏو ھاجو ڏيان ته ڌار
تو کي چئجي چا سرڪار

منھنجا ليبر مور ڪُنا تو
چوندي سپ شھزور ڪُنا تو
انسان ھا يا ڍور ڪُنا تو
منھنجا اڳي پيي ڪوڙ ڪُنا تو
ڏيپر اٺ ڪو ٻارڻ ٻار
تو کي چئجي چا سرڪار[116]

پڙھي ڊگريون ماڻي ھلندا
سينا سپر تاڻي ھلندا
ڪير نه تن جي اڳتي ايندو
ڪو ٻه نه سامھون دگ تي ايندو
ٻارڻ اھڙو ٻاري وجھندا
جيجل جون ھنيانءُ ٺاري وجھندا
ڌرتي پنھنجي ڌار ڪندا
ھي اڄ جا ننڍڙا ٻار ڪندا[117]

تو ڪان سوا ساري رات منا مون ويھي آ ھٽ ڏينھن ڪيو

116. مون پيي نور نچوڙيو، ص 77، 78.
117. ايضًا ص 89.

مان تہ توکي پنھنجو پائيان ٿو تون پنھنجو نہ مون کي پائيئين ٿو[118]

هڪ ڦوهہ جواني ٻيو حسن هيڪاندو
ڪسي دل ونڻ جو ٽئي ڪتان ڏانءُ آندو
اسان اڳ منا هاري تنهنجي چوٽ چڙهي وئي ياري
لوڏي ٻانهن نہ اهڙي هل[119]

دردن منهنجي دل تي وڏا ڪيا هن وار
تو بن مون کان وسري ويا هن سينگار
ڏيپر تنهنجي ڏکن جي نہ ڏني ڪنهن کي ميار
سڄڻ موٽي سار منا نہ لڌئي محبوب جي[120]

11. ڪلام دائود

محبوب ڏيپر جو هي يارهون ڪتاب ڪلام دائود فيبروري 2021ع ۾ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجهان ڇپجي منظر عام تي آيو. هي ڪتاب پڪي جلد ۾ 192 صفحن تي مشتمل آهي. پاڻ هن ڪتاب جي ارپنا حسنين ڪريمن، حضرت فاطمة الزهراء، حضرت علي المرتضیٰ ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم کي ڪئي اٿائين. هن ڪتاب جو مهاڳ ميهڙ جي عظيم علمي ادبي شخصيت سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب لکيو آهي. هن

118. ايضًا ص 103.
119. مون پي نور نچوڙيو، ص 164.
120. ايضًا ص 178.

ڪتاب جا ٻہ اکر ڊاڪٽر ممتاز علي سومري "خاموش شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر" جي نالي سان لکيا آهن .

محبوب ڏيپر جي هن ڪتاب ۾ حمد، ڇهہ (6) نعتون، هڪ سؤ ٽيونجاهہ (153) ڪافيون ۽ ڪلام، ٽي (3) قومي گيت، ٻہ دو گانا، ٻہ مزاحيہ دو گانہ، ٽي گيت، ٻہ بيت، سورنهن (16) چوسٽا ۽ يارهن (11) ٽہ سٽا شامل آهن. سندس هن ڪتاب کي پڙهڻ سان سندس قومي درد، ماروئڙن جي اهنجن، علائقي واسين جي اڙانگائين ۽ مسڪينن جي فرياد جي اوني جو خوب اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل سندس شاعري سندس قوم جي مجبوري بيان ڪندي نظر اچي ٿي تہ ان سان گڏ سندس هيٺائپ بہ واضع جهلڪمدي نظر اچي ٿي. پاڻ نصيحتن جا پندار ڪولي سماج سڌارڻ جا جتن ڪري ٿو تہ وري سندرا ٻڌي ميدان ملهائڻ جو رستو بہ ڏيکاري ٿو. سندس هن ڪتاب ۾ هن بزرگ شخصيت جي اندر کي ڪافي پرکي سگهجي ٿو ۽ سندس درد جو تخمينو بہ لڳائي سگهجي ٿو. هن بزرگ کي پنهنجن پنهوارن جي ڪيتري چڪ ۽ ڪشش آهي ان جو اندازو هن ڪتاب پڙهڻ سان ٿي وڃي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل سندس شاعري جو ڪجهہ نمونو پيش خدمت آهي.

عقيدو ڪچو رکي دل ۾ وڃائي هڙ مون پنهنجي آ
اهو تار مان ٻيڙو بنا توحيد جي نہ ترندو
پسي پاڪ چهرا سيئي ويندا ڏڪڙا لهي ڏيپر
محبوب ڏينهن انهيءَ جي ڪان منا سچ پچ آهي مرندو
ڪائنات ساري رب تنهنجي ڪئي فرمان ۾ آ
نازل رب قرآن ڪيو تنهنجي شان ۾ آ

ويھي وقت ھڪڙو قضا ڪين ڪر تون
فرض آ خدا جو تنھن ڏي ڌيان ڌر تون
ذوق ذڪر جو تون رک رڳ رڳ ۾
پنھنجو پاڻ کي تون ويھ نہ ڀلائي
خبر ناھي اڳتي ڇا ٿيندو الائي
وڃ نہ پاڻ کي تون پاڻ رلائي
گھر پاڻ کان اڳ ٻئي جو خير پائو
سوا عمل جي ادا اڳيان ٻي ڪائي پڇا ناھي
قبر قيام لئي پنھنجو ثمر وٺ ڪو ادا ناھي
سڙي ساڙ حسد ۾ تون صفا سنھڙو تندو ٿيو ھين
نہ تو خوف خدا جو دل ۾ ڌرين
ھي ڇا تو ڪرين ھي ڇا تو ڪرين
پاڻ کي ڪري پاڻ اڪيلو ڪيڏو اٿئون پڇتايو
ايرا سيرا گڏجي سڏجي ھڪ ٻئي کي ھمٿايو
ھڪ ٻئي جي ڳلي جا ٻڌجو ھار گڏ ٿي وڃو سڀ ٻيڙا ٻار
سڀ ليڪا لنگھي وياھون باقي ڇا رھيو آ
شرم حياءَ جو اڪر نہ ڪنھن ۾ منا رھيو آ
ڇئجي ڇا پراون کي پنھنجن مان لڳي تي
پنھنجو لٽي پنھنجي کي ڏھ ڏھ دفعا رھيو آ

انسان پٽر کان بہ پکو آ، ڳالھ انھيءَ ۾ شڪ نہ آ
ڪاٺي سور سھي ٿو جبل جيڏا ڪاٺي سھندو ڪک نہ آ
ڏونگر اھي ڏاري سيئي ھوري ڏاڍي پيا ايداسين

12. ٿاندن تي پير

محبوب ڏيپر جو ھي ٻارھون ڪتاب بنام ”ٿاندن تي پير“ ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد منجھان نومبر 2021ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو آھي. ھن ڪتاب جي ارپنا پنھنجي بابا سائين محمد صادق ڏيپر، امڙ جيجل، پٽن، ڀائٽين، وڏي ڀاءُ، استادن، اديبن، شاعرن، سگھڙن ۽ حال محرم دوستن جي نانءُ ڪئي اٿائين. ھن ڪتاب جي شروعات ۾ ڪتاب جي نالي بابت بيت لکيو اٿس. انھيءَ کان پوءِ ھن ڪتاب تي سندس طرفان بہ اکر پنھنجي ڀاران جي عنوان ھيٺ ڇپيل آھن. اڳتي ميھڙ جي واقعي مھان انسان سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جا بہ اکر بنام ”ٿاندا ٻٽيل سماج جو وڪيل“ لکيل آھن. ھن ڪتاب جو مھاڳ بنام ”محبوب ۽ سندس محنت واقعي مان ملڻ جھڙي آھي“ راقم الحروف طرفان لکيل آھي. ھن ڪتاب ۾ محبوب پنھنجي خداداد ڏات منجھان تيار ڪيل جيڪو مواد شامل ڪيو آھي، ان ۾ حمد، ڇھ نعتون، حضرت علي المرتضیٰ شير خدا ڪرم الله وجھہ جي شان ۾ قصيدو، چار (4) بيت، ستھتر (77) نظم، چوويھ (24) ڪافيون، چار (4) ڪلام، يارنھن (11) غزل، گيت، چاليھ (40) چار سٽا بيت، ست (7) ٽي سٽا، ڏھ (10) پنج سٽا، بہ (2) ست سٽا، ھڪ ڇھ سٽو ۽ ھڪ اٺ سٽو بيت شامل آھن. ھن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي محبوب جو شعر

ڪري ختم سماج جا وير پنو ھان
ٿاندن تي ڏئي پير پنو ھان

ڇپيل آھي ۽ چند جملا لياقت بن محبوب ڏيپر جا لکيل آھن.

محبوب ڏيپر جي ادبي پورهئي ۾ هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪريان ته پاڻ پنهنجي هر هڪ ڪتاب تي سندس طرفان ڇپايل محنت منجهان انهيءَ ڪتاب جو جيڪو نمبر آهي، يعني پهريون ڪتاب، ٻيو ڪتاب، ٽيون ڪتاب، چوٿون ڪتاب وغيره يعني انهيءَ ڪتاب جي شروع ۾ سندس انهيءَ ڪتاب جو نمبر ۽ نالو سندس ئي شاعري ۾ ڇپيل آهي. اهڙي طرح سندس اڪثر ڪتابن جي ارپنا به شاعري ۾ پيش ڪئي اٿائين.

محبوب ڏيپر ڪي سگهڙائپ جي ذات ملي ته وري قلم جي طاقت سوني تي سهاڳي وارو ڪم ڪري ڏيکاريو. هن بزرگ هستي پنهنجي ڪتابن ۾ پنهنجي دلي درد ڪي شاعري جي زبان ۾ ورق تي اتاري عوام اڳيان فريادي بڻجي بيٺو آهي. محبوب ڏيپر پنهنجي ذات سان خوب نباهيو آهي. سگهڙائپ اسان جي وڏڙن ڪي عطا ٿيل ذات آهي. جيڪي ڳالهيون اڄ اسان ڪي ماضيءَ جا قصا ۽ ڪهاڻيون لڳن ٿيون، سگهڙائپ سنديون ڪچهريون، سادگيءَ واري ماحول ۾ باهه جي مچ جي چوڌاري سادڙا، سٻاجهڙا ماروئڙا رهاڻيون رچائي پنهنجي اندر جو احوال به اوريندا هئا ته ان سان گڏ پنهنجي سنڌ جي ثقافت سان نينهن نڀائيندا هئا، بظاهر ابوجهه نظر ايندڙ جڏهن بيت، ڏور، ڪلام، ڳجهارت يا ڏوهيڙو ٻڌائيندا هئا ته سندن ذهانت، عقل ۽ الفاظن جي جوڙجڪ، جملن جي بيهڪ جي سندرتا حيران ڪندڙ هئي. اڄ اسان انهن تي ناز ڪري ته سگهون ٿا مگر اسان تائين انهن ڏاهن جو نياپو پهچي نه سگهيو. اسان اها علمي ميراث وڃائي چڪا آهيون. اڄ جا اديب، قلمڪار، شاعر، ڏاها، دانشور ۽ محقق به انهن جي نظير پيش ڪرڻ ۾ عازرت آهن.

بيشڪ وقت جي وهڪري سبب هر هڪ شيءِ ۾ نواڻ آئي، هر علم جدت اختيار ڪئي، وري سائنس جي ترقي سبب جسماني محنت ۽ هٿ جي هنر ڪي ڪاپاري ڌڪ لڳو. زندگي آسائشن سان ٽمٽار ضرور ٿي پر اصل سونهن اسان وڃائي ويناسين. هن وقت اسان ۾ هائبرڊائيزيشن اسان ڪي بلڪل فارمي ٻڻائي ڇڏيو آهي. اڄ سونهن جي سڃاڻپ ظاهري سجاوٽ سمجهي وڃي ٿي مگر اندر جي سونهن ڪان خالي ٿي وياسين. اڄ اسان وٽ ٿورڙي محنت ڪري ان ڪي مشتهر ڪري واهه واهه ڪرائي پنهنجي ساراهه جا قصيدا ٻڌايا وڃن ٿا. اسان جي ماضيءَ ۾ جيڪي سگهڙ گذريا آهن انهن جي ذهانت ۽ عقل تي اڄ تعجب لڳي ٿو. اها حقيقت آهي ته اهو الله رب العزت طرفان ڪين ڏات ۽ ڄار مليل هو. پنهنجي سنڌ ماتا جي هن ثقافت جي باري ۾ لکڻ لاءِ ته گهڻو ڪجهه لکي سگهان ٿو مگر ڳالهه گهڻي ڊگهي ٿي ويندي. جن خوش نصيبن ڪي اهڙين ڪچهرين ۾ ويهڻ جو موقعو نصيب ٿيو هوندو اهي اسان جي ابوجهه نظر ايندڙ سنڌي سٻاجهڙن جي عقل ۽ ڏاهپ ڪان چڱيءَ ريت واقف آهن. بس افسوس اهو آهي ته انهن جي دانائي ۽ ڏاهپ انهن جي مرڻ سان ئي ختم ٿي دفن ٿي وئي. انهن جون ڏنتليون يادون ئي بس ڪجهه عمر رسيده ٻهراڙين جي ماڻهن جي ذهنن ۾ موجود آهن. سنڌ امڙ اڃان بانجهه نه ٿي آهي. اڄ به ڪجهه سپوت اپائي رهي آهي. محبوب ڏيپر به انهن منجهان هڪ آهي. موجوده نسل وٽ ته پاڻ موجود آهي پر ايندڙ نسلن تائين پنهنجو پيغام رسائڻ لاءِ ڪتابن جو بهترين ۽ لائق تحسين ڪم ڪرڻ جي همٿ به ڪري ٿو. محبوب پنهنجي شاعري ذريعي عوامي خدمت ۾ اسان

جي ميھڙ ۾ تقريبًا سيني ڪان گوءِ ڪٽي چڪو آھي.

ميھڙ جا مور ماڻھو ميھڙ چا لاءِ چڏين تو
کھڙي آ تڪليف تو ڪي جو دلبر ھتان لڏين تو
پنھنجي سر جي صدقي نہ ڏيپر ڪي ڪر ڏڪارو
ماري جدائي جو مون ڪي وجھندو اھو مونجھارو
منھنجا ايلاز آزيون چو دلبر يلا ٿڏين تو[121]

آھي سنڌ ۾ ساھ ڏيپر جو،
چريو تنھن لئي چاھ ڏيپر جو،
ناھي غير سان ناھ ڏيپر جو،
واھي آ الله ڏيپر جو،
ٿيو محبوب جيان رکوالا سنڌي،
ڪٽون بڙچون يالا سنڌي[122]

واھن جا تون دکا ڪائي وئين،
نوٽ ڊالر سکا ڪائي وئين،
ککڙ ڪڙھايون تکا ڪائي وئين،
بجلي جا ٽنيا تارون ڪاڏئي،
سجي تر جي پارئون ڪاڏئي،
سچ تي ڪيڏيون ڪارون ڪاڏئي،
تنھنجو غير سان مرڻو پرڻو آ،

121. ڏيپر، محبوب، محبوب ۽ ميھڙ، ص 235، 236، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز ايندپبلشرز 2017ع

122. محبوب ۽ ميھڙ، ص 62، 63.

يلي ڪر تون يينگ پوتار،
وارو اسان جو ورٽو آ.

هڪ سِٽ غير منقوط، هڪ سِٽ منقوط

آءُ دلدار داد ڪر ڪو دلدار او دل وارا
سانڍي سيئي رکيا مون درد ڏنئي جي دبارا

ور ڪا واھ ڪر الا سک ساھ آ سھارا او
مارن مون ڪي منجھائي اکڙين جا ڏئي اشارا

ھا ڪر ڪا ھا ھا ڪر ڪا ور واڪا ور الا او
تکيان روز تنھنجا تو چارئي پھر مان چارا

ڪر ڪا واھر ول آ ساھ سُک آ سر سر
وسرن مون ڪان نہ ٿا سي نوري اھي نظارا

حال احوال ھا ڪر ورلو آءُ ور ور
روئي اڳيان مان تنھنجي تو آنھون ڪيان اوسارا

دادلا داد ڪر ڪو در دائود آءُ ھڪارا
"محبوب" منھنجي دل ۾ تو آھن اڏيا اوتارا

محبوب جو غير منقوط غزل

دلدار او دل وارا، ور ڪا واهر ڪر ڪر
سُور سراسر آ ساڻو، لھہ ڪا سار سر سر

در آءُ دلدارا ور ڪا آس ور سو
ور او آءُ وراڪا ورلو آءُ ور ور

سُڻ ڪوڪ آءُ ڪا دلدارا او در الا
در آءُ داد ماڻ ڪو لالڻ آءُ گهر گهر

هڪ هڪ مرڪ ماھ لڪا لڪ لڪ آ لالڻ
لهڻ سار آءُ سگهو آءُ ڪا آس هر هر

لھہ سار سرهو ڪر آءُ ڪا ساھ سهارا
لاهڻ او سُور سارا آءُ اگر او گر گر

سؤ سال او سارا لھہ ڪا سار سڪ آ
لهڻ سار آءُ ڪا دلدار آءُ در در

”دائود“ آءُ در ڪو لاھ درد آءُ دلارا
سرس ساھ سار آ ها ها الا او هر هر

ٻاڙو مون سان ٻولي دلبر،
ڇڏيئي رڻ ۾ رولي دلبر،
ساٿ نيائڻ وارا ماڻهو،
ائين نہ ڪرين ها پيارا ماڻهو،
منهنجي هڪڙي ڳالھ مڃين هان،
پنهنجي بچائي ساک وڃين هان،
رات ويهي ڏينهن ڪيان تو،
اهڙو تو سان نينهن ڪيان تو،[123]

لڳي نگران متي ۾ نائي ويا
سنڌ ڪي گدڙ ڪائي ويا

انصاف جي نتي هلي هاڻي
ڪير نہ ڪڇي مولا جاڻي
دانهين وڃي ڏس تون تاڻي
ٻاهر چور فريادي تاڻي
اها بازي بڻائي پائي ويا
سنڌ ڪي گدڙ ڪائي ويا[124]

123. ڪلام محبوب ڏيپر، ص 60.

124. ڏيپر، محبوب، ڪلام محبوب ڏيپر، ص 117، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2016ع.

بيت سينگار

مرڪڻ سان مست ڪري وڏو محب مٺي مٺار عجب،
دلبر جي ديدن ۾ ڏٺو مون اهڙو هو اسرار عجب،
ڪارا ڪلهن تي ڪيري ڇڏيئي واسينگ جهڙا وار عجب،
اکڙيون عين عجيب پرينءَ جون نور پريون نروار عجب،
ڀايون ڀاهڻ ڪين پرينءَ مان عين رخسار عجب،
قدم قدم تان قربان ٿيا ڪائي مور هينڊل ويا هار عجب،
چري ٿي پئي چاھ سنڌءِ ۾ نور پسي هڪ نار عجب،
لبڙا لال گلابي سنڌءِ پؤنر پرون تلوار عجب،
شمس قمر ٻہ شڪي ٿي پيا پسي دلبر جو ديدار عجب،
سيئي وصفين سھڻو آقا سوا لک جو سردار عجب،
ادلا گدلا پنهنجي پلي سڀ ڪٽندو پرين پگدار عجب،
ڪونہ ڇڏيندو ڪنهن کي اڙيو ننگي آهي ننگدار عجب،
ڇپر چورن جو هي چوان مان آهي يتيمن يار عجب،
درود صلواتون دلبر تي مان چونہ پڙهان بار بار عجب،
سيئي وصفين سھڻو بيشڪ جوڙ ڪئي تہ جبار عجب،
ماڪي مصري کان وڌ مٺي تنهن گوهر جي گفتار عجب،
"محبوب ڏيپر" جهڙا ڪيئي حيران ڪيئي تہ هزار عجب.[125]

125. مٺا ٻول محبوب جا، ص 128.

سينگار جو بيت

ڀَسي حسن حبيب جو اتي هڙني ڪاڏي هار ميان،
مرڪي محبوب سنواري رکيا ڪارا ڪلهن تي وار ميان،
مست ڪري وڏا ڏسڻ سان مرسل ٻڌا ٻار ميان،
سونهن تنهنجي تي سگهڙن لکيا آهن سو سينگار ميان،
مرڪڻ هلڻ حبيب جي حيران ڪيا تہ هزار ميان،
روئندن کي ريجهائي پيو پنهل ڏئي پيار ميان،
ڪهڙا ڏسي ڪهڙا ڏسيان پرينءَ جا مان يار ميان،
مولئ ڏئي ڇڏيا منل کي آهن سڀ اختيار ميان،
محشر ڏينهن محبوب لهندو سڏي سڀ جي سار ميان،
ڏاتر ڪرائيندو "ڏيپر" کي دم دم تنهن جا ديدار ميان.[126]

محبوب ڏيپر جو جن ڪلام ۾ نعتون ڳايون آهن

شاعري جو ڳائڻ سان اڻ ٽٽ رشتو ٿئي ٿو. شاعري لفظن جو اهڙو مجموعو آهي جنهن کي آسانيءَ سان روانيءَ سان ڳائي سگهجي. محبوب جي شاعري ۾ بہ رواني ۽ تسلسل آهي. انهيءَ ڪري سنڌس ڪلام ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو آهي. جن فنڪارن محبوب ڏيپر جو ڪلام ۾ نعتون ڳايون آهن انهن ۾:

ممتاز لاشاري، علي مراد جتوئي، ڪوثر ماروي، انور پتوجو، سليمان ساقي چانڊيو، صادق سوڍر، علي اصغر چانڊيو، سينگار سولنگي، اسلم سخيراڻي، محمد عمر تيوٽو، عبدالحق خاصخيلي،

126. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، ص 37.

مداحي برڪت سولنگي، شفيق چانڊيو، رحمان سومرو، ساجد منگي، رخسانہ ماروي، ساجد علي ساجد منگي، طارق چانڊيو، نذير چانڊيو، گلزار ڪوھارو عرف پتڪڙو جلال، راحيل جوڪيو، خادم سخيراڻي، ارباب سوڍر، شازيہ مارئي، بختاور علي، مجيب لغاري، محمود پتوجو، غلام شبير چانڊيو، عبدالسميع ڏيرو، غني سولنگي، وزير شاھہ، سليم سخيراڻي، ٻالڪ سنڌي، عبدالله بروھي شامل آھن.

محبوب ڏيپر تي آن لائين مواد

محبوب ڏيپر جي ڪتاب پنھنجي شاعري پنھنجو رنگ تي تبصرو بلاگ جي صورت ۾ سنڌ سلامت جي ويب سائيٽ تي آن لائين موجود آھي. اھو تبصرو ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو جي ڪتاب ”ڪچھريءَ جا مور“ تان ورتل آھي. اھو تبصرو بنا ڪنھن تبديليءَ جي قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

پنھنجي شاعري پنھنجو رنگ (محبوب علي ڏيپر جو ڪتاب سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) ڀاران ذرتي دوست پبليڪيشن حيدرآباد جي سھڪار سان سگھڙ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جو ھيءُ ڪتاب 2013ع ۾ شايع ڪرايو ويو آھي. ڪتاب جي ترتيب عاجز رحمت الله لاشاريءَ ڏني آھي، جنھن ڪتاب جو مھاڳ پڻ لکيو آھي. ھن ڪتاب ۾ ڏيپر صاحب جي مزاحمتي ۽ لوڪ شاعريءَ جا مکيہ رنگ شامل ڪيا ويا آھن، جنھن ۾ لڳ ڀڳ ھر شعر/ اسم جي منڍ ۾ موضوع ڏنو ويو آھي، جيئن: موھيڙي تي بيت، بيت مومل راڻو، جيل فريادي، جوابدار گھر،

توکي اجا ننڍ وڏيرا، گڏھ ساڳيو، آٽر مٽ، تنھنجو پٽڪو ڪن تي ڪاڪا، معصوم نياڻيءَ جي ياد، شھيد راڻي وغيره وغيره.

سندس ڪلام ۾ نصيحت ۽ واقعاتي عنصر نمايان آھي. ڪي ڪي تہ صفا واقعاتي بيت لڳن ٿا، ھمراھ قوم کي جاڳائڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا آھن، ڪانئر لاءِ چوي ٿو تہ :

منھنجو نالو سامھون ايندو ھوندئي
ضمير ٻُجا ڏيندو ھوندئي
ھي ڪري ھِين رھيو ڪانئر، ھاڻي ڏاڍو ھِين نھيو ڪانئر
توکي ڪنھن آڇيو ڪانئر، پاڻئون توکي نہ پيو ڪانئر
دل تي سوال ڪو اڀرندو ھوندئي
ضمير ٻُجا ڏيندو ھوندئي

محبوب علي ڏيپر صاحب جو تعلق ميھڙ سان آھي. سندس شاعريءَ ۽ شخصيت تي علي دوست عاجز، لياقت بن محبوب ڏيپر، ديدار شاد گوپانگ، غلام حسين خاصخيلي، ذوالفقار ھيسباڻي ۽ عبدالستار ميراڻيءَ جا ويچار ڏنل آھن. سندس ڪتاب مان ھيٺ ڪجھہ وڏيڪ شعر ڏجن ٿا:

موھيڙي تي بيت

موھيڙا نہ مون سان ڪنيون تو پٽيا چڱو پير
آءٌ بہ ڪڏھن ڪين گھرندس ڪوٺا تنھنجو خير
سجاڻان ٿو سَوَن ۾ مان ياڙي تنھنجو پير
دل ۾ رکي غير، پيو موھيڙا وڙھين”محبوب“ سان
موڳا منھنجي منھن تان ھيڪر وجين ھا ھٽي
ڏئي ايذا آزار چو ڪئي فقير جي دل ڦٽي
حڪيمن وٽ ھيڏي، تو جھڙا پرائي چٽي

تو پڳ اها ڪٿي، جو ڏنئي ڏک”ڏيپر“، کي
ورندي موهيڙي جي
ڏک نہ ڏيانءِ هان ”ڏيپر“ تو پاڻ سان ڪئي آ پاڻ
هر هر زور ڏئي ضعيف کي، پيو ڪرين رتو چاڻ
منهنجي هن مذڪور جي توکي ڏني ڪنهن نہ جاڻ
تڏهن تون پيي ڪاڻ، نہ پيو ڪيين ننڍڙي جي
هيءُ منهنجو جواب
هر هر هٿ هٽي چيو ماڻءِ تہ هاٽي هتان وڃ
منهنجي اها منٿ هيڪر موهيڙا تون مڃ
وري اڇجانءِ ڪين ڪي پيرو هتان پڇ
وڃي وَساءِ رُڃ، مور نہ ڏسان ”محبوب“چئي

جيئي جيئي اوڏڻ مائي
بيشڪ تنهن جي ور سان سچائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
ور سان هٿ ونڊائڻ واري، ٽڏي ڪوسي ڪاهڻ واري
تنهن سان نينهن نبائڻ واري، سرجو سانگو لاهڻ واري
ور سان گڏ جنهن وک وڌائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
تنهنجو مٽيءَ سان پيار آ اوڏڻ، محنت جو وهنوار آ اوڏڻ
گاري گپ ڪان پار آ اوڏڻ، سنڌ جي تي سينگار آ اوڏڻ
ليڙون لٽا ۽ چتن ۾ چائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
ذرو نہ زيان ڪري تي اوڏڻ، ولائت ڪان پئي وري تي اوڏڻ
گڏهہ مٽيءَ جا پري تي اوڏڻ، پل نہ وڃي پري تي اوڏڻ
جنهن وک نہ پوئتي هٽائي

جيئي جيئي اوڏڻ مائي
ريشم بخمل پائي اوڏڻ، لنگين مٽي پئي لائي اوڏڻ
اڳتي وک وڌائي اوڏڻ، واهہ جو وَر سان نبائي اوڏڻ
سڀ ڪان وڌ آ تنهن جي ڪمائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
گهر ٻين جا سنواري اوڏڻ، محنت سان پئي گهاري اوڏڻ
ويهي وقت نہ ڪاري اوڏڻ، ٽائيم نہ ڪوئي ٽاري اوڏڻ
جنهن کي پکن جي سک سوائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
ٻين جا بنگلا ٺاهي اوڏڻ، ليڙون لٽا پائي اوڏڻ
پنهنجا حال وڃائي اوڏڻ، سادو سودو ڪائي اوڏڻ
اجايو نٿي ڪا وڃائي پائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
خوب خوديءَ کي ماري اوڏڻ، سدا صبر ۾ گهاري اوڏڻ
سهڻا گهر تي سنواري اوڏڻ، ورجي دل پئي ٺاري اوڏڻ
واهہ جو تنهن جي آهي وفائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي
همت نٿي ڪا هاري اوڏڻ، گپ چڪ ۾ تي گهاري اوڏڻ
ٻي وائي نہ ”ڏيپر“ واري اوڏڻ، دل ور جي ائين پئي ٺاري اوڏڻ
ڏيءَ ”محبوب“ نہ اهڙي ڪاتي جائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي[127]

---

127. books.sindhsalamat.com>book>read

محبوب ڏيپر کان گلزار ڪلهوڙو پاٽائي طرفان ورتل انٽرويو

محبوب ڏيپر کان گلزار ڪلهوڙو پاٽائي 8 ڊسمبر 2013ع تي هڪ انٽرويو ڪيو. اهو انٽرويو آن لائين موجود آهي. محبوب ڏيپر کان ورتل اهو انٽرويو قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

لوڪ ادب جي نالي واري سگهڙ جو انٽرويو

ڳالهہ ٻولهہ: گلزار ڪلهوڙو پاٽائي

سوال: سڀ کان پهرين اوهان پنهنجو تعارف ڪرايو؟

جواب: نالو محبوب علي ولد محمد صادق ڏيپر جنم جي تاريخ 14 آگسٽ 1947، جنم جو هنڌ ڳوٺ قادر بخش ڏيپر لڳ ميهڙ ضلع دادو تعليم پرائمري جا پنج درجا پاس، سجاڳ سگهڙ، اولاد ۾ 6 پٽ ۽ 3 نياڻيون آهن.

سوال: اوهان سگهڙائپ وارو فن ڪنهن کان سکيو؟

جواب: آئون 1975ع کان وٺي هن سگهڙائپ واري فن سان وابستہ آهيان. شروع شروع ۾ آءٌ پنهنجا ئي مزاحيہ ٽوٽڪا ناهي ڪچهرين ۾ ماڻهن کي کلائيندو هيس. پر پوءِ وڏن وڏن سگهڙن کي ڏنم ۽ ٻڌم تہ مون سوچيو تہ آئون بہ انهن جهڙي شاعري ڪري سگهان ٿو، پوءِ 1982ع کان سنڌ جي مشهور شاعرن اسحاق راهي، ناظم منگي ۽ نشتر ناٿن شاهي کان رهنمائي ورتي ۽ شروع ۾ مون بيتن واري شاعري ڪئي ۽ ان کي سگهڙن واري انداز ۾ پيش ڪيم ۽ طويل نظم پڙهيم.

سوال: سگهڙائپ واري فن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون صنفون ٿينديون آهن؟

جواب: هن ۾ ڳجهارتون، سينگار، ڏٺ، پروليون، ڏهس، گرچيلا، ڏور، پهاڪا ۽ هنر واريون صنفيون ٿينديون آهن. مون هن وقت تائين اٽڪل ٻن هزارن تائين پنهنجا شعر ناهيا آهن جنهن مان ٻارنهن سئو کان وڌيڪ شعر مون کي ياد آهن. منهنجا 2 ڪتاب شايع ٿيل آهن. 1. ”مٺا ٻول محبوب جا“ 2. ۾پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ“.

سوال: اوهان کي ريڊيو ۽ ٽي وي تي اچڻ جو موقعو ڪڏهن کان مليو؟

جواب: پهرين پهرين تہ آئون مختلف مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هيس، پوءِ 1982ع ۾ نصير مرزا صاحب جي معرفت ”ريڊيو“ تي پهتس ۽ 1984ع ۾ اعجاز عليم عقيلي صاحب جي مهرباني سان ”پي ٽي وي“ تي سائين صالح محمد شاهہ جي ”اوطاق ڪچهري“ واري پروگرام ۾ حصو ورتم ۽ هاڻي سنڌ جي مختلف چئنلن تي موقعو ملندو رهندو آهي.

سوال: سگهڙن سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟

جواب: سنڌ جي ثقافت کي بچائڻ ۾ سگهڙن جو وڏو ۽ اهم ڪردار رهيو آهي. سڀ کان پهرين تہ هنن اڄ تائين پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪئي آهي. هنن جي شاعري جي ۾ نج سنڌي لفظ ملندا. ان مان ظاهر ٿيو تہ سگهڙن سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان کان علاوه هنن جو ويس شلوار قميص، ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪو پائڻ بہ نج سنڌ جي ثقافت آهي.

سوال: شهري ماڻهو اڪثر ڪري سگهڙن ڏانهن گهٽ توجه ڏين ٿا ۽ ڪي ته اختلاف به رکن ٿا، ان جي باري ۾ اوهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: شهري ماڻهن وٽ تائيم گهٽ آهي ان ڪري اهي اسان کي گهٽ ٻُڌنِ ٿا. باقي اسان سگهڙن سان اهي ادبي حلقا اختلاف رکن ٿا جيڪي پاڻ کي اعلىٰ تعليم يافته شاعر سمجهن ٿا. اسان جو ڪنهن سان جهيڙو نه آهي. سنڌ جي نامور ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي ماڻهو لوڪ ادب جي تعريف ڪئي آهي، باقي ٻين جي اختلافن سان ڇا ٿيندو!

سوال: ڇا هن وقت به سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سگهڙن جون ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون؟

جواب: اڄ کان ڏهه، پندرهن سال پهرين ته ٻهراڙيءَ ۾ اهي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون، پر هاڻي ڪجهه بدامني ۽ مهانگائيءَ جي سبب اهي، اوطاقون ويران ٿي ويون آهن. باقي اڄ به ڪيترائي اهڙا زميندار به آهن جيڪي پنهنجين اوطاقن تي سگهڙن جون ڪچهريون ڪرائين ٿا.

سوال: اوهان جي ڪا اهڙي خواهش جيڪا پوري نه ٿي هجي؟

جواب: منهنجي خواهش اها آهي ته اسان جي سنڌ ۾ اهڙي خوشحالي ۽ امن و امان ٿئي جو ٻهراڙيءَ جون اهي ويران ٿيل اوطاقون وري آباد ٿين.

سوال: اوهان کي ايوارڊ ڪهڙا مليل آهن؟

جواب: سگهڙ محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سميت ٻيا به ايوارڊ مليل آهن جن جا نالا ياد نه آهن. باقي ڄامشورو ۾ عاجز رحمت الله

لاشاري ۽ ميهڙ جي ايڇ ڏيپر مون سان رهاڻ رچائي هئي.

سوال: هن فن مان اوهان ڇا حاصل ڪيو؟

جواب: هن فن مون کي عزت ڏني آهي. پوري سنڌ ۾ منهنجي سڃاڻپ آهي اهو ئي مون لاءِ ڪافي آهي.

سوال: آخر ۾ پيغام ڪهڙو ڏيڻ چاهيندئو؟

جواب: سنڌ واسيو اوهان سڀني ڏات ڌڻين جو وڌ کان وڌ خيال رکو جو اهي به سنڌ جو سرمايو آهن.

محبوب ڏيپر کان ورتل هي انٽرويو انٽرنيٽ تي آن لائن موجود آهي. هن انٽرويو جي لنڪ هيءَ آهي.

sindhipeoples.blog.com>blog-post_8

محبوب ڏيپر بابت آن لائن خبرون

محبوب ڏيپر جن پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي شاعري پڙهي داد حاصل ڪيو آهي انهن پروگرامن جو اندازو ڪيس به نه آهي ته انهن جو تعداد ڪيترو هوندو. بلا شڪ پاڻ اڪثر سنڌي ادبي پروگرامن، محفلن، جلسن، ويهڪن، مهورتي پروگرامن، رهاڻين، ملهايل شامن ۽ ورسين تي منعقد ڪيل ادبي پروگرامن ۾ اڪثر شريڪ رهيو آهي. انهن پروگرامن بابت ملڪي اخبارن منجهه خبرون لڳل آهن. انهن اخبارن کي سنڀالڻ جي پاڻ به ڪوشش نه ڪئي اٿائين. اخبارن منجهه لڳل اهڙين خبرن جو نمونو هن ريت آهي.

گهاڙي ۾ قمبر شهيد درگاهه تي "قومي عوامي تحريڪ ميهڙ" پاران "محبت سنڌ مچ ڪچهري" ٿي.

”محبت سنڌ مچ ڪچهري“ جي صدارت قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر وڪيل منور جتوئي ۽ مهمان خاص سنڌ جي پهريون جوڙ جو ملهه پهلوان خدابخش حيدري، اعزازي مهمان ناليوارو سگهڙ محبوب علي ڏيپر هئا.

” محبت سنڌ مچ ڪچهري“ ۾ قومي عوامي تحريڪ تعلقي ميهڙ جو صدر فياض علي چانڊيو، جوائنٽ سيڪريٽري شبير احمد چانڊيو، ساجد علي سوڊر ۽ ناليوارو سگهڙ محبوب علي ڏيپر، حاجي محمد يونس چنو، صحافي پاويل جوٽيجو ڳوٺ گهاڙي اميديرو جا رهواسي علي اڪبر هالو، لياقت علي جوٽيجو، عبدالحميد جوٽيجو، علي انور جلباڻي، درگاهه جو فقير جميل احمد جوٽيجو، نبن جوٽيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ”محبت سنڌ ڪچهري“ ۾ نالي واري سگهڙ محبوب علي ڏيپر، حاجي محمد يونس چنو نئين نڪور شاعري ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو.

محبوب تنهنجي مانَ ۾ مان لِکي لِکان ڪيترو؟
جيترو به لِکندس دل کي تسلي نه ملندي اوترو،
تنهنجي سچائي لاءِ مون وٽ اهي الفاظ ئي ناهن،
جيڪو لِکيم ”انمول“ سمجهندس لِکي ورتم اڌ جيترو.
اعجاز علي سوڊر (انمول)

زندگي

ڏکن سکن جو سنگم آ هيءَ زندگي
محبت نفرت جو سنگم آ هيءَ زندگي
جيڪو ويو سو واپس ورڻو ناهي وري
هڪ دفعو ئي ملندي آ هيءَ زندگي
وڃائڻ نه گهرجي هن مليل هديي کي
ڏاڍي انمول هوندي آ هيءَ زندگي
ڪو ناڪاره ناهي قدرت جي ڪارخاني ۾
ڪنهن مقصد خاطر ملندي آ هيءَ زندگي
ڏاڍي محنت سان ڪجهه بقا ملي ٿي
ڪرڻ هرگز ضايع نه گهرجي هيءَ زندگي
ڪن ڏاڍو لطف ورتو آ هن منجهان
ڪن ڪارڻ عذاب بڻي آ هيءَ زندگي
ڪي جيئري دوزخ جو درد سهن ٿا
ڪن ڪارڻ جنت بڻي آ هيءَ زندگي
ڪن ميلا مچايا روح رهاڻيون ڪيون
ڪن تڙپندي گذاري آ هيءَ زندگي
ڪي هلندي راهه ڀٽڪي ويا هِتي
ڪنهن منزل ماڻي آ هيءَ زندگي
متان بيڪار سمجهڻ جي غلطي ڪريو
موليٰ جي مهرباني آ هيءَ زندگي
ڪيترو هلندي ڪانيو خان جي خاني

رب رحمان جي رحماني آ هيءَ زندگي
ڪڏهن قابو آ ڪنهن ڪوٽ منجهه
ڪڏهن ڪنڌ تي ڪاتي آ هيءَ زندگي
سُورن سان سَمايل ملي ٿي ڪنهن کي
ڪنهن لئہ سراپا سُور آ هيءَ زندگي
خوشين ۾ ٿي خيرو ڪري ڪنهن کي
ڪنهن لئہ نسورو ناسور آ هيءَ زندگي
ڪو خوب ڪمائي ٿو هن دنيا لاءِ
ڪنهن اجائي وڃائي آ هيءَ زندگي
هڪ عاشق خوب ٻڌايو هو تہ
بي بندگي سراپا شرمندگي آ هيءَ زندگي
ڪنهن غلاميءَ اندر گذاري آ هتي
راجا ٻڻجي ڪن راڄ ڪيو آ هيءَ زندگي
انمول عبرت حاصل ڪر وقت وڃئي ٿو
ڪڏهن نہ موٽي وري ملندي آ هيءَ زندگي

ڪوئي حُسن جي پنيان ٿو ڊوڙي
ڪنهن جي پنيان حُسن ٿو ڊوڙي
ڪوئي حُسن اڳيان روئي رڙي
حُسن ڪٿي ديدار لئہ ٿو ڊوڙي

سچ جو سَنيهو

ڪر سوچ سُڻي اڙي انسان عقل وارا
راهہ رَسُ رهنمائي واري ڀلي ذِهن وارا
موٽُ ملندئي اوچتو اونداهي وانگر
رهجي ويندئي حَسرتون حُسن وارا
رهجي ويران ويندي ان وقت تون
ملڪ الموت ايندئي ڪرڻ قيد پيارا
ڪندي مِنٿون آزيون تون گهڻيون
چوندئي ڇڏيندو سانءِ ڪونہ منٿ ڪرڻ وارا
ساهہ ڪيندُئي سُور ڏئي رٿُ روئاري
پوءِ بي جان بي حوصلا هوندي جان وارا
مُردو، مرحوم، لاش، جنازو لقب ملندَئِي
ڪٽي رکندئي کٽ تي مُحب مِلڻ وارا
دانهون درد واريون ڪندا ٻچا ٻار تنهنجا
روئندا پِٽيندا تو کي ڪرڻ پيار وارا
ڪندا دانهون لاش تنهنجو ڏِسي
سيئي دوست تنهنجا دلبر دل وارا
پرچائي سگهندي ڪنهن کي ڪِين تون
توڙي جو سڀ ڪجهہ ٻُڌندي ٻُڌڻ وارا
غسل ڏيندا تو کي ڏاڍي خيال سان
خوشبوءِ عطر بہ هڻندا تو کي چاهت وارا
جنازو پڙهندئي پنهنجا توڙي پراوا

منهن ڏسي موڪلائيندا مِلڻ وارا
ڪُلهو ڏئي قبر تائين هلندا هَڙئي توسان
دانهون ڪري دفنائيندئِي دفنائڻ وارا
موڪلائي سگهندي ڪِين تون ڪنهن کان
رکي حَسرت هليو هلندي هلڻ وارا
مجبور هوندَي تون مِير مُعتبر ماڻهو
لاچار ٿي رهندي محبتون وَندڻ وارا
ڪري بند ڪاري قبر اندر تو کي
واپس ورندا تو سيئي ورڻ وارا
ڪندين وَس وڏا روئي رَڙي تون
هوندا ڪير نہ تنهنجون دانهون ٻُڌڻ وارا
يار دوست مِٽ عزيز اڪيلو ڪري
هلندئي ساڻ ڪو بہ نہ خوش ٿي ڪِلڻ وارا
دنيا جي ڪا عشرت نہ ملندئي هوش ڪر
ڪفن بہ يا نصيب ٿئي قرب وارا
ڪم ڪهڙي جون پوءِ هي ڪُل ڪَمايون
دنيا جون هي آسائشون عيش ڪرڻ وارا
دنيا جو ايڏو حرص نہ رک تون اي بندا
دنيا جي لالچ ۾ خدا کي وِسارڻ وارا
حق حساب تہ قبر اندر ئي ٿيندُئِي
الله جي عبادت کان او نٽائڻ وارا
قيامت تہ پري جي ڳالهہ آ اي ميان
قبر جو درد ڏاڍو ڏکيو آ دل وارا

عذاب قبر هڪ رات پوري حياتيءَ جي
ڪِل ڪسِڻُ اٿئي غِفلت ۾ گذارڻ وارا
ايئن بہ ناهي تہ ڪو خدا کان وِسريل هِين
خدا کي ياد آهين تون خدا کي وِسارڻ وارا
بس انمول ٿا سمجهائي تو کي ادا
سوڍِر خود گنهگار، سمجهہ سمجهڻ وارا

ڪوئي هلائي حِيلا حُسن لئي
ڪنهن آڏو حُسن مجبور آ
ڪوئي حُسن سان خوشيون ٿو ماڻي
ڪنهن لئہ حُسن سڄو سُور آ

جن وٽ حُسن آهي، تن وٽ حسن جو قدر ناهي
جن وٽ حُسن جو قدر آهي، تن وٽ وري حُسن ناهي

ڪنهن کان پڇيم، محبت مِليئي؟ يڪدم چيائين، محبت رُلايم، چيم قرب مِليئي؟ چيائين قرب ڪُنو، چيم پيار مِليئي؟ چيائين پيار تہ پرايو هو، چيم دل مِليئي؟ چيائين دل تہ وِيران ڪيو، چيم چاهت مِليئي؟ چيائين چاهت تہ چريو ڪيو، چيم ڀلا يار مليو؟ چيائين چريائپ وارو تو سوال ڪيو، سڀ ڪجهہ نہ مِلي هان، يار تہ ملي هان، پر يار نہ مليو، تڏهن تہ ڪجهہ نہ مليو، بس ويران دل آ، رڙندڙ روح آ، جلندڙ جدائي ۾ وينو آهيان پرين جي پسگردائيءَ ۾.

کاش میں شاعر ہوتا تو میری شاعری ہوتی،
میرے دل میں رہتی، نہ من سے جدا ہوتی،
کاش میں مصنف ہوتا تو میری ڈائری ہوتی،
میرے پاس رہتی، نہ مجھ سے جدا ہوتی،
کاش میں قلم ہوتا تو میری سیاہی ہوتی،
میں تیرے بغیر کچھ نہ ہوتا، تو میرے اندر ہوتی،
کاش میں الفاظ ہوتا تو میری کتاب ہوتی،
تیرے بغیر کہیں نہ ہوتا، نہ تو مجھ سے جدا ہوتی،
کاش میں چاند ہوتا تو میری چاندنی ہوتی،
تیرے سوا نہ میں جیتا، نہ تو میرے سوا ہوتی،
مگر میرے ایسے نصیب کہاں ہیں انمول کہ،
میں کوئی دل ہوتا تو میری جاں ہوتی۔

ڪوئي حُسن جي خاطر چريو بڻيو
وري ڪنهن خاطر حُسن چريو بڻيو
ڪنهن کي حُسن هٽي گل ٿو
ڪنهن کي وڃي حُسن پٽر هٽيو

نظم

الفتون ڏِکيلي ڪُلفتن کي اچڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
پيار پري ڪري نفرتن کي اچڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
توهان جوڳا توهان دودا، توهان هوشو توهان هَيمو،
پنهنجا رَولي ڌارين کي اچڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
سنڌ امڙ جي سِينڌ سُنجي ٿيندي پئي وڃي،
پنهنجا اباڻا وٿاڻ وِيران ٿيڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
محبت وَڃي پَئي رَوئندَي رستا نِهاري نِهاري،
ايئن لاوارث پراڻي پريت وڃڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
مسڪين روئندو رهي، ڪِيهون ڪندو رهي،
پنهنجي دلين منجهه سنگدلي رَسڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
جيڪو وقت وَيَڙو موٽي واپس ڪِين ايندو،
پنهنجي يادن منجهه مَير اچڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
ايندڙ وقت آئينو مُستَقبِل جا مَعمار توهان هو،
پنهنجي نسلن لاءِ ڪُڌو ڪردار رهڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
سنڌ منهنجي صدين کان سُورن منجهه رهي آ،
هن پَوِتر پونءِ ۾ پَليت پَير پَوَڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
پنهنجن جا مارا پاڻ بڻيا آهيو هوش ڪيو!
بلبل بنا هوندو وِيران چَمن ٿيڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
عقل اڳيان پردو پئجي ويو ڇو اسان جي؟
پنهنجي پُونءِ جا هِي پتر ڪٽڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
جيجل جي جهولي اڪثر رَتَ هاڻي رهي ٿي،

سنڌ جا وارث سِنڌي جَوڌا مَرڻ چو تا چڏيو؟
بابل جي اکين ۾ ھي آب اڄ مندائتو ڏِسو،
محسنن جي نيڻن ۾ نِير اڇڻ چو تا چڏيو؟
سنڌ سموري سُڪائڻ جي سازش رَچي رھي آ،
پنھنجن پَيرن مٿان ڪھاڙو ھَلڻ چو تا چڏيو؟
سنڌي ميزبان بڻجي محبت ۾ مات ڪائي ويا،
ھي قورو اَٿوَ اھي سجاڻڻ چو تا چڏيو؟
انمول وقت اَٿوَ سِنڌي سڀ سجاڳ ٿي وڃو،
سوڍر سُستي ڪري سُور اچڻ چو تا چڏيو؟

ميھڙ سندو ھي ماڻھو مَھان آ،
عجب الفت پريو انسان آ،
ڪولي ڏس تون ڏيپر ڪي انمول،
محبوب سگھڙ اسان جو شان آ
اعجاز علي سوڍر "انمول"

ڪنھن ڪئي غلامي حُسن
ڪنھن جي غلامي حُسن ڪئي
ڪنھن کي دنيا ۾ ٿو شان شوڪت بخشي
ڪنھن جي وري ڪئي بربادي حُسن
اعجاز علي سوڍر "انمول"

محبوب تي لکيل منھنجو شعر

محبوب جي سِيرت سراسر سچائي سان ڀريل آ
محبوب جي مُورت سراسر ڀلائي سان ڀريل آ
ڏيپر ڏاھو منھنجي ڏيھ جو دلبرانہ طبيعت وارو
مَنُ ھن محبوب سَندو سراسر محبت سان ڀريل آ
جگر شير جو ڏاري، ڏارين لئي للڪار بڻيو ھي جوان
ڪُدورت ڪِينو ڪونھي سراسر قُرب سان ڀريل آ
حق سچ منھن تي ٿو چوي، ڏيپر جو ڏھڪاءُ ڏسو
سِينو سپرد رھيو سدا سراسر ھمٿ سان ڀريل آ
جانچي ڏسو ڀلي ھن جوان جي جا ساراھ سُٺي ٿم
ڪردار ھن ڪمانڊر جو سراسر الفت سان ڀريل آ
ميھڙ منجھہ ٿو وِيرتا جو ھي وِير سجھي
جنھن جو سموري حياتي ھشمت سان ڀريل آ
قرب ۾ ڪُنل ڏنو مون محبوب کي آھي
ڏات جو جاڪوڙي جوان محنت سان ڀريل آ
مِھمان نوازيءَ ۾ مور رھيو ھي مَھان ماڻھو
ڏيپر جو شوق شان و شوڪت سان ڀريل آ
نياز، نوڙت، نھٺائي سدائين ھن سُھٹي ڪي
رحمدلي، رضا، روحاني روايت سان ڀريل آ
ناز ڪيون چو نہ سندس نِھوڙ ڏسي اسان
ھي شخصيت نماڻائپ واري نوڙت سان ڀريل آ
محبوب مَحو پنھنجي منزل ماڻڻ لاءِ رھي ٿو

راتين جا اوجاڳا ڪرڻ جي عادت سان پريل آ
ميھڙ سان محبت سندس مثالي ٻڌجي وئي
ڪردار ڏسو ڪُونڌر جو ڪُل غيرت سان پريل آ
سوڍر اھڙن ڪي ساراھ سونھين ٿي ير
”انمول“ ھن حبيب جي عمر عبادت سان پريل آ

محبوب ڏيپر تنھنجي مانَ ۾ مون جيڪو بہ لکيم

محبوب ڏيپر تنھنجي مانَ ۾ مون جيڪو بہ لِکيم،
سمجھان ٿو پوءِ بہ ڪري حق ادا نہ اھڙو سگھيم،
سُگھڙ سُريلو بيشڪ پلارا آھين ان ڪان انڪار ڪونھي،
شاعري سَندو مِير مَھان آھين ان ڪان انڪار ڪونھي،
ماڻھو محبتي الفت انسانيت سان سَجيل سراپا تون،
صورت جھڙي سِيرت سچائي سان سَجيل سراپا تون،
محبت مِناس پريو مانيٺو ماڻھو مون ڏٺو توڪي آھي،
ناھي ضرورت ٻين جي گواھيءَ جي مون ڏٺو توڪي آھي،
سنڌ امڙ جو سچو سُورمو، ڌارين لئي للڪار ٻڻيو ھِين،
بنا ڪنھن لالچ مسڪين مارُوئڙن جو سھڪار ٻڻيو ھِين،
ادب سان آ ڏاڍو چاھ تنھنجو، ميھڙ ۾ آ ساھ تنھنجو،
سگھڙن جو شانُ سُجھين، وَيرِيُن تي آڪاھ تنھنجو،
تو ثنا ڪئي ڪافي ستار سَندي، حمد ڪئي حبيب سَندي،
ڌرتي ماتا سان نينھن نڀائي، واڪاڻ ڪئي وِيرَن سَندي،
”سوڍر“ سھٽا تنھنجي سِيرت مٿان لکي سگھندو ڪيترو،
جيڪو وقت مليو في الحال ”انمول“ لکي ورتم اوترو.

منھنجو غير منقوط شعر

معصوم مُرڪ ماھِ لَڪا ماٽڪ مالھا
وِصال وُصول مِھر مالڪ سِڪَ سالھا
ماڻھو مَلوڪ واڪاڻ وارا سراسر سارا
سرڪار سھٽل ساماٽو دلدار دل وارا
سُرور سارو مسودو مُرڪ مالھا مَھمل
لالڻ لوڪ لاءِ درڪار آ دلاسو مڪمل
عمومًا احوال اورڻ اصل اَمر درڪار آ
دراصل واڪاڻ مَسرور مسودو سرڪار آ
مَرڻ مِھٽو وِصال سوا وارو گوارا مَ ھوءِ
سُور ساماٽو دِل سوا صَدر گوارا مَ ھوءِ
مرد مُرسل مَحور واڪاڻ ساڻ ورٽو آ
علم عدل عمل ڪم اھو ڪرٽو آ
مددگار مام مِھر سُڪ سُرور سَورڻ
دراصل دَرمل اھو مُرڪڻ ساڻ مَرڻ
اولاد اھو درس حاصل دلاور داد رَس
ھر مولود سلسلو سارو عموم عام رَس

ٽيندو نيٺ سويرو

جاڳي جڏ منهنجا هي جوان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
خالي ٿي تڏ هي پوتار خان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
منهنجا وير ستل سوير آهن جاڳيا ته
پورا ٿي پوءِ هي شاهي شان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
پنهنجي مستيءَ ۾ مگن آهن
اٿيا ته پورا ٿي سڀ ارمان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
هلن ٿا همٿ ساڻ هي منهنجا مير
هڪل ساڻ ٿي هاٿي حيران پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
گهمندا جڏ هي جوان غيرت سان
دهڪي سڀ هي دهمان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
هٿيار سجايل سندن هٿن ۾ هوندا
ٿي ويرين جا وٿاڻ ويران پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
هوشو هيمو هتي جاول آهن
آيا ته ٿي خطا عدوا اوسان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
سانجهي سويري ساريان ٿو مان
ڪڏهن ته سپنا سجائڻ آسان پوندا
ٽيندو نيٺ سويرو
انمول نيٺ ايندا هو اوتارا بڻجي
سوڍر جو ٿِي پوءِ اعلىٰ شانُ پوندا

مڻ مٽيءَ جي هيٺان

هلندي هڪ ڏينهن مڻ مٽيءَ جي هيٺان
هيڪلو هوندين تون مڻ مٽيءَ جي هيٺان
سڀ ساٿي هتڙي ئي ساٿ ڇڏي ويندئي
روئندي پاڻ اڪيلو تون مڻ مٽيءَ جي هيٺان
ڪوئي پُرسانِ حال نه هوندئي تنهنجو
گذاريندي صديون تون مڻ مٽيءَ جي هيٺان
هت سراپا ضدِ هٺ ۽ انا آهي تو ڪي بندا
سراپا عاجز هوندي مڻ مٽيءَ جي هيٺان
خوشبوءِ عطر هٽي هتي گهمندو آهين
بدبوءِ ۾ رهندي تون مڻ مٽيءَ جي هيٺان
سوين سينگار روز ڪرين تو راٽا هتڙي
سڀ سينگار ڀُلي ويندي مڻ مٽيءَ جي هيٺان
هتي طرح طرح جا طعام ڪائين ٿو اي ميان
ڪيڙن جو ڪُوت هوندي مڻ مٽيءَ جي هيٺان
جن مٽان تون هتي ناز ڪرين ٿو اي نادان
اتي ڪوئي نه هلندئي مڻ مٽيءَ جي هيٺان
روشنيءَ ۾ رهڻ جو عادي آهين تون هتڙي
سراسر اونداهه اٿئي مڻ مٽيءَ جي هيٺان
اگر توکي غرور آ ايترو پنهنجي علم مٿان
صرف سوچ ڇا ٿيندو مڻ مٽيءَ جي هيٺان
تو ڪي گر ڊيجاري قرآن نه سگهيو انمول
پاڙهي سمجهي ويندي مڻ مٽيءَ جي هيٺان

زندگی کے بدلے رنگ ہزار دیکھے، کہیں ماتم کہیں جشن مناتے دیکھے،
کہیں وفا ذلیل ہوتی رہی، کہیں دھوکے مزے میں دیکھے،
کہیں چاہت سے نفرت، کہیں دغا پر سر کٹتے دیکھے،
کوئی پیار سے نفرت کرتا ہے، کئی فریب پہ جان نثار دیکھے،
کہیں سسکتے چہرے ہیں، کہیں گلاب مرجھاتے دیکھے،
کوئی ایمانداری پر کٹ مرا، ہزاروں بے ایمانی پر پلتے دیکھے،
لاکھوں سر کٹے غیرت پر، کئیوں کے سر بے غیرتی میں جھکے دیکھے،
کوئی سچا پیار کر کے بھی رویا، بہت سے ہوس کے مزے لیتے دیکھے،
چاہت کو آنکھ ہی پہچان پاتی ہے، کافی آنکھوں والے اندھے دیکھے،
کوئی جھوٹ پر کامیاب ہو گیا انمول، لاکھوں سچ بولنے والے روتے دیکھے۔

یہ رنگین دنیا ہے یہ با مزہ محفلیں ہیں
یہ بارونق بازار ہیں یہ پیار کی چاہتیں ہیں
سب کچھ چھوڑ کر تنہا سفر پر نکل جائیں گے
سب حوالے کر کے اوروں کو ہم روانا ہو جائیں گے

جو کچھ میرا ہے وہ اوروں کے نام لکھ دیا گیا
ہائے بے بسی جدائی کو میرا ہم سفر لکھ دیا گیا
کتنی حسرت و ندامت کروں میں خود پہ انمول
تنہا اکیلے ہی میرا اس دنیا سے گزر لکھ دیا گیا

آنکھوں میں کئی سپنے سجا کر جائیں گے
کچھ اپنوں کو ہی ہم رلا کر جائیں گے
چھوڑ جائیں گے سب کچھ یہاں انمول
ہم تو بے بس اور تنہا ہی جائیں گے

ہاتھ اٹھتے ہیں دعا کے لئے تو بے ساختہ رونا آتا ہے
دوسروں کے اعمال کیا دیکھیں، خود پہ ہی رونا آتا ہے
سنن نوافل کی کیا بات کریں، ہم سے تو فرائض قضا ہو گئے
شرمندہ ہیں جب یاد آتا ہے امت ہیں تو رونا آتا ہے
کافر کو دیکھتے ہیں تو حسرت سی ہوتی ہے انمول
نبی کی وفا یاد آتی ہے تو بے ساختہ رونا آتا ہے

ثمر ڪڻ سنباهي، اڳتي آڙانگو سفر ڪرڻو اٿئي،
هلندئي ڪوئي نا بس تنهين تنها هلڻو اٿئي،
دنيا جو مال متاع سڀ هتي ڇڏيندي تون،
جيڪو هت ڪمائيئي اهو ساڻ هلڻو اٿئي.

ساٿي ۽ سونهان

1. بخاري، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري
2. ٻگھيو، حاجي عبدالڪريم، سدائين سفر ۾، ص 102، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ پريس 2012ع.
3. پناڻ، آغا نورمحمد، سنڌ سجاڳ سگھڙ ڊائريڪٽري، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي 2005ع.
4. جوکيو، انور، وڻ وڻ ٽاري، ڪي اين شاھ، لاڪير پريس 1999ع.
5. جهتيال، فقير محمد منل، منل ماڳ وسن، ڇاپو پھريون،
6. چانڊيو، ساجد، سرهاڻ جا گيسو، ڇاپو پھريون، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو 2020ع.
7. چنو، شفيق احمد، آس، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2017ع.
8. ڏيرو، حبيب الله، حضوري، موهيا ڪنهن نہ مال، ڇاپو پھريون، ميهڙ، سيد حاجي علي اڪبر شاھ يادگار ڪاميٽي ميهڙ ضلع دادو 2000ع.
9. سولنگي، محمد عرس اظهر، دادو ضلعو هڪ اڀياس، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ 2013.
10. سوڍر، اعجاز علي، مولانا، مَهان ماڻهو ميهڙ جا، حيدرآباد، شاد پبليڪيشن 2021ع.
11. گوپانگ، ديدار شاھ، ڏيئا جرڪيا ڏيھ ۾، ڇاپو پھريون، حيدرآباد، سمبارا پبليڪيشن 2019ع.
12. گوپانگ، ديدار شاھ، سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو، ڄامشورو، موسئ پبليڪيشن 2018ع.
13. ڳورڙ، الهرکيو، جيون سفر سِڪَ جو، حيدرآباد، پارس پرنٽرز گاڏي کاتو 2011ع.
14. مهيسر، اويس قرني، نيڻ پرينءَ جي آسري، حيدرآباد، سحر پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو 2013ع.
15. ڏيپر، محبوب علي، منا ٻول محبوب جا، حيدرآباد، الرزاق پرنٽنگ ايجنسي 2010ع.
16. ڏيپر، محبوب علي، پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ، حيدرآباد، راحيل ڪمپوزرس فريد اسٽريٽ ڪوڪر محلا گاڏي کاتو 2013ع.
17. ڏيپر، محبوب علي، موتي محبوب جا، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2015ع.
18. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام محبوب ڏيپر، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2016ع.

19. ڏيپر، محبوب علي، محبوب ۽ ميهڙ، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017ع.
20. ڏيپر، محبوب علي، ڏاتر مون کي ڏات ڏني، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2018ع.
21. ڏيپر، محبوب علي، نعتون نانءِ حبيب جي، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.
22. ڏيپر، محبوب علي، اسان پٽ هاريءَ جا، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.
23. ڏيپر، محبوب علي، مون پيو نور نچوڙيو، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2020ع.
24. ڏيپر، محبوب علي، ڪلام دائود، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.
25. ڏيپر محبوب علي محبوب، مون جيئن ڏٺو محبوب کي، حيدرآباد ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019ع.
26. ڏيپر، محبوب علي، ٽانڊن تي پَير، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.
27. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، سوينيئر 2015ع هاءِ اسڪول وَن ميهڙ، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2015ع.
28. سنڌ سلامت فورم، ص 62، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021ع.
29. شاھ، ديدار گوپانگ، غزل رنگ، حيدرآباد، ايس ايم ڊجيٽل پرنٽنگ 2022ع.
30. فقير محمد شاھ بخاري، مولانا، حافظ، پرينءَ جي پچار، ڇاپو پھريون، ص 89، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2016ع.
31. ڳورڙ، اعجاز، جڻ ڏٺو جن، ص 125، ڪراچي، بشارت پبليڪيشن 2014ع.
32. مشتاق بخاري، هاءِ ڪيڏو پري ويو آهين، لاڙڪاڻو، بخاري پبليڪيشن 2022ع.
33. مگسي، عبد، عبدالستار، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، حيدرآباد، سنڌ راڻي پبليڪيشن 2021ع.
34. مهيسر، محمد صديق، تنهنجي سُهڻي سار، ص 37، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر 2010ع.

Abassi, Niaz Ali, Doctor, Dadu at a Glance, p 271, Dadu, District administration, 2011

اخبارون

1. روزاني شام حيدرآباد، آچر 5 ڊسمبر 1999ع
2. روزاني آفتاب اخبار، مجتا ڪارنر، اڱارو 20 جولاءِ 1999ع
3. روزاني ڪاوش شمارو 110، آچر، 21 نومبر 1999ع
4. روزاني سنڌ حيدرآباد، جمعو 28 جنوري 2000ع

5. روزاني عبرت حيدرآباد، چنڇر 21 جنوري 2000ع
6. روزاني الک، آچر 30 جنوري 2000ع
7. روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، چنڇر 29 جنوري 2000ع سال 54، شمارو 27.
8. روزاني عوامي آواز حيدرآباد، آچر، 8 ڊسمبر 2013ع
9. روزاني شام حيدرآباد، چنڇر، 10 آگسٽ 2002ع، جلد 3، شمارو 336.
10. روزاني جيجل حيدرآباد، اڱارو، 15 سيپٽمبر 2015ع.
11. روزاني ڪاوش حيدرآباد، جمع 7 آڪٽوبر 2016ع جلد 27، شمارو 64.
12. روزاني ارادو لاڙڪاڻو، سومر 7 نومبر 2016ع، جلد 3، شمارو 305
13. روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، اربع، پهرين مارچ 2017ع، سال 50، شمارو 217.
14. روزاني جهونگار ڪراچي، آچر، 22 جنوري، 2017ع، جلد 5، شمارو 183
15. روزاني وفاءِ سنڌ ڪراچي، اربع، پهرين مارچ 2017ع، جلد 3، شمارو 81.
16. روزاني جهونگار ڪراچي، اربع، پهرين مارچ 2017ع، جلد 5، شمارو 221
17. روزاني خبرون ڪراچي، اڱارو، 22 مئي 2018ع، جلد 15، شمارو 136.
18. روزاني محور ڪراچي، اڱارو 22 مئي 2018ع، بمطابق 6 رمضان المبارڪ 1439ھ.

رسالا

1. ماهوار هزار داستان، ڊسمبر 2018ع، جلد / سال 30، شمارو 2.
2. آواز سنڌ جي ڊسمبر 2019ع جي شمارو 9.
3. ٽه ماهي مهراڻ، جلد 7، شمارو 4، آڪٽوبر - ڊسمبر 2020ع، ص 148، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
4. ڪارونجهر تحقيقي جرنل جلد 6، شمارو 11، 2014ع.
5. قادري، مولانا غلام عباس، ماهوار صراط الهدي، ص 27، سلسلو 33، ڊسمبر 2006، ڪراچي، احمد پرنٽنگ پريس.